# امام غزالي

# ڪيمياءِ سعادت

## حصو اوّل

سنڌي ترجمو

پروفيسر غلام حسين جلباڻي

ڊجيٽل ٽيڪسٽ اينٽري

عبدالرحيم نظاماڻي

پهرين ڊجيٽل ايڊيشن


**Sindhi Digital Books**

Conceived, designed and published by

**Abdul-Majid Bhurgri**

majidbhurgri@yahoo.com

www.sindhicomputing.com

# فهرست


## عنوان پهريون: پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ

فصل پهريون: آدميءَ کي ڪيترين شين مان پيدا ڪيو ويو آهي

فصل ٻيون: دل جي حقيقت سڃاڻ

فصل ٽيون: دل جي حقيقت

فصل چوٿون: آدميءَ کي جسم جي ضرورت آهي

فصل پنجون: دل جي لشڪرن جو مثال

فصل ڇهون: آدميءَ منجهه چڱيون ۽ مٺيون خصلتون ڪيئن ٿيون پيدا ٿين

فصل ستون: ڪهڙي طرح آدميءَ جو اصل فرشتن جو جوهر آهي

فصل اٺون: دل جي عالم جا عجائب

فصل نائون: دل جي دري، بيداريءَ ۾ پڻ عالم ملڪوت ڏانهن کليل رهندي آهي

فصل ڏهون: سيکو آدمي خاص فطرت تي جمي ٿو

فصل يارهون: دل جو شرف، از روي قدرت

فصل ٻارهون: نبوت ۽ ولايت جي حقيقت

فصل تيرهون: ڪهڙيءَ طرح چئبو تہ سلوڪ جي واٽ ۾ علم هڪ حجاب (اٽڪ) آهي

فصل چوڏهون: آدمي جي سعادت (خوشي) الله تعالیٰ جي معرفت ۾ ئي آهي

فصل پندرهون: آدميءَ جي جسم ۾ الله تعالیٰ جي صفت جا عجائب غرائب

فصل سورهون: انسان هن جهان ۾ نهايت عجز ۽ نقصان ۾ آهي

## عنوان ٻيون: الله تعالیٰ کي سڃاڻ

فصل پهريون: نفس جي معرفت، الله تعالیٰ جي معرفت جي ڪنجي آهي

فصل ٻيون: حق تعالیٰ جي تنزيہ ۽ تقديس سڃاڻ

فصل ٽيون: حق تعالیٰ بادشاهي ڪيئن ٿو هلائي، تنهن جي معرفت

فصل چوٿون: طبيعيءَ ۽ نجوميءَ جي ماڪوڙي سان تشبيہ

فصل پنجون: ماڻهن جي، اندن جي ٿولي سان تشبيھ
فصل ڇهون: شريعت جي متابعت ئي سعادت جي واٽ آهي
فصل ستون: غلط رستا ۽ اباحتين جي جهالت جا سبب

## عنوان ٽيون: دنيا کي سڃاڻڻ

فصل پهريون: آدمي دنيا ۾ ڇو آيو آهي
فصل ٻيون: دنيا جي حقيقت، ان جي آفت ۽ ان جو غرض
فصل ٽيون: ٽي شيون دنيا جو اصل آهن، ڪاڌو، ڪپڙو ۽ گهر
فصل چوٿون: دنيا جي جادوءَ جا مثال ۽ دنيا وارن جي غفلت
فصل پنجون: سڀڪا دنيا جي شيءِ مذموم ناهي

## عنوان چوٿون: آخرت کي سڃاڻڻ

فصل پهريون: جسماني ۽ روحاني بهشت ۽ دوزخ
فصل ٻيون: موت جي حقيقت
فصل ٽيون: تنهنجي 'تُوئي' (حقيقت يا ماهيت) هن جسم تي منحصر نہ آهي
فصل چوٿون: انساني روح جو اعتدال ڪيئن رکجي
فصل پنجون: حشر، نشر، بعث ۽ اعاده جي معنيٰ
فصل ڇهون: هن دنيا ۾ بهشت ۽ دوزخ جو مشاهدو
فصل ستون: قبر جي عذاب جي معنيٰ
فصل اٺون: قبر جي عذاب جي حقيقت ۽ ان جا درجا
فصل نائون: قبر جي نانگن کي ظاهري اکين سان ڏسي نٿو سگهجي
فصل ڏهون: قبر جو عذاب سڀني لاءِ ناهي
فصل يارهون: قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جي واٽ
فصل ٻارهون: روحاني دوزخ ۾ ٽن قسمن جي باھ
فصل تيرهون: روحاني باھ جسماني باھ کان وڌيڪ دردناڪ آهي
فصل چوڏهون: ٿوري گمان تي آخرت جو انڪار ڪرڻ روا ناهي

## عنوان پهريون

# پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ

توکي هي معلوم هئڻ گهرجي ته پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ، الله تعالى کي سڃاڻڻ جي ڪنجي آهي. تنهنجو نفس، تو وٽ، ويجهي ۾ ويجهي شيءِ آهي. جيڪڏهن تون پاڻ کي نٿو سڃاڻين ته ٻين شين کي ڪيئن سڃاڻندين؟ پر جي تون چوين ته مان پاڻ کي سڃاڻان ٿو ته اهو صحيح نه آهي، ڇالاءِ جو اهڙيءَ سڃاڻ الله تعالى جي معرفت جي ڪنجي ٿي نٿي سگهي. تون ته فقط پنهنجي ظاهر- هٿن، پيرن، گوشت، چمڙيءَ ۽ مٿي -کي سڃاڻين ٿو، باقي اندر جي توکي رڳو هيءَ خبر آهي ته جڏهن بک لڳيئي ٿي ته ماني کائين ٿو ۽ ڪاوڙ لڳيئي ٿي ته وڙهين ٿو وغيره، تنهنڪري توکي پنهنجي حقيقت کان واقف ٿيڻ گهرجي ته تون ڪهڙي شيءِ آهين، ڪٿان آيو آهين ۽ ڪاڏي ويندين؛ هن دنيا ۾ ڪهڙي ڪم سان آيو آهين ۽ تنهنجي نيڪي ۽ برائي ڇا ۾ آهي. تنهنجي اندر ۾ جو مختلف صفتون آهن، ڪي حيواني ته ڪي روحاني، انهن مان ڪهڙين کي زور ونائجي، جو تون وڃي الله جي حضور کي رسين، جنهن کي عام ماڻهو بهشت چون ٿا.

## فصل پهريون

# آدميءَ کي ڪيترين شين مان پيدا ڪيو ويو آهي؟

هاڻي ڪن لائي ڄاڻ، توکي ٻن شين مان پيدا ڪيو ويو آهي. هڪڙي، تنهنجو هي ظاهري جسم آهي، جنهن کي ظاهري اک سان ڏسي سگهجي ٿو، ٻي، تنهنجي باطني (اندرين) حقيقت آهي، جنهن کي نفس، دل ۽ جان چون ٿا، ۽ ان کي ظاهري اک سان ڏسي نٿو سگهجي. اسان ان جو نالو دل رکيو آهي، ۽ جڏهن اسين دل بنسبت ڪجهه به چئون ته ان مان اسان جي مراد انسان جي حقيقت آهي. ڪنهن وقت ان کي روح ۽ نفس به چون ٿا. ان دل مان اهو گوشت جو ٽڪرو هرگز مراد نه آهي، جو سيني جي کاٻي پاسي آهي - اهو ته جانورن ۾ به آهي - گوشت جو اهو ظاهري ٽڪرو دل لاءِ سواري آهي، ۽ جسم جا سڀ عضوا سندس لشڪر آهن، ۽ پاڻ ساري جسم جي بادشاه آهي. خدا تعالى جي معرفت حاصل ڪرڻ ۽ ان جو مشاهدو ماڻڻ، سندس صفت آهي. عبادت ان لاءِ فرض آهي، ثواب ۽ عذاب به ان لاءِ ئي آهي. انهن سيني ڳالهين ۾ جسم ان جو زيردست آهي. ان جو اصلي مڪان الله تعالى جو جناب آهي. اُتائين آئي آهي ۽ اوڏانهين موٽي ويندي. هت محض مسافر طور ڪيتيءَ واڙيءَ لاءِ آيل آهي.

## فصل پيون

# دل جي حقيقت سڃاڻ

انسان کي پنهنجي هستيءَ ۾ ته ڪوبه شڪ نه آهي. هو جيڪڏهن پنهنجون اکيون ڪٽي بند ڪري، ۽ پنهنجي جسم کي وساري ڇڏي، ۽ زمين ۽ آسمان ۾ هر شيءَ، جا اکين سان ڏسي سگهي ٿو، سا ڪٽي فراموش ڪري، ته به هو پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻي ۽ پاڻ کي سمجهي وجي ٿو. پر جيڪڏهن ڪو شخص ان ۾ چڱيءَ طرح غور ۽ فڪر ڪري، ته ڪجهه آخرت جي حقيقت به معلوم ڪري وجي، ۽ هن ڳالھ کان به باخبر ٿي وجي ته جڏهن سندس جسم کانئس جدا ڪيو ويندو، تڏهن به سندس (هستيءَ، حقيقت جو) قائم رهڻ ۽ فنا نه ٿيڻ ضروري آهي.

## فصل ٽيون

# دل جي حقيقت

دل جي حقيقت ته اها ڪهڙي چيز آهي ۽ سندس خاص صفت ڪهڙي آهي، تنهن جي ٻڌائڻ کان شريعت منع ڪئي آهي. فقط هي معلوم آهي ته اها الله تعالى جو هڪ امر (حڪم) آهي. هيءَ جسم وانگر تقسيم پذير (ورهائجي سگهندڙ) نه آهي، ڇا لاءِ جو جيڪڏهن اها تقسيم قبول ڪرڻ جي لائق هجي ها، ته ان جي هڪ طرف ڪنهن شيءَ جي ڄاڻ هجي ها ته ٻئي طرف لاعلمي (جهل). هڪ ئي وقت ڪا شيءَ عالم به هجي ۽ جاهل به، هيءَ ڳالهه محال آهي. جن ڄاڻهن "روح" (دل) کي قديم سمجهيو آهي يا "عرض" تسليم ڪيو آهي، سي غلطيءَ تي آهن. "روح" مخلوق آهي، ليڪن (برخلاف ٻي مخلوق جي) فنا هرگز نه ٿيندو. "عرض" ته هرگز ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ جو "عرض" کي ته پنهنجو قيام ئي ڪونهي (خود بخود بيهي نٿو سگهي) ۽ ٻين شين جو تابع آهي، ليڪن آدميءَ جو روح سندس اصليت آهي، ۽ سارو جسم ان جو تابع آهي. جن ماڻهن وري روح کي جسم ڪري ورتو آهي، سي به سراسر ڀليل آهن، ڇا لاءِ جو جسم ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي سگهي ٿو، پر "روح" ٽڪرا ٽڪرا ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي. "روح" جي حقيقت کي ڄاڻڻ مشڪل آهي، ها جو ڪوئي مجاهدو يا رياضت ڪندو، سو ان جي حقيقت ڄاڻي سگهندو. رياضت کان اڳ دل جي لشڪر کي ڄاڻڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ ته جهاد بخوبي ڪري سگهجي.

## فصل چوٿون

# آدميءَ کي جسم جي ضرورت آهي

جسم آهي دل جي بادشاهي، جنهن ۾ دل جا مختلف لشڪر موجود آهن. دل کي پيدا ئي ان لاءِ ڪيو ويو آهي ته سعادت جي تلاش ڪري، جا الله تعالى جي معرفت ۾ ئي سمايل آهي. الله تعالى جي معرفت وري ان جي صنعت (ڪاريگري) مان حاصل ٿيندي آهي، جنهن جو تعلق هن حسّي جهان سان آهي. هن جهان جي عجيب ۽ غريب شين جي ڄاڻ وري حواسن جي ذريعي پرائي سگهجي ٿي، ۽ حواسن جي قيام جو دارومدار وري جسم تي آهي. معرفت آهي دل جو شڪار، ۽ حواس آهن سندس لاءِ ڦاسي (جن سان هوءَ شڪار کي ڦاسائي ٿي)، ۽ جسم آهي سندس لاءِ سواري (جنهن تي هوءَ چڙهي شڪار جي تلاش ۾ نڪري ٿي). انهيءَ غرض لاءِ دل کي جسم جي ضرورت پوي ٿي. جيئن ته جسم آهي مٽي، پاڻي، هوا ۽ باه مان نهيل، تنهنڪري فطرتاً ڪمزور آهي. انهيءَ ڪري بچاءَ خاطر کيس ٻن لشڪرن جي گهرج پوي ٿي. هڪڙو ٻاهريون، جهڙوڪ هٿ پير، منهن، معدو ۽ ٻيو اندريون، جهڙوڪ کائڻ ۽ پيئڻ وغيره جي خواهش. اهڙيءَ طرح ٻاهرئين دشمن کي دفع ڪرڻ لاءِ به کيس ٻن لشڪرن جي حاجت درپيش اچي ٿي. هڪڙو ٻيروني لشڪر جي، جهڙوڪ هٿ پير ۽ هٿيار، جي کيس ڏنا ويا آهن، ۽ ٻيو اندروني لشڪر جي، جهڙوڪ غصو ۽ خواهش. ڇاڪاڻ ته هيءُ ممڪن نه هو جو ڏسڻ کان سواءِ هوءَ ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري، يا دشمن کي هٽائي، تنهنڪري کيس

ادراڪي قوّتون بخشيون ويون، جن ۾ پنج ظاهري حواس آهن، جهڙوڪ ڏسڻ، سنگهڻ، ٻڌڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ، ۽ پنج باطني حواس آهن، جيئن ته قوّت تخيّل، قوّت تفڪّر، قوّت تحفّظ، ۽ قوّت توهّم، جن جي جاءِ دماغ آهي. هر هڪ قوّت کي پنهنجو خاص ڪم سونپيل آهي. جيڪڏهن ڪنهن هڪ ۾ خلل پئجي وڃي ته آدميءَ جو دين ۽ دنيا بگڙي پون. هيءُ ساروئي اندريون ۽ ٻاهريون لشڪر دل جو غلام آهي. جڏهن اک کي ڏسڻ جو حڪم ڪري ٿي، تڏهن اها ڏسڻ شروع ڪري ٿي، ۽ جڏهن زبان کي حڪم ڪري ٿي، تڏهن اها ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي وغيره. فڪر جي قوّت به ان جي چوڻ سان سوچڻ شروع ڪري ٿي. انهن سڀني کي دل جو فرمانبردار بنايو ويو آهي ته جيئن جسم جي حفاظت ڪن، ۽ دل پنهنجو توشو حاصل ڪري، پنهنجو شڪار پڪڙي ۽ پنهنجي سعادت جو ٻج پوکي وٺي.

## فصل پنجون

# دل جي لشڪرن جو مثال

دل جي لشڪرن جو تفصيل ته ڏکيو آهي، مگر هي سڀ توکي هن مثال مان معلوم ٿي ويندو. سمجهه ڪٿي ته تن (جسم) هڪ شهر آهي، هٿ پير ۽ عضوا شهر جا پيشه ور (ڪاسبي) آهن، شهوت (نفساني خواهش) ان شهر جي عامل (ڍل اوڳاڙيندڙ) آهي، غصو (ڪاوڙ) بمنزله پوليس ڪمشنر آهي، دل شهر جو بادشاهه آهي، ۽ عقل سندس وزير آهي. هاڻي بادشاهه کي هنن سڀني جي ضرورت آهي ته جيئن بادشاهيءَ جو ڪاروبار نيڪ هلي. ليڪن شهوت، جا ڍل اوڳاڙيندڙ آهي، سا ڪوڙي، واهيات ۽ نوڪڙ آهي، ۽ جو ڪجهه عقل وزير چوي ٿو، هميشه ان جي مخالفت ڪري ٿي، ۽ سدائين هن خيال ۾ رهي ٿي ته مملڪت جي ساري مال کي ڍل جي بهاني هٿ ڪري وٺان. غصو، جو پوليس ڪمشنر آهي، سو مزاج جو سخت ۽ تيز آهي، هميشه قرمار کي پسند ڪري ٿو، ۽ جهڙيءَ طرح بادشاهه سڀني ڳالهين ۾ وزير کان مشورو وٺندو آهي، ۽ ڪوڙي لالچي ڍل اوڳاڙيندڙ جي ڪن مهٽ ڪندو رهندو آهي، ۽ وزير جي خلاف ان جي ڳالهه نه ٻڌندو آهي، ۽ پوليس ڪمشنر کي ان جي مٿان مقرر ڪندو آهي ته جيئن ان کي زياديءَ کان روڪي، ۽ خود پوليس ڪمشنر کي به هيسايو، قبضي هيٺ رکندو ايندو آهي ته جيئن حد نه اورانگهي وڃي، ۽ ان جي ائين ڪرڻ سان ئي سلطنت جو انتظام درست هلندو آهي. اهڙي طرح سان، جيڪڏهن دل جو بادشاهه به پنهنجي وزير عقل جي صلاح سان ڪم ڪري،

۽ شهوت ۽ غصي کي عقل جو زيردست بڻائي ۽ ان جي چئي هيٺ رکي ۽ عقل کي انهن جي آڻ نه مڃائي، ته پوءِ بدن جي بادشاهيءَ جو انتظام ٺيڪ هلندو ۽ سعادت جي رستي تي گامزن ٿيڻ ۽ جناب الاهيءَ ۾ پهچڻ، ان لاءِ آسان ٿي پوندو. پر جي عقل کي شهوت ۽ غضب جو قيدي بڻايائين، ته بادشاهي ويران ٿي ويندي ۽ بادشاهه به هلاڪ ۽ برباد ٿي ويندو.

## فصل چهون

# آدميءَ منجهہ چڱيون ۽ مٺيون خصلتون ڪيئن ٿيون پيدا ٿين

دل کي پنهنجي ٻنهي باطني لشڪرن سان تعلق آهي، ۽ هر هڪ لشڪر مان ڪيس هڪ صفت ۽ خلق پيدا ٿئي ٿو. انهن اخلاقن مان ڪي برا اخلاق آهن، جي سندس تباهيءَ جو باعث بڻجن ٿا، ۽ ڪي ڀلا اخلاق آهن، جي ان کي سعادت تي پهچائين ٿا. اخلاق گهڻن ئي قسمن جا آهن، پر انهن کي چئن جنسن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙا چوپاين جا اخلاق، ٻيا درندن (ڦاڙيندڙ جانورن) جا اخلاق، ٽيان شيطانن جا اخلاق، ۽ چوٿان فرشتن جا اخلاق. لالچ ۽ شهوت سبب انسان چوپاين وارا ڪم ڪري ٿو، جيئن تہ کائڻ پيئڻ جو حرص وغيره. غصي جي ڪري ڪتي، سوئر ۽ شينهن جا ڪم ڪري ٿو، جيئن تہ مارڻ، قتل ڪرڻ، گاريون گند ڏيڻ وغيره. اهڙيءَ طرح سان مڪر، حيلي، ڪوٽ ۽ فتنہ انگيزيءَ ڪري انسان ڏئيٽ ۽ شيطانن جا ڪم ٿو ڪري، وري منجهس عقل جي ذات هئڻ ڪري انسان فرشتن جا ڪم ٿو ڪري، جهڙوڪ: علم، فضيلت، صلاح ۽ دوستي، ٻچڙن ڪمن کان پرهيز ڪرڻ، ماڻهن جي وچ ۾ ناهہ پيدا ڪرڻ، خسيس ڪمن کان پاڻ کي بچائڻ، ڪمن جي ڄاڻ پچاڻ حاصل ڪري خوش ٿيڻ، ۽ اڻڄاڻائي ۽ نادانيءَ کي عيب سمجهڻ. حقيقت ۾ گويا انسان جي سرشت ئي چئن شين جي نهيل آهي: ڪُتپائي، سوئرپڻو، شيطانيت ۽ فرشتہ - خوئي. ڪتو ڪو پنهنجي اصلي شڪل، گوشت ۽ پوست جي

ڪري برو ڪونہ آهي، مگر عادتن جي لحاظ کان برو آهي، جيئن تہ هو چڱي مٺي کي چنبڙيو وڃي. اهڙيءَ طرح سان سوئر پنهنجي صورت جي سبب ڪري خراب نہ آهي، مگر خبيث ۽ پليد شين جي طمع ۽ حرص جي ڪري برو آهي. هيءَ آهي ڪتيپائي ۽ سوئرپڻي جي حقيقت جي معنیٰ، ۽ اهي وصفون آدميءَ ۾ موجود آهن. اهڙيءَ طرح شيطانپائيءَ ۽ ملائڪپائيءَ جون اهي وصفون آهن، جي مٿي ڏيکاريون ويون آهن. انهيءَ ڪري آدميءَ کي چيو ويو آهي تہ عقل جي نور وسيلي، جو فرشتن جي نُور جو اثر آهي، شيطان جو مڪر ۽ تلبيس ظاهر ڪري، تہ هو خوار خراب ٿئي، ۽ ڪو فتنو فساد ڪري نہ سگهي. انسان کي گهرجي تہ حرص ۽ شهوت جي سوئر ۽ غصي جي ڪتي کي سيکت ڏيئي پنهنجو مطيع بڻائي، تان جو سندس فرمان بغير اُٿي ويهي نہ سگهن. جيڪڏهن ماڻهو انصاف کان ڪم وٺن ۽ غفلت جو پردو لاهين تہ ڏسندا تہ هو رات ڏينهن حرص ۽ هوَس جا غلام آهن. هو ظاهر ۾ تہ آدميءَ جي شڪل ۽ صورت رکن ٿا، پر سڀان قيامت جي ڏينهن، جڏهن سندن ظاهر انهن جي باطن جي شڪل وٺندو، تڏهن انهن جو راز کلي پوندو، جيڪي حرص ۽ هوا کان مغلوب آهن، اهي سوئر جي شڪل ۾ ڏسڻ ۾ ايندا ، ۽ جن تي غصو غالب آهي، اُهي بگهڙ ۽ ڪتي جي صورت اختيار ڪندا. انهيءَ ڪري جو ماڻهو خواب ۾ بگهڙ ڏسي ٿو تہ ان مان مراد هيءَ آهي تہ هو ظالم آهي، ۽ جو سوئر کي ڏسي ٿو تہ ان جو مطلب هيءُ آهي تہ هو پليد شخص آهي. خواب بہ موت جو نمونو آهي، ننڊ جي سببان ماڻهو هن

جهان ڪان پري پئجي وڃي ٿو، ۽ پنهنجي صورت کي پنهنجي سيرت (اصليت) جي مطابق ڏسي ٿو.

## فصل ستون

# ڪھڙيءَ طرح آدميءَ جو اصل فرشتن جو جوھر آھي

شايد تون چوندين تہ جڏھن آدميءَ ۾ درندن، چوپاين، ديون ۽ فرشتن جون خصلتون آھن، تڏھين اسين ڪيئن سمجھي سگھون تہ اصل درحقيقت ملائڪيءَ جو جوھر آھي، ۽ ھي صفتون محض عارضي ۽ اجنبي آھن، ۽ اھو پڻ ڪيئن معلوم ٿئي تہ آدميءَ کي فرشتن جي اخلاق حاصل ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آھي، ۽ نہ ٻين صفتن جي لاءِ. ان جو جواب ھيءَ آھي تہ تو کي ڄاڻڻ گھرجي تہ آدمي چوپاين ۽ درندن کان گھڻو شريف ۽ ڪامل آھي. اللهٰ تعالى ھر شيءِ کي ڪمال ڏنو آھي ۽ اھوئي ان جو آخري درجو آھي ۽ ان لاءِ ئي اھا پيدا ڪئي ويئي آھي. مثال طور، گھوڙو گڏھ کان وڌيڪ شريف آھي. گڏھ بار کڻڻ لاءِ آھي ۽ گھوڙو سواري، جھاد ۽ جنگ ۾ ڊوڙڻ لاءِ پيدا ڪيل آھي، اگرچ منجھس بار کڻڻ جي بہ طاقت آھي. ڪن ماڻھن جو خيال آھي تہ آدميءَ کي کائڻ، پيئڻ ۽ جماع ڪرڻ ۽ مزن ماڻڻ يا ٻين تي غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ خلقيو ويو آھي، پر اُھي غلط آھن. ڪاڏو تہ اُٺ بہ ماڻھوءَ کان گھڻو ٿو ڪائي ۽ نفساني خواھش جھرڪ توڙي ٻين حيوانن ۾ انسان کان بہ وڌيڪ آھي، ٻين تي غلبي حاصل ڪرڻ جي طاقت درندن کي بہ ڏني ويئي آھي. مطلب تہ جو ڪجھ چوپاين کي ڏنو ويو آھي، سو ماڻھوءَ کي پڻ ڏنو ويو آھي، پوءِ ڪھڙيءَ طرح چئجي تہ انسان حيوانن کان اشرف ۽ اعلى آھي؟ حقيقت ۾ انسان کي ھڪ اھڙي شيءِ زياده عطا ڪئي ويئي

آهي، جا ڪيس حيوانن تي فوقيت بخشي ٿي. اهو آهي عقل، جنهن جي ذريعي هو خدا تعاليٰ کي سڃاڻي ٿو، سندس سڀ صنعت ڄاڻي ٿو ۽ پاڻ کي شهوت ۽ غضب جي گرفت کان بچائي ٿو. هي فرشتن جي صفت آهي، ۽ انهيءَ صفت جي ڪري هو چوپاين ۽ درندن تي غالب آهي. اِهي سڀئي ۽ جو ڪجهه روءِ زمين تي آهي، سندس تابع آهن، جيئن حق تعاليٰ فرمايو آهي ته ”وسخر لکم مافي الارض جميعا.“

### فصل اٺون

## دل جي عالم جا عجائب

دل جي جهانن جي عجائب جي ته ڪا حد ئي ڪانهي، ۽ سندس شرف انهيءَ ڪري آهي، جو خود اها سڀني شين کان وڌيڪ عجيب آهي. پر ماڻهو انهيءَ حقيقت کان غافل آهن. ان جو شرف ٻن سببن ڪري آهي: هڪڙو علم جي ڪري ۽ ٻيو قدرت جي ڪري. علم جي ڪري سندس شرف به ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو اهو جنهن کي سڀ ماڻهو ڄاڻن ٿا، ۽ ٻيو وڌيڪ پوشيدو آهي، جنهن کي سڀڪو نٿو سڃاڻي. اهو شرف جو ظاهر آهي، سو هيءُ آهي ته ان کي سڀني علمن ۽ صنعتن ڄاڻڻ جي قوّت آهي، جيئن ته هندسه جو علم، حساب، طب، نجوم ۽ شريعت جي علمن جي ڄاڻ سڃاڻ. اگرچه دل هڪ اهڙي شيءِ آهي جا ٽڪر ٿي نٿي سگهي، تڏهن به هيءَ سڀ علم منجهس سمائجي وڃن ٿا. بلڪ سارو جهان ان ۾ ائين آهي، جيئن واريءَ جو ذرو بيابان ۾. هڪ ئي پلڪ ۾ سندس فڪر ۽ حرڪت زمين کان آسمان ۽ مشرق کان مغرب تائين گهمي اچن ٿا. جيتوڻيڪ پاڻ زمين تي آهي، مگر مڙني آسمانن جي ماپ ڪري سگهي ٿي، ۽ هر هڪ ستاري جو مقدار ڄاڻي ٿي، ۽ حساب ڪري ٻڌائي سگهي ٿي ته هڪ تارو ٻئي کان ڪيترين مفاصلي تي آهي. مڇيءَ کي حيلي سان درياهه جي تري کان ٻاهر ڪڍي ٿي، ۽ پکين کي هوا مان زمين تي آڻي ٿي. طاقتور حيوانن جهڙوڪ هاٿي، اُٺ ۽ گهوڙي کي پنهنجي تابع بنائي ٿي. دنيا ۾ جيڪي به عجائب ۽ علم آهن، انهن سڀني کي هوءَ پنهنجن حواسن ذريعي

حاصل ڪري ٿي، جنهن مان ظاهر آهي ته انهن حواسن کي دل جي طرف رستو آهي. جهڙيءَ طرح جسماني عالم جي لاءِ پنج حواس دل جا دروازا آهن، تهڙيءَ طرح روحاني عالم جي طرف به دل کي دروازو آهي. گهڻا ماڻهو جسماني عالم کي ئي محسوس ڪن ٿا ۽ علم حاصل ڪرڻ جو ذريعو فقط پنجن حواسن کي ئي سمجهن ٿا، حالانڪ هي ته خود مختصر ۽ بي اصول آهن. جڏهن خواب ۾ آدميءَ جا سپئي ظاهري حواس بند ٿي وڃن ٿا ۽ دل جا دروازا کلي پون ٿا، تڏهن روحاني عالم ۽ لوح محفوظ ۽ غيب جون شيون ڏسي سگهي ٿو، يا صاف صاف يا مثال طور. بيداريءَ جي حالت ۾ هيءُ غيب جون شيون حواسن وسيلي نظر نٿيون اچن. دل جو مثال هڪ آئيني وانگر آهي ۽ لوح محفوظ به هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ ساري موجودات جون صورتون آهن، جيڪڏهن صاف آئيني کي صورتن واري آئيني جي سامهون رکبو ته ساريون صورتون ان صاف آئيني ۾ ڏسڻ ۾ اينديون. اهڙيءَ طرح جڏهن دل صفا ٿئي ٿي، ۽ محسوسات کان فارغ، تڏهن لوح محفوظ جون سڀ صورتون منجهس پيدا ٿين ٿيون. جيستائين دل محسوسات ۾ ڦاٿل آهي، تيستائين عالم ملڪوت جي مشاهدي کان محجوب ٿيو پوي. فقط ننڊ جي حالت ۾ ئي دل محسوسات کان فارغ ٿيندي آهي، ۽ تڏهن ئي پنهنجي اصلي جوهر موجب، عالم ملڪوت جو مطالعو ڪري سگهندي آهي. جيتوڻيڪ ننڊ جي ڪري حواس الڳ ٿي وڃن ٿا ته به خيال پنهنجي جاءِ تي قائم رهي ٿو. ان ڪري جو ڪجھ به ننڊ ۾ ڏسجي ٿو، سو خيالي مثال جي لباس ۾ ويڙهيل ڏسجي ٿو - نه صاف ۽ کليل. ليڪن جڏهن آدمي مري وڃي ٿو، تڏهن نه خيال نه

حواس. ان وقت جو ڪجهه هو ڏسندو آهي، سو سواءِ پردي ۽ سواءِ خيال جي صاف صاف ۽ ظاهر هوندو آهي. پيو دليل به آهي، جو هيءُ آهي ته ڪوبه شخص اهڙو نه آهي، جنهن کي پروڙون ۽ چڱا ويچار الهام جي رستي دل ۾ نه ايندا هجن، اهي حواسن جي ذريعي نٿا اچن، بلڪ ازغيبي دل ۾ پيدا ٿين ٿا. ان مان معلوم ٿيو ته سڀيئي علم رڳو محسوسات جي رستي معلوم نٿا ٿين. ان مان ئي سمجهي وٺ ته دل هن جهان مان نه آهي پر روحاني جهان مان آهي، ۽ هي حواس جي انسان لاءِ هن جهان ۾ اپايا ويا آهن، سي عالم ملڪوت جي مطالعي کي هڪ قسم جو پردو آهن، ۽ هو جيستائين هنن حواسن کان فارغ نه ٿيندو، تيستائين ڪنهن به صورت روحاني جهان جي طرف لهي نه سگهندو.

## فصل نائون

# دل جي دري، بيداريءَ ۾ پڻ عالم ملڪوت ڏانهن کليل رهندي آهي

هي خيال متان ڪرين ته دل جي دري روحاني جهان جي طرف، سواءِ موت يا ننڊ جي، نٿي کلي. بلڪ بيداريءَ ۾ به جيڪڏهن ڪو رياضت ڪري ۽ دل کي ڪاوڙ، شهوت ۽ بد اخلاق کان پاڪ ڪري، ۽ اڪيلائيءَ ۾ ويهي اکيون بند ڪري، حواسن کي معطل ڪري ۽ دل کي روحاني جهان جي طرف لڳائي ۽ هميشه دل سان (۽ نه زبان سان) اللهُ اللهُ چوندو رهي، ايتريءَ حد تائين جو هو پاڻ کان ئي بيخبر ٿي وڃي ۽ الله جي ذات کانسواءِ ٻي سڀ شيءِ کي وساري ويهي، - ته پوءِ بيداري ئي چو نه هجي، دل جي دري کلي پوندي، ۽ جو ڪجهه ٻيا ننڊ ۾ ڏسن ٿا، سو هو بيداريءَ ۾ ڏسندو. فرشتن جي روحن کي سهڻين صورتن ۾، ۽ خود پيغمبرن کي به ڏسي سگهندو، جن کان هو گهڻائي فائدا ۽ مددون حاصل ڪري سگهندو ۽ هو ان کي زمين ۽ آسمان جي ملڪ ڏيکاري سگهندا. نبين سڳورن جا علم به هن ئي طريقي کان هئا، ۽ نه تعليم ۽ حواسن جي ذريعي پرايل هئا، ۽ سيني جي شروعات مجاهدي ۽ رياضت کان ٿي آهي، جيئن ته حق سبحانهٗ وتعالیٰ خود ارشاد فرمايو آهي ته ”وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلا“ (پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر، ۽ سيني شين کان پنهنجو ناتو ٽوڙي، همه تن ڏانهنس متوجه ٿيءُ). هي مڙيوئي سڀ، رياضت ۽ مجاهدي جو ڦل آهي ته جيئن دل، خلق جي عداوت، دنيا جي خواهش، ۽ محسوسات جي شغل کان پاڪ رهي. هيءَ

آهي راهه صوفين ۽ نبين جي. مگر انهيءَ علم کي سکيا جي رستي حاصل ڪرڻ عالمن جو طريقو آهي، جو پڻ سنو آهي، پر نبين ۽ اوليائن جي راهه ۽ علم جي بنسبت ڪجهه به ناهي. ڇاڪاڻ ته اهو علم ماڻهن جي تعليم کان سواءِ حق تعالى جي حضور مان سندن دلين تي هارجي ٿو. جيڪڏهن توکي اها ڳالهه نه ذوق جي رستي، نه تعليم جي رستي، ۽ نه عقلي دليلن رستي معلوم ٿي سگهي آهي، ته گهٽ ۾ گهٽ تون ان تي ايمان رک ۽ ان جي تصديق رک، متان تنهي درجن کان محروم ٿين ۽ ڪافر ٿي پئين. گهڻن ماڻهن کي اها راهه تجربي ۽ عقلي دليلن سان معلوم ٿي آهي.

فصل ڏهون

## سيڪو آدمي خاص فطرت تي ڄمي ٿو

هيءُ گمان نہ رک تہ هيءُ سڀ ڳالهيون پيغمبرن لاءِ مخصوص آهن. ائين نہ آهي، بلڪ سڀني انسانن جي فطرت انهن جي قابليت رکي ٿي. جهڙيءَ طرح ڪوبہ لوهہ اهڙو نہ آهي جو فطرتي طور تي آئيني بنجڻ جي قابليت نہ رکندو هجي، مگر ڪٽ ان جي جوهر کي خراب ۽ بيڪار ڪريو ڇڏي. اهڙيءَ طرح اها دل، جنهن تي دنيا جو حرص ۽ هوا غالب اچن ٿا، سا ڪٽجي خراب ٿي وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن عقلمند کان پڇيو وڃي تہ ’بہ هڪ کان وڌيڪ آهن‘، تہ جواب ڏيندو تہ ’هائو، وڌيڪ آهن‘، پوءِ ڪٿي انهيءَ عاقل اهو نہ ڪَن سان ٻڌو هجي ۽ نہ زبان سان ٻڌو هجي، مگر هن جو اندر سڀوئي انهيءَ تصديق سان ڀريل آهي. جهڙيءَ طرح اها ڳالهہ فطرتي آهي، تهڙيءَ طرح سان الله تعالىٰ جي معرفت بہ هر انسان ۾ فطرتي طور موجود آهي. عقلي دليلن ۽ تجربي مان پڻ معلوم ٿيو آهي تہ اها ڳالهہ رڳو پيغمبرن لاءِ مخصوص نہ آهي، ڇا لاءِ جو اهي بہ انسان آهن. پوءِ جنهن جي اڳيان رستو کوليو وڃي ٿو ۽ دنيا جي اصلاح ۽ فلاح جو ڪم ڪيس سمجهايو ٻڌايو وڃي ٿو، ۽ هو ان صلاح ۽ فلاح جي طرف ماڻهن کي دعوت ڏئي ٿو، تہ پوءِ اهو جو ڪجھہ الله تعالىٰ کيس ٻڌايو ۽ ڏيکاريو، تنهن کي شريعت چوندا آهن، ۽ جنهن شخص کي اهو ٻڌايو ويو، تنهن کي پيغمبر سڏيندا آهن، ۽ جيڪي ڪرشما پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ هو ڪري ڏيکاري، تن کي ’معجزا‘ چوندا آهن. پر جيڪڏهن اهڙو شخص ماڻهن

ڪي دعوت نه ڏئي، ته پوءِ ان ڪي ولي چئبو، ۽ ان جي حالتن ڪي ’ڪرامت‘ ڪونبو. اها ڳالهه ضروري نه آهي ته هر اهو شخص جو هن (عرفان ۽ معرفت جي) حالت ڪي پهچي، سو ماڻهن ڪي دعوت ڏيڻ ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ انهن ڪي هدايت جي طرف سڏي. بلڪ اها ڳالهه الله تعالى جي قدرت ۾ آهي ته هن ڪي هدايت ڏيڻ واري ڪم ۾ مشغول نه ڪري. ائين تڏهن ٿيندو آهي جو شايد جڏهن شريعت تازي هوندي آهي ۽ ماڻهن ڪي هدايت ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي آهي، يا وري انهيءَ ڪري جو دعوت ۽ هدايت جا ڪي اهڙا شرط هجن، جي هن وليءَ ۾ موجود نه هجن. توڪي جڳائي ته ولين جي ولايت ۽ ڪرامت ۾ يقين ڪامل رک ۽ سمجھ ته هي ڪم مجاهدي سان تعلق رکي ٿو. مجاهدي ۽ ڪامل مرشد کان سواءِ ان شيءِ جو هٿ اچڻ مشڪل آهي، پر جي ڪٿي هي ٻئي شيون هجن به، ته به جيستائين الله تعالى جي توفيق شامل حال نه رهندي، تيستائين هيءَ سعادت نصيب ٿي نه سگهندي.

## فصل يارهون

# دل جو شرف، از روي قدرت

معرفت جي راهه ۾ آدميءَ جي جوهر يعني دل جو شرف، توکي معلوم ٿي ويو. هاڻي سمجهي وٺ ته قدرت رکڻ جي لحاظ کان پڻ ان کي هڪ شرف حاصل آهي، جو پڻ ملائڪن جي صفتن مان آهي ۽ پين حيوانن کي حاصل ناهي. جهڙيءَ طرح هي جسماني جهان فرشتن جو تابع آهي، جي الله تعاليٰ جي قانون مطابق جڏهن مناسب سمجهن ٿا تڏهن برسات وسائين ٿا، هوائون گهُلائين ٿا، رحم ۾ حيوانات جون شڪليون ٺاهين ٿا ۽ زمين مان اوپر اُپارين ٿا، تهڙيءَ طرح انسان جي دل کي به اختيار مليل آهي، ۽ هن جهان جا ڪيترائي جسم سندس ماتحت آهن. هر ڪنهن ماڻهوءَ جي خاص عالَم سندس بدن آهي، ۽ بدن وري دل جي تابع آهي، پر، ڪا دل ٻين کان زياده شريف ۽ سگهاري هوندي آهي، ۽ ملائڪن جي ذات ۽ جوهر سان وڌيڪ مشابهت رکندي آهي - ائين جو بدن کان ٻاهر ٻيا اجسام سڀ سندس تابع ٿيو پون. جيڪڏهن سندس هيبت شينهن تي پوي ته هو عاجز ۽ مطيع ٿجي پوي، ۽ جيڪڏهن بارش لاءِ دعا گهري ته فوراً اها اچي وجهي، جيڪڏهن ڪنهن بيمار لاءِ دعا پني ته هو ستت چڱو ڀلو ٿي پوي، يا ڪنهن ماڻهوءَ تي توجّه وجهي، ته ان جي اندر ۾ هڪ قسم جي ڇُرڪُر پيدا ٿي پوي. هي سڀ عقلي دلائل ۽ تجربن مان ثابت آهي. هي سڀ دل جي قدرت جا ڪرشما آهن.

## فصل ٻارهون

# نبوت ۽ ولايت جي حقيقت

نبوّت ۽ ولايت انساني دل جي بزرگيءَ جي درجي مان هڪ درجو آهي، جنهن جو حاصل ٽي خصلتون آهن. هڪڙي هيءَ ته جا ڪشف جي حالت عام ماڻهو کي ننڊ ۾ ٿئي ٿي، سا هن درجي واري انسان کي بيداريءَ ۾ ٿئي ٿي. ٻي هيءَ ته عام ماڻهن جو نفس پنهنجي جسم کان سواءِ ٻين ٿي اثر نٿو ڪري سگهي، ليڪن اهڙي درجي واري انسان جو نفص پنهنجي بدن کان سواءِ ٻين ٿي به اثر ڪري ٿو - مگر ان ۾ خلق جي ڀلائيءَ جو لحاظ رکيو ويندو آهي، ۽ نه سندن برائيءَ جو. ٽين هيءَ آهي ته اهي علوم، جي عام ماڻهن کي سکڻ سان حاصل ٿيندا آهن، سي اهڙي انسان کي سواءِ سکڻ جي پنهنجي اندر مان حاصل ٿيندا آهن. جيئن ممڪن آهي ته ڪوئي صافدل ۽ هوشيار آدمي خود بخود علم سکي وٺندو آهي، تيئن اهو شخص جو وڏيڪ عاقل ۽ صافدل هوندو آهي، سو مڙيئي علم يا اجا به زياده خود بخود ڄاڻي وٺندو آهي. اهڙي قسم جي باطني علم ي ’علم لدّني‘ چوندا آهن. اهي ٽيئي خاصيتون ڪن ماڻهن ۾ مڪمل طور هونديون آهن ته ڪن ۾ غير مڪمل طور. رسول الله ﷺ جن جو ڪمال هن ڪري هو، جو منجهن اهي ٽيئي خصلتون نهايت ڪمال صورت ۾ موجود هيون. ازانسواءِ هيءُ به ممڪن آهي ته نبين سڳورن ۽ ولين ۾ انهن ٽن صفتن کان سواءِ ڪي ٻيون صفتون به هجن، جن جي اسان کي خبر نه آهي. جيئن الله تعالیٰ کي، سواءِ الله تعالیٰ جي ٻيو ڪوبه پوريءَ طرح نٿو ڄاڻي سگهي، تهڙيءَ طرح رسول

الله ﷺ جن جي ڪمال کي به پاڻ سڳورن کان سواءِ ٻيو ڪونه ٿو ڄاڻي، تنهنڪري تون هن ڳالھ تي عجب نه ڪاءُ ته نبين سڳورن ۾ ڪي صفتون اهڙيون به آهن، جن جي ٻئي ڪنهن کي خبر ناهي.

## فصل تيرهون

# ڪهڙيءَ طرح چئبو تہ سلوڪ جي واٽ ۾ علم هڪ حجاب (اٽڪ) آهي

تو صوفين کان ٻڌو هوندو تہ ”علم هن راه ۾ حجاب (اٽڪ) آهي“، ۽ غالباً تو ان جو انڪار ڪيو هوندو، سو تون انڪار نہ ڪر، ڇا لاءِ جو هيءُ بلڪل صحيح آهي. اهو هن ڪري آهي، جو محسوسات ۽ اهو سڀ علم، جو محسوسات جي ذريعي حاصل ٿئي ٿو، تنهن ۾ جيستائين تون مشغول رهندين، تيستائين هيءُ (الاهي) حال تو کان پوشيده ئي رهندو. دل جو مثال هڪ حوض وانگر آهي ۽ پنج حواس ان جون ڪسيون آهن، جن وسيلي ان حوض ۾ پاڻي اچي ٿو. هاڻي جيڪڏهن تون چاهين تہ صاف پاڻي حوض جي تري مان پيدا ٿئي، تہ ان جي تدبير هيءَ آهي تہ هن سموري پاڻيءَ کي، جو ڪسين ذريعي منجهس اچي ٿو ۽ اها ڪاري مٽي جا ان پاڻيءَ سببان حوض جي تري ۾ جمي ويئي آهي، تنهن کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪر، انهن سڀني ڪسين جو منهن بند ڪري ڇڏ تہ جيئن ٻاهريون پاڻي ان ۾ اندر نہ اچي سگهي، ۽ ان بعد تون حوض جي تري کي کوٽيندو رھ ... تان جو صاف ۽ پاڪ پاڻي اندران نڪري اچي. اهڙيءَ طرح هي معرفت جو علم، جو دل جي اندر ئي اندر پيدا ٿئي ٿو ڪڏهين بہ حاصل نہ ٿيندو جيستائينڪ دل کي ٻاهران آيل علم کان خالي نہ ڪيو ويندو، پر جيڪڏهن ڪو عالم پنهنجي دل کي پنهنجي سڪيل علم ۾ مشغول نہ رکندو تہ اهو علم ان لاءِ حجاب نہ ٿيندو، ۽ ممڪن آهي تہ ان جو اندر کلي پوي. اهڙيءَ

طرح جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي دل کي خيالات ۽ محسوسات کان خالي ڪندو، ته پوءِ اهي گذريل خيال ان جي لاءِ حجاب ثابت نه ٿيندا. حجاب جو سبب هيءُ آهي. ڪو شخص اهل سنت جا عقيدا سکي ٿو، ۽ گفتگو ۽ مباحثي جي سيپيئي دليل به حفظ ڪري ٿو، ۽ پوءِ هي اعتقاد رکي ٿو ته ان علم کان سواءِ (جو پاڻ پرايو اٿس) ٻيو ڪوئي علم ڪونهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن به وقت ڪا ٻي ڳالهه سندس دل ۾ ڪٽڪي اچي ٿي ته چوي ٿو ته ”هي ان جي خلاف آهي جو ڪجهه مون ٻڌو آهي، ۽ جيڪا ڳالهه ان جي خلاف آهي، سا سراسر ڪوڙي آهي“، ته پوءِ ناممڪن آهي جو اهڙي آدميءَ کي ڪنهن ڳالهه جي حقيقت معلوم ٿئي، ڇا لاءِ جو اهي سيپيئي عقيدا جي ماڻهن کي سيکاريا وڃن ٿا سي حقيقت جو محض قالب آهن، ۽ نه اصلي حقيقت. معرفت ته ان کي چئبو آهي، جنهن جي وسيلي هي سڀ حقيقتون ان قالب مان اهڙيءَ طرح نڪري نروار ٿين، جيئن هڏي مان مِک. تون هي سمجهي ڇڏ ته جو شخص پنهنجي عقيدي جي ڪاميابيءَ لاءِ يا ان جي ثابت ڪرڻ خاطر، مناظري جو طريقو سکي ٿو، تنهن اڳيان ڪا به حقيقت ڪُلي ظاهر نه ٿيندي، ڇا لاءِ جو هو ڀانئي ٿو ته جو ڪجهه مان ڄاڻان ٿو سو ئي حق آهي. ان جو اهڙو خيال ڪرڻ ئي سندس لاءِ حجاب ٿيو پوي، تنهنڪري اهڙا ماڻهو هن درجي کان محروم رهن ٿا. پر جيڪڏهن ڪو هن غرور کي ڇڏي ڏئي، ته پوءِ ان جو علم سندس لاءِ حجاب نه بڻجندو. تنهنڪري جڏهن تون ڪنهن ڪشف جي صاحب کان اهڙي ڪا ڳالهه ٻڌين، (ته ”علم، حجاب آهي“) ته ان جو انڪار نه ڪجانءِ. پر

هي اباحتي ۽ نفس پرست ماڻهو، جي هن زماني ۾ پيدا ٿيا آهن، تن جي ڳالهين تي هرگز يقين ڪرڻ نه گهرجي، ڇا لاءِ جو اهي خود هن حال کان بيخبر آهن، ۽ فقط ڪن صوفين جون بيهوده ڳالهيون ڪٺي اختيار ڪيون اٿن. سارو ڏينهن پاڻ کي سينگاريو اٿن، ۽ علم ۽ علم وارن جي مذمت ڪندا رهن ٿا. سچ پچ اهڙا لوڪ واجب القتل آهن، ڇاڪاڻ ته خدا جي مخلوق لاءِ شيطان، ۽ خدا ۽ ان جي رسول جا دشمن آهن. خدا ۽ رسول ته علم ۽ علم وارن جي تعريف ڪئي آهي، ۽ ساريءَ دنيا کي علم جي طرف سڏيو آهي، ليڪن هي بدبخت نه ته حال جا مالڪ آهن، ۽ نه وري علم کان ئي بهره ور. انهن لاءِ اهڙيون ڳالهيون چوڻ ڪيئن روا ۽ جائز ٿي سگهن ٿيون. اهڙن ماڻهن جو مثال اهڙي شخص وانگر آهي، جنهن هي ٻڌو هجي ته ”ڪيميا سون کان بهتر ٿيندي آهي“، ۽ جڏهن سندس سامهون زر جو خزانو پيش ڪيو وڃي ته هو ان کي هٿ ئي نه لائي ۽ چوي ته ”زر ڪهڙي ڪم جي ان جو ڪهڙو قدر ۽ قيمت؟ مون کي ته ڪيميا گهرجي، جو اصل شيءِ اها ئي آهي!“ - ان کي نه زر حاصل ٿيندي نه ڪيميا. اهڙو شخص هميشه بدبخت، بکيو ۽ ڪنگال رهي ٿو، ۽ فقط هن هش تي خوش ٿي ڌاڙ هڻي ٿو ته ”ڪيميا زر کان بهتر آهي.“ نبين سڳورن ۽ ولين جي ڪشف جو مثال ڪيميا وانگر آهي، ۽ عالمن جي علم جو مثال سون وانگر آهي. ڪيميا جي مالڪ کي سون جي مالڪ تي فضيلت آهي، مگر هتي هڪ نڪتو آهي، ۽ اهو هيءُ آهي ته جيڪڏهن ڪو فقط ايتري ڪيميا رکي ٿو جنهن وسيلي سؤ دينارن کان وڌيڪ سون حاصل نٿو ڪري سگهي، ته

اهو ان شخص کان افضل نہ آهي، جنهن وٽ سون جا هزار دينار موجود آهن. ڪيميا جا ڪتاب ۽ ڪيميا جي متعلق گهڻيون آڪاڻيون مشهور آهن ۽ ڪيميا جا ڳولائو بہ گهڻا آهن، پر گهڻي زماني بعد بہ ان جي حقيقت ڪن ٿورڙن کي دستياب ٿئي ٿي، ۽ اڪثر ماڻهو ان جي ڳولا ۾ دوکو کائين ٿا. صوفين جو بہ اهڙو ئي حال آهي، حقيقت ۽ اصليت انهن ۾ بہ نادر ۽ ڪمياب آهي. اهڙو ڪو ورلي آهي جو ڪمال کي پهچي ٿو، تنهنڪري هي سمجهڻ گهرجي تہ جي ڪنهن کي صوفين جي حال مان ڪجھ ذرو هٿ اچي بہ ٿو تہ اهو ڪو هر عالم کان افضل ٿوروئي آهي. گهڻا صوفي تہ اهڙا آهن، جن تي منڍ ۾ ڪجھ حالت طاري ٿئي ٿي، پر پوءِ اها حالت بہ منجهن قائم نٿي رهي. ڪي اهڙا بہ آهن جن تي سودا ۽ خيال غالب هوندو آهي جنهن جي ڪا حقيقت ئي نہ آهي، پر ڀائين ٿا تہ اها بہ ڪا چيز آهي. اگرچہ اصل ۾ اها ڪي بہ ڪين آهي. جيئن خواب ۾ ڪجھ حقيقت بہ آهي ۽ ڪجھ خيال بہ، تيئن وجد ۽ حال ۾ بہ ٿئي ٿو. عالم تي فقط ان صوفيءَ کي فضيلت آهي جو پنهنجي حال ۾ اهڙو ڪامل ۽ مڪمل هجي، جو جيڪو علم ٻين کي پڙهڻ سکڻ سان حاصل ٿئي سو ان کي خود بخود سوا سکڻ ۽ پڙهڻ جي حاصل هجي، پر هي درجو نهايت سخت ۽ نادر آهي. توکي جڳائي تہ تصوّف جي اصلي راهہ ۽ ان جي فضيلت تي ايمان رک، ۽ انهن نقلي صوفين جي سبب، اصلي ۽ حقيقي صوفين کان بدگمان نہ ٿيءُ. نقلي صوفين مان جيڪي بہ عالمن کي طعنا هڻن ٿا، سي سمجهي ڇڏ تہ نادانيءَ ۽ جهالت کان ئي ائين ٿا ڪن.

## فصل چوڏهون

# آدميءَ جي سعادت الله تعالىٰ جي معرفت ۾ ئي آهي

هتي تون شايد سوال ڪرين ته ”اهو ڪيئن معلوم ٿئي ته آدميءَ جي سعادت الله تعالى جي معرفت (ڄاڻ) ۾ آهي؟“ سو، تون هي سمجهي ڇڏ ته هر شيءِ جي سعادت انهيءَ ۾ آهي، جنهن مان ان کي راحت ۽ ارام ملي، ۽ هر شيءِ جي لذت انهيءَ ۾ آهي جا ان جي طبع جي مطابق هجي، ۽ هر شيءِ جي طبع جي مطابق اهو آهي جنهن لاءِ ان کي پيدا ڪيو ويو آهي: مثلاً اکين جي لذت سٺين صورتن کي ڏسڻ ۾ آهي، ۽ ڪنن جي لذت مٺن آوازن ۽ سُرن کي ٻڌڻ ۾ آهي، اهڙيءَ طرح دل جي لذت به ان ۾ آهي، جا ان جي خاصيت آهي ۽ جنهن لاءِ ان کي پيدا ڪيو ويو آهي، ۽ اها آهي ڪمن جي حقيقت کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ - ڇا لاءِ جو آدميءَ جي دل جي خاصيت اهائي آهي. باقي خواهش ۽ ڪاوڙ ۽ پنجن حواسن جي ذريعي محسوسات کي سڃاڻڻ ته حيوانن جو به ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته ڪمن جي اصل حقيقت کي ڄاڻڻ دل جي خاصيت آهي، ان ڪري آدمي جنهن شيءِ کي نٿو ڄاڻي، تنهن جي ڄاڻڻ جي تقاضا سندس دل ۾ پيدا ٿئي ٿي، تان جو ان کي سمجهي، پوءِ جو ڪجهه سمجهي وٺي ٿو، ان تي هو خوش ٿي فخر ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح ڪو شخص جڏهن وزير جي رازن کان واقف ٿئي ٿو تڏهن خوش ٿئي ٿو، پر هو اجا به زياده خوش هن ڳالهه ۾ ٿيندو جيڪڏهن هو بادشاه جي رازن ۽ سلطنت جي ڪاروبار کان واقف ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح معلوم (ڄاتل شيءَ) جيتريقدر زياده شريف ۽ عمدي هوندي،

اوتريقدر ان جو علم به زياده خوشيءَ ۽ لذت جو باعث ٿيندو. ڪا به موجود شيءِ الله تعالىٰ کان زياده شريف نه آهي، ڇا لاءِ جو سڀني شين جو شرف ان جي ذات کان آهي، ساري عالم جو بادشاهه ۽ مالڪ اهوئي آهي، ۽ ساري جڳ جون عجيب غريب شيون سندس ئي ڪاريگريءَ جون نشانيون آهن. تنهنڪري ڪا به معرفت ان جي معرفت کان وڌيڪ شريف ۽ راحت بخش نه آهي. ۽ ڪوئي به نظارو ان حضرت ربوبيت جي نظاري کان وڌيڪ دلڪش ۽ وڻندڙ نه آهي، ۽ دل جي طبيعت انهيءَ شيءِ کي چاهيندي آهي، جا ان جي خاصيت هوندي آهي، ۽ جنهن لاءِ الله تعالىٰ ان کي خلقيو آهي. ها، جيڪڏهن ڪا دل اهڙي آهي جنهن ۾ الله تعالىٰ جي معرفت جي تقاضا ئي نه رهي هجي، ته پوءِ ان جو مثال انهيءَ مريض وانگر آهي، جنهن ۾ غذا جي خواهش ئي نه رهي هجي، ۽ جو مٽيءَ کي ماني کان زياده پسند ڪري. جيڪڏهن ان جو علاج نه ڪبو، جيئن ان جي طبيعي خواهش واپس وري ۽ اها ڪوڙي مٽي کائڻ جي خواهش ويندي رهي، ته اهڙو شخص هن دنيا ۾ بد بخت آهي ۽ برباد ٿيندو. اهڙيءَ طرح سان جنهن شخص جي دل تي، الله تعالىٰ غلبو ڪري وڃي ٿي، ته اهو به انهيءَ بيمار وانگر آهي. جيڪڏهن ان جو علاج نه ڪيو ويندو، ته هو هن جهان ۾ بد نصيب ۽ هلاڪ ٿيندو. اهي سڀيئي خواهشون ۽ حسّي لذتون، جي آدميءَ جي جسم سان تعلق رکن ٿيون، سي سڀ سندس موت سان گڏ فنا ٿي وڃن ٿيون، ۽ اهي مڙيئي تڪليفون جي انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ ورتيون وڃن ٿيون، سي به مرڻ سان ناس ٿيو وڃن. ليڪن معرفت جي لذت، جا دل سان تعلق رکي ٿي، سا

موت سان پاڻ بيٺي ٿي وڃي ٿي، ڇا لاءِ جو دل موت سبب برباد نٿي ٿئي ۽ معرفت برقرار رهي ٿي. دل پاڻ زياده روشن ٿئي ٿي ۽ ان جي لذت هن سبب بيٺي ٿيو پوي ڇاڪاڻ جو ٻين خواهشن جي زحمت ختم ٿيو وڃي.

## فصل پندرهون

# آدميءَ جي جسم ۾ الله تعاليٰ جي صفت جا عجائب غرائب

آدميءَ جو بدن باوجود مختصر هجڻ جي سڄي جهان جي مثال آهي، ڇا لاءِ ته جو ڪجهه جهان ۾ پيدا ڪيو ويو آهي تنهن جو نمونو ان ۾ موجود آهي. هڏا پهاڙ آهن، پگهر بارش آهي، وار وڻن جي مثال آهن، دماغ آسمان جي طرح آهي ۽ حواس ستارن وانگر آهن. مطلب ته تمام مخلوقات جو مثال منجهس موجود آهي، جيئن ته سوئر، ڪتو، بگهڙ، چوپايو، ديو، پري، فرشتہ وغيره. ان سڀ جو مثال آدميءَ جي وجود ۾ آهي، نه نه، بلڪ ساري جهان جي مزدورن جو مثال به ان ۾ موجود آهي: جيئن ته اها قوت جا غذا کي معدي ۾ پچائي ٿي ۽ هضم ڪري ٿي سا بورچيءَ وانگر آهي، ۽ اها جا صافي طعام کي جگر ڏي موڪلي، باقي ڦوڳ کي آنڊن ڏانهن ڏڪي ٿي، سا چاڪيءَ وانگر آهي، ۽ اها جا طعام کي جگر ۾ رت بنائي ٿي، سا رنگريز وانگر آهي وغيره. هي قوتون تنهنجي بدن ۾ تنهنجي خدمت ۾ لڳل آهن، پر تون غفلت ۾ پيو آهين. تون ان قادر مطلق جو شڪر ادا نٿو ڪرين، جنهن انهن سڀني کي تنهنجي خدمت لاءِ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص فقط هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجي غلام کي تنهنجي خدمت لاءِ موڪلي ٿو ته تون ساري عمر سندس شڪرگذار رهين ٿو، پر اها ذات پاڪ جنهن ڪيترائي هزار ڪمي تنهنجي اندر ۾ تنهنجي خدمت لاءِ

مقرر ڪيا آهن، ۽ جي ساري عمر هڪ گهڙي به تنهنجي خدمت کان فارغ نه ٿيا آهن، ان کي تون ياد به نٿو ڪرين!

## فصل سورهون

# انسان هن جهان ۾ نهايت عجز ۽ نقصان ۾ آهي

هيءَ جو ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي، ان مان توکي آدميءَ جي بزرگي معلوم معلوم ٿي ويئي هوندي. خدا تعالى توکي هڪ قيمتي گوهر ڏنو آهي، جيڪڏهن تون ان جي تلاش نه ڪندين ۽ غفلت ۾ رهي ان کي وڃائي ويهندين، ته پاڻ کي وڏو ڇيهو رسائيندين. تون اٿي ڪوشش ڪر ۽ پنهنجي دل کي ڳول ۽ ان کي دنيا جي ڏنڌن کان ڪڍي عزت ۽ ڪمال جي درجي تي پهچاءِ، ڇاڪاڻ ته ان جو شرف ۽ عزت انهيءَ ٻئي جهان ۾ ظاهر ٿيندو، جتي اها بي ملال خوشي، بي فنا بقاء، بي عجز قدرت، بي شبهه معرفت ۽ خدا جو بي ڪدورت ڪمال ماڻيندي. هن جهان ۾ سندس شرافت ان ڳالهه ۾ آهي ته حقيقي بزرگيءَ ۽ عزت لاءِ پاڻ کي قابل بڻائي. جيڪڏهن ڪو شخص عزيز ۽ شريف آهي ته علم جي ڪري، يا قوّت ۽ قدرت جي ڪري، يا همّت ۽ ارادي جي ڪري، يا موچاريءَ صورت جي ڪري ۽ مگر جيڪڏهن انسان جي علم کي ڏٺو وڃي ته ان کان زياده جاهل ٻيو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن سندس دماغ جي هڪ رڳ ڏنگي ڦڏي ٿي پوي ته سندس تباهيءَ ۽ چريائيءَ جو خطرو آهي. ڪيس خبر ناهي ته اهو ائين ڇو ٿيو ۽ ان جو ڪهڙو علاج آهي؟ وري جي ڪٿي سندس قدرت ۽ قوّت کي لحاظ ۾ رکجي ته ڏسبو ته ڪانئس زياده عاجز ڪا بي شيءِ ڪانهي. هو هڪ مک جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن هڪڙو مڇر ڏانهنس موڪيو وڃي ته اهو ئي کيس نيست ڪرڻ

لاءِ ڪافي آهي. جيڪڏهن هڪ ڏينهن ڏنگ هڻيس، ته رات ڏينهن آرام ڦٽي پويس. معلوم ٿيندو ته چانديءَ جي ذري زبان ٿيڻ تي پريشان ٿيو پوي. ٻڪ جي وقت، جي ڪيس هڪ لقمو نه ملي ته هوش کان نڪريو وڃي. جيڪڏهن انسان جي جمال ۽ صورت تي نظر وڌي وڃي، ته ڏسڻ ۾ ايندو ته پليديءَ جي ڍير مثان هڪ اڌوڙ وڇائي ويئي آهي. جي ٻه ڏينهن غسل نه ڪري ته منجهس اهڙيون خرابيون ظاهر ٿين جو خود پاڻ کان پيئي نفرت ايندس. انهيءَ کان وڌيڪ ڪني ٻي ڪهڙي شيءِ آهي، جا هميشه سندس اندر ۾ آهي، ۽ صبح ۽ شام پاڻ سان کنيو وتي! سچ ته هي آهي ته انسان هن جهان ۾ گهڻو عاجز ۽ بيوس آهي. سڀاڻي سندس حساب ڪتاب ٿيندو. سعادت جي ڪيميا کي پنهنجي دل جي گوهر تي رکندو ته چوپاين جي درجي کان نڪري فرشتن جي درجي تي پهچي ويندو. پر جيڪڏهن سندس رخ دنيا ۽ ان جي خواهش ڏي هوندو ته سيان سوئر ۽ ڪتو به کانئس بهتر هوندا، ڇا لاءِ جو اهي خاڪ ٿي ويندا ۽ تڪليف کان ڇٽي پوندا، ۽ هي عذاب ۾ رهندو. تنهنڪري انسان کي گهرجي ته جيئن هو پنهنجي عزت ۽ بزرگيءَ کي سڃاڻي ٿو، تيئن ان سان گڏ پنهنجي عيبن ۽ ڪمزورين تي به نظر ڏري، ڇاڪاڻ ته انهيءَ رستي پاڻ کي سڃاڻڻ پڻ الله تعالى جي معرفت جي ڪنجين مان هڪ ڪنجي آهي.

# عنوان ٻيون

# حق تعالىٰ کي سڃاڻڻ

## فصل پهريون

## نفس جي معرفت، حق تعالىٰ جي معرفت جي ڪنجي آهي

اڳين پيغمبرن جي ڪتابن ۾ آيو آهي ته الله تعالى انسان کي چيو ته ”اي انسان، پنهنجو پاڻ کي ڄاڻ ته پنهنجي رب کي ڄاڻين.“ ۽ پڻ نبوي اخبار ۽ آثار ۾ هي قول مشهور آهي ته ”جو پاڻ کي سڃاڻندو، سو پنهنجي رب کي سڃاڻندو.“ هن مان معلوم ٿيو ته انسان جي دل آئيني وانگر آهي، جو ان ۾ جهاتي پائيندو، سو حق تعالى کي ڏسندو، پر گهڻا ماڻهو صرف پاڻ کي ڏسن ٿا ۽ الله تعالى کي نٿا ڏسن. تنهنڪري دل کي سڃاڻڻ ضروري آهي، ڇالاءِ جو اها معرفت جو آئينو آهي. اها سڃاڻ ٻن قسمن جي آهي: هڪڙو ته گهڻو مبهم آهي، جنهن کي عوام سمجهي نه سگهندا ۽ جنهن ڳالهه کي عام لوڪ سمجهي نه سگهن تنهن کي بيان ڪرڻ اجايو آهي. ٻيو قسم جنهن کي سڀ سمجهي سگهندا، سو هيءُ آهي ته انسان پنهنجي هستيءَ مان الله تعالى جي هستيءَ کي سڃاڻي، ۽ پنهنجي صفتن مان ذات باريءَ جي صفتن کي ڄاڻي، ۽ پنهنجي تصرّف مان، جو ان کي پنهنجي بدن ۽ عضون تي حاصل آهي، الله تعالى جي تصرّف کي خيال ۾ آڻي جو ان کي ساري جهان ۾ آهي. ان جو تفصيل هي آهي: پهريائين پنهنجي هستي (موجود هئڻ) کي لحاظ ۾ رکي ۽ خيال ڪري ته هن کان ڪجهه سال اڳ سندس نالو ۽ نشان به نه هو. پنهنجي

اصلي پيدائش تي غور ڪري، ته هو پنهنجي هستيءَ کان اڳ هڪ نطفو هو، جو هڪ ناپاڪ اڇي پاڻيءَ جو ڦڙو آهي، جنهن ۾ نه عقل آهي، نه ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت، نه زبان نه اک، نه گوشت نه پوست. پوءِ جو هي سڀ عجيب شيون ان ۾ ظاهر ٿيون، ڇا اهي هن خود پيدا ڪيون، يا ڪيس ٻئي پيدا ڪيو آهي؟ هاڻي جيتوڻيڪ هو اڄ مڪمل ٿيو آهي ته ٻه هڪ وار جي پيدا ڪرڻ کان عاجز آهي. جڏهن هو پاڻي جو هڪ ڦڙو هو تڏهن ته وڌيڪ عاجز ۽ ناقص هو: پوءِ ڪهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ کي پيدا ڪري ٿي سگهيو؟ ان ڪري ضروري آهي ته آدمي پنهنجي هستيءَ مان پنهنجي خالق جي هستي معلوم ڪري. جڏهن آدمي پنهنجي بدن جي ظاهري ۽ باطني عجيب شين تي نظر ڪندو ته پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي طاقت ۽ قدرت کي صاف روشن ڏسندو، ۽ ڄاڻندو ته منهنجو خالق وڏي قدرت رکندڙ آهي، جو چاهي سو ڪري، جهڙيءَ طرح گهري، اهڙيءَ طرح پيدا ڪري. انهيءَ کان ڪامل ڪهڙي قدرت هوندي، جو پاڻيءَ جي هڪ خسيس ۽ گندي ڦڙي مان اهڙو باڪمال ۽ سهڻو ۽ عجيب غريب شخص پيدا ڪري. جڏهن آدمي پنهنجي عجيب صفتن ۽ عضون جي فائدن جو ملاحظو ڪري ٿو، جهڙوڪ: هٿ، پير، اکيون، زبان، جگر، ٻلي ۽ پتو وغيره - ته هر هڪ کي هن ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ حڪمت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي - ته ان مان کيس پنهنجي پروردگار جي علم جي ڄاڻ پئجي وڃي ٿي ته اهو (علم) ڪيڏي نه ڪمال کي پهتل آهي، ۽ ڪيئن نه هر چيز کي گهيريل آهي! پوءِ هو اها ڳالهه به سمجهي وڃي ٿو ته اهڙي عالم ۽ قادر کان ڪائي شيءِ لڪل نٿي رهي

سگهي. جيڪڏهن سيئي عقلمند گڏجي پنهنجي عقلن کي هڪ هنڌ گڏ ڪن، ۽ انهن کي سوچڻ لاءِ وڏيون وڏيون ڄمارون ڏنيون وڃن. انهيءَ لاءِ ته انهن سڀني عضون مان ڪنهن هڪڙي کي ان جي موجوده صورت کان زياده سهڻو بنائين. هو ڪڏهين به ائين ڪري نه سگهندا. مثلاً: هٿ ۾ پنج آڱريون آهن، چار هڪڙيءَ صف ۾ ۽ آڱوٺو ذرا پرڀرو ۽ ڊيگهه ۾ ڇوٽو، پر هر هڪ سان ملي ڪم ڪري ٿو، ۽ سڀني مٿان ڦري ٿو. هر هڪ ۾ وري ٽي جوڙ آهن، پر آڱوٺي ۾ ٻه آهن. هاڻي هٿ جي هن قسم جي جوڙجڪ مان انسان جي ڪيترائي ڪم پورا ٿين ٿا. دنيا جا مڙيئي ڏاها جيڪڏهن آڱرين جي ڪا ٻي وضع گڏجي تجويز ڪن. اها ساري ناقص رهندي ۽ هن جي ڀيٽ ۾ بلڪل بيڪار ثابت ٿيندي. ڪامل ۽ مڪمل اهائي وضع آهي، جا الله تعالیٰ پيدا ڪئي آهي. هان مان ظاهر ٿيو ته الله تعالیٰ جو علم سڀ کي گهيرو ڪندڙ آهي. ۽ هو هر شيءِ کان بخوبي واقف آهي. انسان جي هر هڪ عضوي ۾ الله تعالیٰ اهي حڪمتون رکيون آهن، جو جيتريقدر زياده جو انهن حڪمتن کي ڄاڻندو، تيتريقدر زياده هو الله تعالیٰ جي علم جي عظمت تي دل ۾ عجب کائيندو. جيڪڏهن انسان پنهنجي گهرجن تي غور ڪري، ته کي پهريائين پهريائين عضون جي گهرج محسوس ٿيندي. ان بعد کاڌي، ڪپڙي ۽ گهر جي ضرورت جو احساس ٿيندو، تنهن کان پوءِ ڪيس هوا، مينهن، گرم ۽ سرد موسم جي به گهرج رهندي. اهڙيءَ طرح سان اڳتي هلي، هو صنعتن جو به محتاج رهندو ۽ انهن صنعتن لاءِ وري اوزارن جي درڪار رهندي - مثلاً لوهه، ٽامو، پتل، شيهو وغيره؛ ۽ انهن اوزارن

جي ٻڻائڻ جي ترڪيب سکڻ لاءِ پڻ حاجتمند رهندو ته اهي ڪيئن ٺا نهن. انسان انهن سڀني شين جي ضرورت کي محسوس ڪندي سمجهي ويندو ته تمام مخلوقات نهايت ئي عمدي ۽ مناسب نموني تي ٺاهي ويئي آهي؛ ۽ اهي سڀ شيون جي پيدا ڪيون ويون آهن، سي جيڪڏهن الله تعالى نه ٺاٺائي ها ته انهن جو ٺاٺڻ ڪنهن جي به خيال ۾ نه اچي ها؛ ۽ هي پڻ سمجهي ويندو ته هيءُ ساري مخلوقات محض الله تعالى جي رحمت ۽ عنايت سان ٺهي آهي، ۽ هن جي پنهنجي ٻندن تي شفقت انهيءَ شفقت کان به زياده آهي، جا هڪ ماءُ کي پنهنجي ڪير پياڪ ٻار تي ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح، انسان پنهنجي هستيءَ جي هجڻ مان الله تعالى جي هستيءَ کي سمجهي وٺي ٿو، ۽ پنهنجي عضون جي تفضيل مان ان جي قدرت جو اندازو لڳائي سگهي ٿو پنهنجي عضون ۾ جي حڪمتون ۽ مصلحتون رکيل آهن، تن مان ان جي علم جي ڪامل کي ڏسي سگهي ٿو. ۽ پڻ انهن سڀني شين جي اجتماع ۾، جي سندس ضرورت ۽ حاجت لاءِ يا جي سندس زيب ۽ زينت لاءِ آهن، هو الله تعالى جو لطف ۽ رحمت ڏسي ٿو. انهي ئي نموني پنهنجي سڃاڻ ۽ ڄاڻ الله تعالى جي معرفت جو آئينو ۽ ڪنجي آهي.

## فصل ڇهون

# حق تعالىٰ جي تنزيه ۽ تقديس سڃاڻڻ

هاڻي جهڙيءَ طرح انسان پنهنجي صفتن مان الله تعالىٰ جي صفتن کي سڃاتو ۽ پنهنجي ذات مان ان جي ذات کي معلوم ڪيو، تهڙيءَ طرح سان هن کي پنهنجي تنزيه ۽ تقديس (صفائي ۽ پاڪائي) مان الله تعالىٰ جي تنزيه ۽ تقديس جي پروڙ پوندي. الله تعالىٰ جي حق ۾ تنزيه ۽ تقديس جي معنىٰ هيءَ آهي ته هو جيڪي ڪي وهم يا خيال ۾ اچي تنهن کان پاڪ ۽ صاف آهي؛ اگرچه ڪا به جاءِ ان جي تصرّف کان خالي نه آهي، تنهن هوندي به هو ڪنهن به جاءِ جي نسبت کان بلڪل آزاد ۽ پاڪ آهي. ان جي تنزيه ۽ تقديس جو مثال انسان خود پاڻ ۾ ڏسي سگهي ٿو، جو ته سندس جان جي حقيقت، جنهن کي اسان ”دل“ ڪري سڏيو آهي، انهن سڀني ڳالهين کان پاڪ آهي جي وهم ۽ خيال ۾ اچن ٿيون، پڻ مٿي چيو اٿئون ته دل کي نه مقدار آهي نه ڪميّت، ۽ نه وري هوءَ تقسيم جي قابل آهي، نه لازماً هوءَ رنگ کان به خالي هوندي. هاڻ، جنهن شيءِ کي نه رنگ آهي ۽ نه مقدار، اها هرگز خيال ۾ نه ايندي، ڇا لاءِ جو خيال ۾ ته اها شيءِ اچي سگهي ٿي، جنهن کي خود اک ڏٺو هجي، يا جنهن جي جنس جي ڪا ٻي شيءِ ان جي نظر مان گذري هجي. انهيءَ ڪري رنگ ۽ شڪل بغير ڪا به شيءِ نه ته اکين سان ڏسي سگهي ٿي ۽ نه وري خيال ۾ ئي اچي سگهي ٿي. جڏهن طبيعت تقاضا ڪري ته فلاڻي شيءِ ڪهڙي آهي، تڏهن ان جي معنىٰ هيءَ آهي ته ان جي شڪل ڪهڙي آهي، ننڍي آهي يا وڏي؟ جنهن شيءِ ۾ انهن صفتن کي دخل نه

هجي، نہ ان جي ڪيفيت بابت سوال ڪرڻ بلڪ بي سود آهي. جيڪڏهن ڄاڻڻ چاهين نہ اها ڪهڙي چيز آهي جنهن ۾ چون ۽ چرا جي مجال ئي نہ هجي تہ پنهنجي حقيقت تي غور ڪر، ڇا لاءِ جو تنهنجي حقيقت، جا الله تعالى جي معرفت جي ڄاءِ آهي، تنهن کي نہ تہ ورهائي سگهجي ٿو ۽ نہ وري ان ۾ مقدار ۽ ڪميّت ڪيفيت کي گنجائش آهي. جيڪڏهن ڪو پڇي تہ روح ڪهڙي قسم جي شيءِ آهي، تہ ان جو جواب هي آهي تہ ان ۾ ”ڪهڙائي“ کي ڪو دخل ڪونهي. هاڻي، جڏهن تو خود پاڻ کي انهن صفتن سان آراستہ ڏٺو، تڏهن سمجهي ڇڏ تہ الله تعالى اهڙي تنزيه ۽ تقديس جو وڌيڪ لائق آهي. ماڻهو عجب کائيندا آهن تہ ڪا شيءِ بي چون ۽ بي چگون ڪيئن ٿي سگهندي؟ ليڪن هو پنهنجي حقيقت تي غور نہ ٿا ڪن، جا خود بي چون ۽ بي چگون آهي ۽ جنهن کي اک ڏسي نٿي سگهي. ٻيو تہ ٺهيو، پر جيڪڏهن انسان پنهنجي جسم جي طرف نظر ڪري، تہ اتي بہ ڪيئن شيون بي چون ۽ بي چگون ڏسڻ لڳندو، مثلاً: عشق يا درد، جنهن کي اک ڏسي نٿي سگهي. پوءِ جي انهن جي ’چوني‘ ۽ ’چگونگي‘ دريافت ڪرڻ گهرندو، تہ ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن صورت ۾ انهن شين کي نہ رنگ آهي نہ روپ، تنهن صورت ۾ اهو سوال اٿي ئي نٿو سگهي. مطلب تہ انسان پنهنجي بي چوني ۽ بي چگونگي مان حق تعالى جي بي چوني ۽ بي چگونگي کي پروڙي سگهجي ٿو، ۽ پڻ خبر پونديس تہ جهڙي طرح ”جان“ موجود آهي ۽ جسم جي بادشاهہ آهي، ۽ ان سان تعلق رکندڙ شيون جن ۾ چوني ۽ چگونگي آهي سي سڀ ان جي مملڪت (بادشاهي) آهن، ۽ جان خود

بي چون ۽ بي چگون آهي، تهڙيءَ طرح جهان جو بادشاهه يعني خدا تعالى به بي چون ۽ بي چگون آهي، ۽ مڙيئي محسوسات جن ۾ چوني ۽ چگونگي آهي، سي سندس مملڪت آهن. حق تعالى جي پاڪائيءَ (تنزيه) جو ٻيو قسم هي آهي ته الله تعالى ڪي ڪنهن خاص جاءِ سان منسوب ڪري نٿو سگهجي، جيئن جان (روح، دل) ڪي به ڪنهن خاص عضوي سان منسوب ڪري نٿو سگهجي ۽ ائين چئي نٿو سگهجي ته جان هٿ ۾ آهي يا پيرن ۾، مٿي ۾ آهي يا جسم جي ڪنهن حصي ۾. اسين پنهنجي ساري بدن کي ورهائي ڀاڱا ڪري سگهون ٿا، ليڪن جان (روح) ڀاڱا ٿي نٿي سگهي، ڇا لاءِ جو اها تقسيم قبول ڪندڙ نه آهي، باقي بدن تقسيم قبوليندڙ آهي. هاڻي جا شيءِ تقسيم ٿي سگهي، تنهن ۾ ان شيءِ جو سمائجي وڃڻ، جا تقسيم ٿي نه ٿي سگهي، محال آهي؛ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اها ان ۾ سمائجي وڃي، ته پوءِ اها به تقسيم پذير (قابل تقسيم) ٿي پوندي. ليڪن باوجود يڪ جان (دل، روح) کي ڪنهن به عضوي سان منسوب ڪري نٿو سگهجي، تڏهن به ڪو عضوو سندس تصرّف کان خالي نه آهي، بلڪ سڀيئي عضوا سندس فرمان ۽ تصرّف هيٺ آهن، ۽ اها سڀني جي بادشاهه آهي. اهڙيءَ طرح سان سارو جهان الله تعالى جي تصرّف هيٺ آهي، ۽ اهو خود انهيءَ ڳالهه کان صاف ۽ پاڪ آهي، جو ان کي ڪنهن خاص جڳهه سان منسوب ڪجي. اهڙي نسبت کان هو گهڻو بلند ۽ بري آهي.

### فصل ٽيون

## حق تعالىٰ بادشاهي ڪيئن ٿو هلائي، تنهن جي معرفت

جڏهن توکي الله تعالى جي ذات جي هستي معلوم ٿي، ۽ ائين به معلوم ٿيو ته سندس صفتون ۽ پاڪائي ڪيئن نه چوني ۽ چگونگي کان پاڪ آهن، ۽ ان جو ڪنهن خاص مڪان سان منسوب رهڻ کان پاڪ هجڻ به تنهنجي سمجھ ۾ اچي ويو، ۽ هيءَ به سمجهي ورتئي ته انسان جي نفس جي پڇاڻ سڀ معرفت جي ڪنجي آهي، تڏهن باقي معرفت جو هڪ باب رهيو. اهو هي آهي ته الله تعالى پنهنجي مملڪت ۾ ڪهڙيءَ طرح بادشاهي هلائي ٿو: هو فرشتن کي ڪهڙيءَ طرح سان حڪم ڏئي ٿو، اهي ڪهڙيءَ طرح سان سندس حڪم جي پيروي ڪن ٿا، ۽ ڪيئن انهن جي مٿان ڪم ڪاريون سر انجام ٿين ٿيون. الله تعالى آسمان کان زمين تي ڪهڙيءَ طرح سان پنهنجا حڪم احڪام نازل فرمائي ٿو، ڪهڙيءَ طرح سان آسمانن ۽ ستارن کي جنبش ۾ آڻي ٿو، ڪهڙيءَ طرح اهل زمين وارن جي ڪاروبار کي آسمانن سان ڳنڍي ٿو: ۽ رزق جي ڪنجي آسمانن جي حوالي ڇو آهي؟ ۽ اهو سڀ ڪهڙي طريقي تي هلي ٿو.

هيءَ الله تعالى جي معرفت جو هڪ شاندار دروازو آهي، ان کي ’معرفت افعال‘ چون ٿا: ۽ هن کان اڳ جيڪي بيان ٿي چڪو آهي، تنهن کي ”معرفت ذات ۽ صفات“ چون ٿا. هن معرفت جي ڪنجي پڻ نفس جي معرفت (ڄاڻ سڃاڻ) آهي. جڏهن توکي اها به خبر ناهي ته بدن جي مملڪت ۾ تون ڪهڙيءَ

طرح راڄ ڪرين ٿو، تڏهن پوءِ تون هيءَ ڳالهه ڪيئن سمجهي سگهندين ته جهان جو بادشاهه ڪهڙيءَ طرح سان حڪمراني ڪري ٿو.

تون پهريائين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ ۽ فقط پنهنجي هڪ فعل تي نظر ڌر، مثلاً: جڏهن تون ڪنهن ڪاغذ تي ”بسم الله“ لکڻ چاهين ٿو، تڏهن اول تنهنجي دل ۾ رغبت ۽ ارادو پيدا ٿئي ٿو، پوءِ تنهنجي دل ۾ هڪ قسم جي حرڪت ۽ جنبش پيدا ٿئي ٿي. اها ظاهري دل آهي، جا تنهنجي کاٻي پاسي هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي. هڪڙو لطيف جسم انهيءَ دل کان چري (حرڪت ڪري) دماغ جي طرف وڃي ٿو، جنهن لطيف جسم کي حڪيمن ”روح“ سڏيو آهي، جو حسّ ۽ حرڪت جي مڙني قوّتن کي کنيو پيو هلي. اهو هڪ ٻئي قسم جي روح آهي جو خود حيوانن ۾ به آهي ۽ مثل موت به طاري ٿئي ٿو. جنهن روح جو نالو اسان ”دل“ رکيو آهي، اهو حيوانن کي نه هوندو آهي ۽ ڪڏهن به نه مرندو آهي: ڇالاءِ جو اهو الله تعالى جي معرفت جي جاءِ آهي.

جڏهن هي (حيواني) روح دماغ ۾ پهچي ٿو ۽ دماغ جي پهرئين ”خزاني“ ۾، جو خيالي قوّت جي جاءِ آهي، ”بسم الله“ جي شڪل پيدا ٿئي ٿي، تڏهن اتان ڪجهه اثر دماغ جي نسن ۾ پهچي ٿو جي ساري جسم سان ڳنڍيل آهن ۽ آڱرين جي چوٽين ۾ ڏاڳي وانگر ٻڌل آهن. پوءِ اُهي نسون چرن ٿيون ۽ آڱرين جي چوٽين کي چورين ٿيون، جي وري قلم ۾ تحرّڪ آڻين ٿيون، تان جو ”بسم الله“ جي صورت خيال جي خزاني مطابق، حواسن جي مدد سان خاص ڪري اک جي

امداد ذريعي ڪاغذ تي لکي وڃي ٿي، ڇا لاءِ جو اک جي ضرورت گهٽي پوي ٿي.

هاڻي، جهڙي طرح پهريائين ان لکڻ جي ڪم جي رغبت تو ۾ پيدا ٿي، تهڙي طرح الله تعالیٰ جي مڙني ئي ڪمن جي ابتدا ان جي صفتن مان هڪ صفت آهي، ۽ جنهن جو نالو آهي "ارادو."

جهڙي طرح ان ارادي جو اثر تنهنجي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ دل جي معرفت بين هندن تي پهچي ٿو، تهڙي طرح الله تعالیٰ جي ارادي جو اثر پهريائين عرش تي ظاهر ٿئي ٿو ۽ پوءِ بين تائين پهچي ٿو؛ ۽ جهڙي طرح هڪ بخار وانگر لطيف جسم انهيءَ اثر کي دل جي رڳن جي رستي دماغ تائين پهچائي ٿو، جنهن جسم کي "روح" چون ٿا، تهڙي طرح الله تعالیٰ کي به هڪ لطيف جوهر آهي، جو انهيءَ لطيف جوهر کي "فرشتو" ۽ "روح القدس" به چون ٿا؛ ۽ جهڙي طرح ارادي جو اثر دل کان دماغ ڏي وڃي ٿو، ۽ دماغ دل جي ماتحت ۽ سندس حڪم هيٺ آهي، تهڙي طرح الله تعالیٰ جي ارادي جو اثر پهريائين ڪرسي تي پهچي ٿو، جا پڻ عرش جي هيٺان آهي، ۽ جهڙي طرح "بسم الله" جي شڪل، جا تنهنجي مراد ۽ تنهنجو فعل آهي، دماغ جي پهرئين خزاني ۾ ظاهر ٿئي ٿي ۽ پوءِ فعل ان جي مطابق نمودار ٿئي ٿو، تهڙي طرح هر صورت، جا جهان ۾ پديدار ٿئي ٿي، تنهن جو نقش پهريائين لوح محفوظ ۾ پيدا ٿئي ٿو، ۽ جهڙي طرح اها لطيف قوّت جي دماغ ۾ ڏريل آهي ۽ نسن کي چوري ٿي ته جيئن نسون هٿ ۽ آڱرين کي چورين ۽ آڱريون قلم کي هلائين، تهڙي طرح سان اهي لطيف جوهر، جي عرش ۽ ڪرسيءَ تي مقرر

آهن، آسمانن ۽ ستارن کي چورين ٿا، ۽ جهڙيءَ طرح دماغي قوّت تنتن ۽ نسن جي وسيلي آڱرين کي چوري ٿي، تهڙيءَ طرح سان اهي لطيف جوهر، جن کي ملائڪ چون ٿا، ستارن ۽ انهن جي شعاعن جي ڳنڍن جي ذريعي سفلي عالم (هينئين عالم) ۾ ان جي امّهات جي طبيعتن کي جنبش ڏين ٿا، جن کي چار عنصر يعني گرمي، سردي، خشڪي ۽ تري به چون ٿا . ۽ جهڙيءَ طرح قلم مس کي ٽيڙي پکيڙي ۽ جمع ڪري ٿو ته جيئن ”بسم الله“ جي صورت ظاهر ٿئي، تهڙيءَ طرح سان هيءَ گرمي ۽ سردي، مٽيءَ ۽ پاڻي ۽ انهن جي مرڪبّت (يعني انهن جي ميلاپ سان ٺهيل شين) جي امّهات (اصلن) کي چورين ٿيون. ۽ جهڙي طرح ڪاغذ وٽڙيل يا جمع ٿيل مس کي قبول ڪري وٺي ٿو، تهڙي طرح رطوبت (تري، آلاڻ) انهن مرڪب شين (مرڪبات) کي شڪل جي قابل (شڪل قبول ڪندڙ) بڻائي ڇڏي ٿي، ۽ خشڪيءَ کي ان جو محافظ بنائي ٿي، ته جيئن ان جي صورت بدلجي نه وڃي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن رطوبت (آلاڻ) نه هجي ها، ته ان جي شڪل نه بڻجي ها، ۽ جي وري خشڪي نه هجي ها، ته ان شڪل جي حفاظت نه ٿئي ها. ۽ جهڙي طرح قلم پنهنجي ڪم ۽ پنهنجي حرڪت ڪري، خيال جي خزاني جي نقش مطابق، اک (واري قوّت) جي مدد سان لکي وٺي ٿو، تهڙيءَ طرح جڏهن گرمي ۽ سردي انهن مرڪب شين جي اصلن کي فرشتن جي مدد سان جنبش ڏين ٿيون، تڏهن حيوانات ۽ نباتات جي صورت لوح محفوظ جي شڪل جي موافق جهان ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

هاڻي، جهڙيءَ طرح جسم جي سيني ڪمن جي شروعات دل کان ٿئي ٿي ۽ تنهن کان پوءِ سيني عضون ۾ ڦهلجي ٿي، تهڙيءَ طرح سان عالم اجسام (هن جهان) جي ڪاروبار جي شروعات به پهريائين عرش کان ٿئي ٿي. ۽ پوءِ هن جسماني عالم ۾ پهچي ٿي، ان خاصيت کي قبول ڪرڻ واري شيءِ پهريائين تنهنجي دل آهي ۽ ٻيا عضوا ان کان پوءِ اُن کي قبول ڪن ٿا. ۽ ماڻهو دل کي توسان نسبت ڏين ٿا ۽ سمجهن ٿا ته تون ئي دل ۾ رهڻ وارو آهين؛ تهڙيءَ طرح جيئن ته الله تعالى جو غلبو سيني شين تي عرش جي ذريعي آهي، تنهنڪري لوڪ سمجهن ٿا ته الله تعالى عرش تي رهندڙ آهي.

هيءَ ڳالهه سمجهي ڇڏ ته بادشاهه ۽ بادشاهت کي بادشاهن کان سواءِ ٻيو ڪوئي به نه ٿو سمجهي. جيڪڏهن الله تعالى تنهنجي مملڪت تي توکي بادشاهه نه ڪري ها، ۽ پنهنجي بادشاهيءَ مان هڪ مختصر نسخو توکي نه ڏئي ها، ته تون ڪڏهن به ان کي سمجهي نه سگهين ها، تنهنڪري تون انهيءَ بادشاهه جو شڪر ڪر، جنهن توکي پيدا ڪيو ۽ بادشاهي عنايت ڪئي، پنهنجي مملڪت جي طرز تي توکي مملڪت بخشي، ۽ دل کي تنهنجو عرش بڻايائين. حيواني روح کي (جنهن جو سرچشمو دل آهي) تنهنجو اسرافيل بڻايائين؛ ۽ تنهنجي دماغ کي تنهنجي ڪرسي، ۽ تنهنجي خيال جي خزاني کي تنهنجو لوح محفوظ بڻايائين، تنهنجي اکين، ڪنن ۽ تمام حواسن کي تنهنجي فرشتا بڻايائين، ۽ تنهنجي دماغ جي گنبذ کي، جو نسن جو سرچشمو آهي، تنهنجي لاءِ آسمان ۽ ستارا بڻايائين. آڱر، قلم ۽ مس جي وسيلي طبيعتن (طبائع) کي تنهنجو غلام بڻايائين، ۽ توکي يگانو،

بي چون ۽ بي چگون پيدا ڪيائين ۽ سيني تي بادشاھ بڻايائين، ۽ پوءِ توکي چيائين ته ”خبردار، پنهنجي نفس ۽ پنهنجي بادشاهيءَ کان غافل نه ٿيءُ، چاڪاڻ ته ائين ڪرڻ ڪري، تون پنهنجي پيدا ڪرڻ واري کان غافل رهندين.“

## فصل چوٿون
# طبيعيءَ ۽ نجوميءَ جي ماڪوڙيءَ سان تشبيه

ويچارو عاجز طبيعي ۽ نجومي، جي ساري ڪاروبار کي طبيعتن ۽ ستارن تي منحصر سمجهن ٿا، تن جو مثال ان ڪوَلي وانگر آهي، جا ڪاغذ تي هلي ٿي، ۽ ڏسي ٿي ته ڪاغذ ڪارو ٿي رهيو آهي ۽ ان تي نقش ٺهي رهيا آهن. نظر ڦيري ڏسي ٿي ته قلم جي نوڪ کي ڏسي ٿي، ۽ خوش ٿي چوي ٿي ته ”هن ڪم جي حقيقت کي سمجهي ورتم، ۽ هاڻي بس . . . هي نقش قلم ئي ٿو پيو بڻائي.“ هيءُ طبيعيءَ جو مثال، جو پنهنجي محدود دائري اندر ڦري رهيو آهي.

ان کان پوءِ هڪڙي ٻي ڪوَلي اچي ٿي، جنهن جي اک وڏي ۽ نگاهه زياده تيز آهي، ۽ اچي چوي ٿي ته ”تو غلطي ڪئي آهي، ڇا لاءِ جو مان ان قلم کي ڪنهن ٻئي جو غلام (پابند) ڏسان ٿي ۽ قلم جي پريان ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي ڏسي رهي آهيان، جا اهي نقش ٺاهي رهي آهي.“ ۽ هن کان خوش ٿي چوي ٿي ته ”حقيقت هيءَ ئي آهي جا مون سمجهي آهي، نه نقش آڱر ڪڍي رهي آهي ۽ نه قلم ڇو ته قلم ان جو تابع آهي.“ هي مثال آهي نجوميءَ جو، جنهن پنهنجي نظر کي البت ڪجهه پري ڊوڙايو، ۽ سمجهيو ته طبيعتون ستارن جي ماتحت آهن، ۽ انهن درجن کي خيال ۾ نه آڻي سگهيو جي اجا ڪانئس مٿي هئا.

جهڙيءَ طرح طبيعيءَ ۽ نجوميءَ جي وچ ۾ هيءُ تفاوت جسماني عالم ڪان پيدا ٿيو آهي، تهڙيءَ طرح انهن ماڻهن جي درميان به تفاوت آهي، جي عالم ارواح (روحاني دنيا) ڏانهن ترقي ڪن ٿا: ڇا لاءِ جو گهڻا ماڻهو هن جسماني دنيا کان اڳتي ترقي نٿا ڪن، ۽ ان کان سواءِ ٻين شين کي نٿا سمجهن، جو هو پهرينءَ منزل تي روڪجي وڃن ٿا. ۽ عالم ارواح ڏانهن چڙهڻيءَ جي واٽ مٿن بند ٿيو وڃي. روحاني عالم، جو نورن جو عالم آهي، ان ۾ به اهڙيءَ طرح اڪيچار چاڙها ۽ پردا درپيش اچن ٿا. اتي ڪن جا درجا تارن جي درجي مثل آهن، ته ڪن جا درجا چنڊ ۽ سج جي طرح آهن. هي انهن ماڻهن جي ڪمال جا درجا آهن، جن کي آسمان جي ملڪوت جو مشاهدو ڪرايو ويو آهي.

مقصد هي آهي ته تون هن ڳالهه کي سمجهين ته طبيعي ويچارو جنهن مڙني شين کي ڪٽي گرمي، سردي، خشڪي ۽ تري جي حوالي ڪيو آهي، سو به سچو آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهي چار طبيعتون الاهي اسبابن ۾ نه هجن ها ته علم طب ڪوڙو رهجي وڃي ها. ليڪن هن غلطي هن سبب ڪان ڪئي آهي، جو سندس اک گهڻو ڪوتاهه بين هئي، ۽ پهرينءَ ئي منزل تي ڊيرو ڪري ويٺي، ۽ انهن (گرمي، سردي، وغيره) کي اصل ڪري سمجهيائين ۽ نه حڪم جو پابند ۽ نڪين مالڪ ڪٽي تصور ڪيائين ۽ نه نوڪر ۽ غلام. اهڙيءَ طرح نجوميءَ جو حال آهي، جنهن تارن کي اسباب جي وچ ۾ آندو. انهيءَ به ڪوڙ ڪونه ڳالهايو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ائين نه هجي ها، ته رات ڏينهن هميشه برابر هجن ها. نجوميءَ جي غلطي هن ڳالهه ۾ آهي، جو هن سج، چنڊ ۽

تارن کي اصل سمجهيو ۽ دنيا جي ڪاروبار کي انهن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيائين؛ اگرچه درحقيقت اهي محتاج ۽ چاڪر آهن، جن کان فرشتا خدا جي حڪم سان ڪم وٺي رهيا آهن.

## فصل پنجون

# ماڻهن جي، انڌن جي ٽولي سان تشبيه

ماڻهن ۾ اڪثر اختلاف به انهيءَ قسم جا هوندا آهن، جو سڀيئي ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه ۾ سچا هوندا آهن، پر في الجمله غلط هوندا آهن. ڪابه شيءِ پوريءَ طرح نه ڏسندا آهن، پر چوندا آهن ته ”سڀڪجهه ڏٺوسون.“ انهن جو مثال انڌن جي ٽولي وانگر آهي، جي جڏهن ٻڌن ٿا ته اسان جي شهر ۾ هاٿي آيو آهي، تڏهن ان کي ڏسڻ لاءِ وڃن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته ان کي هٿ لائڻ سان سڃاڻي وٺنداسون. پوءِ، ڪنهن جو هٿ هاٿيءَ جي ڪن تي پوي ٿو، ته ڪنهن جو ان جي پير تي، ۽ ڪنهن جو ڏندن تي؛ پوءِ جڏهن اهي انڌا ٻين انڌن وٽ اچن ٿا، ۽ اهي انهن کان هاٿيءَ جي وصف پڇن ٿا، تڏهن انهن مان جنهن هاٿيءَ جي پير کي هٿ لاتي هو، سو چوي ٿو ته ”هاٿي ٿنڀي جي مثل آهي،“ ۽ جنهن ان جي ڏندن کي هٿ لڳايو هو، سو چوي ٿو ته ”هاٿي گرز وانگر آهي،“ ۽ جنهن جو هٿ ان جي ڪن تي پيو هو، سو چوي ٿو ته ”هاٿيءَ رليءَ وانگر آهي،“ سڀني هڪ ڳالهه ڪري سچ چيو ۽ غلطي به ڪيائون، ڇاڪاڻ ته سمجهيائون ته اسان سڄي هاٿيءَ کي ڏٺو آهي. حالانڪ سڄي هاٿيءَ کي نه ڏٺو هئائون. اهو آهي حال طبيعيءَ ۽ نجومي جو! هر هڪ جي اک رڳو الله تعالیٰ جي هڪڙي خادم تي پيئي، ۽ ان جو غلبو ۽ طاقت ڏسي، عجب ۾ پئجي چيائون ته ”بادشاهه خود اهو آهي، هيءُ ئي اسان جو پالڻهار آهي!“

## فصل ڇهون

# شريعت جي متابعت ئي سعادت جي واٽ آهي

الله تعالیٰ جي معرفت جي شرح ته ڏکي آهي، مگر جو ڪجھ بيان ڪيو ويو آهي، سو ماڻهن جي تنبيه ۽ تشويق لاءِ ڪافي آهي، جيئن هو حق المقدور سچيءَ معرفت جي ڳولا ڪن. انسان جي سعادت الله تعالیٰ جي معرفت، سندس بندگيءَ ۽ عبادت ۾ آهي، ۽ ان جو ڪارڻ ته انسان ابدي سعادت الله تعالیٰ جي معرفت ۾ آهي، اڳ بيان ٿي چڪو آهي. ليڪن بندگيءَ ۽ عبادت ۾ ئي جو آدميءَ جي سعادت جو سبب آهي، سو هن ڪري، جو جڏهن هو مرندو تڏهن سندس واسطو فقط الله تعالیٰ سان رهندو، ۽ جنهن کي ڪنهن سان رهڻو آهي، ته پوءِ ان جي سعادت به انهيءَ ڳالھ ۾ آهي ته هو ان جو دوستار ٿي رهي؛ ۽ جيترو قدر ان سان زياده محبت رکندو، اوترو قدر کيس زياده خوشي حاصل ٿيندي - ڇاڪاڻ ته لذت ۽ راحت محبوب کي ڏسڻ سان زياده ٿيندي آهي.

الله تعالیٰ جي دوستي ۽ محبت ان جي دل تي غالب نه ٿيندي، مگر معرفت ۽ گهڻي ذڪر سان، ڇالاءِ جو جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي دوست رکندو آهي ته ان جي يادگيري به گهڻي ڪندو آهي، ۽ جيئن زياده يادگيري ڪندو آهي، تيئن وڌيڪ ان جو دوستار ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح، جو به الله تعالیٰ جو دوست هوندو آهي، سو ان جي يادگيري به گهڻي ڪندو آهي، ۽ الله جو ذڪر دل تي تڏهن غالب ٿيندو، جڏهن عبادت کي سانده جاري رکبو، ۽ عبادت ۾ فراغت تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن نفساني خواهش جا سڀ دل مان ٽوڙي ڇڏبا، ۽

خواهشن جا سڀئي تڏهن ٿيندا، جڏهن گناهن کان پرهيز ڪبي. لھٰذا گناهن جي پچر ڇڏي ڏيڻ ئي دل جي جمعيت ۽ فراغت جو سبب آهي، ۽ الله تعالیٰ جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ ڪري ئي سندس ذڪر دل تي غالب پوي ٿو. عبادت ۽ اطاعت ٻئي محبت جو سبب آهن، جا سعادت جو ٻج ۽ ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. چاڪاڻ ته سڀ عمل عبادت ٿي نٿا سگهن، اهريءَ طرح سڀني خواهشن کان جدائي به ڪري نه ٿي سگهجي، ۽ نه وري ائين ڪرڻ جائز ئي آهي - مثلاً: جيڪڏهن ماڻهو کاڌو نه کائيندو ته مرندو، ۽ جيڪڏهن مباشرت نه ڪندو ته نسل منقطع ٿيندو. ان ڪري ڪي خواهشون اهڙيون آهن جن کي ڇڏي نٿو سگهجي. ان لاءِ هڪ حد مقرر ڪرڻ گهرجي، جا هڪ خواهش کي ٻئي کان الڳ ڪري. حد مقرر ڪرڻ وري ٻن ڳالهين تي منحصر آهي: يا ته آدمي پنهنجي عقل ۽ خواهش (مرضيءَ) سان حد مقرر ڪري ۽ پنهنجي غور ۽ فڪر سان ان کي اختيار ڪري، يا وري ڪنهن ٻئي کان حد مقرر ڪرائي. اِها ڳالهه محال آهي جو آدمي پنهنجي حد پاڻ مقرر ڪري سگهي، ڇا لاءِ جو خواهش ان تي اڪثر غالب رهندي آهي ۽ صحيح رستي کي ان کان ڇپائيندي آهي، ۽ جا شيءِ ان جي مطلب وٽان هوندي آهي، تنهن کي ان جي اڳيان صحيح ۽ درست ڪري ڏيکاريندي آهي. ان ڪري لازمي آهي ته اختيار جي واڳ ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪئي وڃي. پر جيئن ته هر شخص پيرويءَ لائق نه آهي، تنهنڪري هتي سڀ کان وڌيڪ دوربين ۽ دورانديش انسان جي ضرورت آهي، جي خدا جا پيغمبر سڀڳورا ئي ٿي سگهن ٿا.

پوءِ ضروري آهي ته انسان شريعت جي تابعداري ڪري ۽ ان جي حڪمن ۽ حدن کي لازمي سمجهي، ڇاڪاڻ ته اهائي سعادت جي راهه آهي ۽ اهائي بندگيءَ جي معنى آهي، ۽ بس.

فصل ستون

## غلط رستا ۽ باحتين جي جهالت جا سبب

اهي ماڻهو جي اهل اباحت وارن مان آهن (جي حرام شين کي پاڻ لاءِ جائز ۽ روا رکن ٿا)، ۽ الله تعالى جي حڪمن کي اورانگهي وڃي پري پيا آهن، تن جي غلطيءَ ۽ جهالت جا ست سبب آهن:

پهريون سبب:

انهيءَ ٽولي جي جهالت جو پهريون ڪارڻ هيءُ آهي جو هو الله تعالى تي ايمان نٿا رکن، ان کي پنهنجي وهم ۽ خيال جي خزاني مان ڳولين ٿا ۽ ان جي چونيءَ ۽ چڪونگيءَ جي تلاش ۾ رهن ٿا. جڏهن ائين ڪرڻ سان ان کي نٿا پهچن ته انڪار ڪري ٿا وڃن، ۽ سموري ڪائنات جي ڪاروبار کي طبيعت ۽ نجوم جي طرف منسوب ٿا ڪن ۽ خيال ٿا ڪن ته انسان، حيوان ۽ هي عجيب شين سان ڀريل جهان خود بخود پيدا ٿيو آهي: يا هميشه کان ائين ئي هلندو اچي ٿو، يا هي سڀ طبيعت جو فعل (ڪم) آهي.

ٻيو سبب:

انهن جي جهالت جو ٻيو سبب هيءُ آهي، ته هو آخرت تي ايمان نٿا رکن، ۽ سمجهن ٿا ته آدمي به نباتات مثل آهي يا حيوانن وانگر آهي، جو مرڻ بعد فنا ٿي وڃي ٿو ۽ ان تي نه حساب آهي، نه جزا ۽ سزا. هن جهالت جو سبب پنهنجي نفس کان عدم واقفيت، جو پنهنجو پاڻ کي حيوان يا گاهه ٿو سمجهي، ۽ روح کي نٿو

سچائي، جو آدميءَ جي حقيقت آهي، ۽ اها به خبر نه اٿس ته اهو ابدي آهي ۽ ڪڏهن به نه مرندو.

ٽيون سبب:

ان ٽولي جي جهالت جو ٽيون سبب هيءُ آهي ته هو الله تعالیٰ ۽ آخرت تي ايمان رکن ٿا، پر سندن ايمان ضعيف آهي. هو شريعت جي معنیٰ کي نٿا سمجهن ۽ سندن چوڻ آهي ته ”الله تعالیٰ کي اسان جي عبادت جي ڪهڙي ضرورت ۽ اسان جي گناهن کان کيس ڪهڙي تڪليف آهي؟ هو بادشاهه آهي ۽ لوڪن جي عبادت کان بيپرواهه. عبادت ۽ نافرماني ان جي اڳيان برابر آهن.“ هي جاهل قرآن جي طرف نٿا ڏسن، جو چوي ٿو ته ”جو پاڻ کي پاڪ ڪري ٿو، سو فقط پنهنجي پاڻ کي پاڪ ڪري ٿو.“ هي فاسق آهن، جي شريعت جي هيءَ معنیٰ وٺن ٿا ته ”ڪم خدا جي لاءِ ڪرڻ گهرجي، ۽ نه پاڻ لاءِ.“ انهن جو مثال ان بيمار وانگر آهي، جو پرهيز نه ڪري ۽ هيئن چوي ته ”حڪيم جو ان ۾ ڇا ويو، مان سندس چوڻ مڃان يا نه مڃان.“ ائين برابر آهي، پر ان سبب هو خود پنهنجي حياتي وڃائي ويهندو. حڪيم کي ڪهڙو نقصان! مگر ڪِري نه ڪرڻ ڪري خود هلاڪ ٿيندو.

چوٿون سبب:

ان ٽولي جي جهالت جو چوٿون سبب هيءُ آهي ته هو شريعت جي مخالفت ۾ هيئن چون ٿا ته ”شريعت دل کي خراب خواهشن، ڪاوڙ ۽ ريا کان پاڪ

ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿي، ليڪن هي ناممڪن آهي، ڇا لاءِ جو آدميءَ کي انهن ئي شين مان پيدا ڪيو ويو آهي، ۽ انهن جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪو چاهي ته ڪاري کي اڇو ڪيو وڃي، حالانڪ ائين ڪرڻ محال آهي.“ هي نادان اهو نٿا سمجهن ته شريعت اهو حڪم ڪونه ڏنو آهي ته ”ڪاوڙ ۽ خواهش کي اکيڙي ڪڍي ڇڏيو“، مگر اهو ته ”انهن کي ضابطي ۾ رکو ته جيئن اهي عقل ۽ شريعت تي غالب نه پئجي وڃن ۽ سرڪشي نه ڪن.“ ائين ڪرڻ ممڪن آهي ۽ گهڻن ئي ڪري ڏيکاريو آهي. الله تعالیٰ پڻ انهن ماڻهن جي تعريف ڪئي آهي جي ڪاوڙ کي کائين ٿا، ۽ نه انهن جي، جن کي (ڪنهن به جائز ڪم لاءِ) ڪاوڙ اچي ئي نه.

پنجون سبب:

انهن جي جهالت جو پنجون سبب هيءُ آهي ته الله تعالیٰ جي صفتن کان بيخبر هوندي به چوندا آهن ته ”الله ڪريمِ ۽ رحيم آهي. اسان جهڙا به هجون ۽ جيئن به هلون، اهو ضرور اسان تي رحم فرمائيندو.“ ليڪن هو اهو نٿا ڄاڻن ته جهڙيءَ طرح هو ڪريمِ آهي، اهڙيءَ طرح هو سزا ڏيڻ ۾ به سخت آهي، ۽ هي نٿا ڏسن ته ڪيترن ماڻهن کي مصيبت، بک ۽ بيماريءَ ۾ مبتلا رکيو اٿس، اگرچه هو ڪريمِ ۽ رحيم آهي. ۽ هيءُ نٿا ڄاڻن ته جيستائين کيتي ۽ وڻج واپار نه ڪبو تيستائين مال دستياب نه ٿيندو، ۽ جيستائين ڪوشش نه ڪندا، تيستائين ڪين علم حاصل نه ٿيندو. ائين چوڻ وارا دنيا جي طلب ۾ نه ڪا گهٽتائي ڪانه ٿا ڪن ۽ ائين نٿا چون ته ”الله تعالیٰ ڪريمِ ۽ رحيم آهي، سواءِ کيتي ۽ تجارت جي روزي

ڏيندو“ - باوجود هن حقيقت جي ته روزي جو ضامن به هو پاڻ آهي! - هُن ته آخرت جو ڪم عمل جي حوالي ڪيو آهي، جو فرمايو اٿس ته ”انسان کي اهوئي ڪجھ ملندو، جنهن لاءِ ڪوشش ڪئي هوندائين.“ درحقيقت هي ماڻهو انهيءَ جي ڪرم تي ايمان نٿا رکن ۽ رزق جي تلاش کان ٻنهه هٿ نٿا کڻن. انهيءَ ڪري، جو ڪجھ هو آخرت جي باري ۾ چون ٿا، سو سڀ زباني ۽ شيطاني تلقين آهي.

چھون سبب:

انهن جي جهالت جو چھون سبب هيءُ آهي جو غرور ۽ هٺ ڪري ائين سمجهن ٿا ته ”اسين اهڙي مرتبي کي پهچي ويا آهيون، جو اسان جو گناهه اسان جو ڪجھ نٿو بگاڙي، ۽ اسان جو دين اهڙو ڪشادو ثلاءُ آهي، جنهن کي پليديءَ جي پرواهه ناهي.“ انهن ۾ اهڙا نادان ۽ گهٽ سمجھ رکندڙ به آهن، جو جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ڳالهه ۾ سندن حشمت کي ڪيرائي وجهي ۽ سندن ريا ۽ تڪبّر کي ٽوڙي وجهي ته هو ساري عمر ان جا ويري ٿيو پون. جيڪڏهن هڪ وٽندڙ لقمو کائڻ کسيو وڃي ته سارو جهان انهن لاءِ سوڙهو ۽ اونداهو ٿيو پوي. اهي نادان جي اهڙا تنگ ظرف آهن تن جي اهڙي دعوا ڪيئن مڃي سگهجي! جيڪڏهن انهن ڪو شخص ڪٿي هجي به، جو عداوت، شهرت، رياء ۾ ڪاوڙ جي ويجهو نه ويندو هجي، ته به هو پنهنجي هن دعوا ۾ دوکي هيٺ آيل آهي، ڇا لاءِ جو هو ان سبب ڪو پيغمبرن جي درجي کان مٿي چڙهي ڪونه ويندو. پيغمبر ته پنهنجي لغزشن تي روئندا ۽ زاري ڪندا هئا، ۽ الله تعالى جي دربار ۾ معذرت طلبيندا هئا. وڏي مرتبي وارا اصحاب سڳورا ننڍڙن ننڍڙن

گناهن کان ڊپ ڪندا هئا ۽ ڪن وقتن تي ٿوري شڪ شبهي سبب حلال شين کان بہ پرهيز ڪندا هئا. (تڏهن) هِنن بيوقوفن اهو ڪيئن سمجهيو آهي تہ شيطان جي دوکي ۽ فريب جو شڪار نہ آهن!

ستون سبب:

ان ٽولي جي جهالت جو ستون سبب آهي انهن جي غفلت ۽ نفساني خواهش. اهي جڏهن ڪنهن گروهہ کي ناجائز رستي تي هلندو، فساد ڪندو، رنگين ڳالهيون ٺاهيندو، صوفين جي پوشاڪ پهريو تصوّف ۽ ولايت جي دعوا ڪندو ڏسندا آهن، ڪين انهن جون اهي ڳالهيون پسند اينديون آهن: تہ ڇا لاءِ تہ انهن جي دلين تي لغويت ۽ خواهش جو غلبو هوندو آهي، جو انهن کي فساد ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي. اهڙا ماڻهو ائين ڪڏهن نہ چوندا آهن تہ فساد يا خرابي ڪرڻ سان اسان کي ڪو عذاب رسندو، تہ جيئن سندن عيش زهر نہ ٿي پوي، پر الٽو چوندا آهن تہ ”هي خود فساد نہ آهي ۽ اهڙو خيال ڪرڻ ئي تهمت ۽ حديث (نئين ڳالهہ) آهي،“ حالانڪ نہ هنن کي تهمت جي معنى جي خبر آهي ۽ نہ وري حديث جي. ٻڙا آدمي غافل، نفس پرست ۽ شيطان جا تبعدار ٿين ٿا ۽ سمجهائڻ سان نٿا سمجهن، ڇا لاءِ جو انهن کي پنهنجن ڪمن ۾ شڪ نٿو پوي. اهڙن ماڻهن کي تلوار سان نيڪ ڪرڻ کپي ۽ نہ ڳالهين ۽ دليلن سان.

جيڪڏهن ماڻهو جي جهالت اهڙن ڪمن ۾ هجي، جي ان جي طبع جي موافق هجن، تہ پوءِ اهڙيءَ گمراهيءَ جو منجهي وڃڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان جو سبب هي آهي تہ هي ماڻهو سواءِ ڪنهن خوف ۽ خطري جي اباحت (ناجائز) جي

رستي تي هلن ٿا ۽ چون ٿا ته اسان منجهيل (حيران) آهيون. جيڪڏهن ڪانئن پڇيو وڃي ته ”توهان ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ منجهيل آهيو؟“ ته ان جو ڪو جواب نٿا ڏين. اهڙن ماڻهن جو مثال انهيءَ شخص وانگر آهي، جو طبيب کي چوي ته مان بيمار آهيان ۽ ڪيس هي نه ٻڌائي ته مون کي ڪهڙي بيماري آهي. پوءِ اهڙي شخص جو علاج ٿي نٿو سگهي، جيستائين ڪِ ان جي بيماري جو پتو نه پوي.

دين جا بزرگ اُهي آهن جي ڄاڻن ٿا ته جنهن حرص ۽ خواهش کي پنهنجو مطيع نه بنايو، سو انسان نه پر ڍور آهي. تنهنڪري سمجهڻ گهرجي ته آدميءَ جو نفس مڪّار ۽ دوکيباز آهي ۽ هميشه ڪوڙيون دعوائون ڪندو ۽ ڏاڍون هٺدو رهي ٿو ته مان گهڻو زبردست آهيان. لهٰذا مناسب آهي ته اُن (نفس) کان ثابتي گهري وڃي، ۽ اُن جي سچائيءَ پرکڻ لاءِ سواءِ شرعي دليلن جي، خود سندس دليلن تي اعتبار نه ڪيو وڃي. جيڪڏهن هو هميشه شريعت جي اطاعت ۾ رهي ته پوءِ هو سچو آهي، ۽ جيڪڏهن شرعي حڪمن بابت حيلا ۽ بهانا ۽ تاويل تلاش ڪري ته پڪ ڄاڻ ته هو شيطان جو پوئلڳ آهي، ۽ اجائي ولايت جي دعوا ٿو ڪري. مرڻ گهڙيءَ تائين اها ثابتي نفس کان پڇڻ گهرجي، نه ته انسان دوکو کائيندو ۽ بيخبريءَ ۾ پاڻ هلاڪ ڪندو. اهو پڻ ڄاڻڻ گهرجي ته شريعت جي متابعت ۾ نفس جو پيش پوڻ، اجا رڳو مسلماني جي پهريون درجو آهي، پيون منزلون اجا پري ٿيون.

# عنوان ٽيون

# دنيا کي سڃاڻ

## فصل پهريون

## آدمي دنيا ۾ ڇو آيو آهي؟

توکي ڄاڻ گهرجي ته دنيا، دين جي رستي جي منزلن مان هڪ منزل آهي، ۽ حق تعالى جي حضور ڏانهن ويندڙ مسافرن لاءِ هڪ گذرگاهه آهي، صحرا جي ڪناري تي هڪ سينگاريل بازار آهي ته جيئن مسافر پنهنجي رستي جو سامان خريد ڪن.

دنيا مان مقصود آخرت جو توشو آهي، ڇا لاءِ جو انسان کي پيدائش جو وقت سادو ۽ ناقص پيدا ڪيو ويو آهي، پر ان هوندي به هن ۾ هڪ صلاحيت رکيل آهي ته هو ڪمال حاصل ڪري ۽ ملڪوت جي صورت کي پنهنجي دل جو نقش بنائي، جيئن الاهي حضور جو لائق ٿئي، انهيءَ معنى ۾ ته واٽ لهي ۽ الله تعالى جي جمال جي نظاري جي پسندڙن ۾ شمار ٿي سگهي. اهائي سنديس سعادت جي انتها آهي، اهوئي سندس بهشت آهي، ۽ انهيءَ لاءِ ئي کيس خلقيو ويو آهي. جيستائين سنديس اک نه کلندي، تيستائين نڪي نظارو پسي سگهندو، ۽ نڪي سندس جمال جو ادراڪ ڪري سگهندو، سڀ معرفت سان حاصل ٿئي ٿو - ۽ الله تعالى جي معرفت جي ڪنجي آهي. الله تعالى جي ڪريگريءَ کي سڃاڻ جي ڪنجي آدميءَ جا هي حواس آهن. پر اُهي حواس هن مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان نهيل جسم کان سواءِ ممڪن ناهن، انهيءَ ڪري کيس هن مٽيءَ ۽

پاڻيءَ واري جهان ۾ موڪليو ويو آهي، تہ جيئن هو هن جهان مان توشو هٿ ڪري، ۽ پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ واري ڪنجيءَ ذريعي، الله تعالى جي معرفت حاصل ڪري، جا هنن حواسن سان ئي سهي ڪري سگهجي ٿي جيستائين هي حواس ساڻس شامل آهن ۽ سندس لاءِ جاسوسي ڪندا رهن ٿا، تيستائين چئبو تہ آدمي دنيا ۾ آهي (جيئرو آهي)، ۽ جڏهن هي حواس (ڪانئس) موڪلائي وڃن ٿا ۽ آدمي جون ذاتي صفتون وڃيو باقي رهن، تڏهن چوندا آهن تہ هو آخرت ڏي روانو ٿي ويو (مري ويو). انسان جي دنيا ۾ رهڻ جو سبب هيءَ ئي آهي، ۽ بس.

## فصل ٻيون

# دنيا جي حقيقت، ان جي آفت ۽ ان جو غرض

دنيا ۾ آدميءَ کي ٻن شين جي ضرورت آهي، هڪ ته دل کي ناس ٿيندڙ شين کان محفوظ رکي، ۽ ان جي غذا ڪري، ٻيو ته بدن کي برباد ڪندڙ شين کان بچائي، ۽ ان جو غذا حاصل ڪري، ٻيو ته بدن کي برباد ڪندڙ شين کان بچائي، ۽ ان جي غذا حاصل ڪري.

دل جي غذا آهي الله تعالىٰ جي معرفت ۽ محبت، ڇا لاءِ جو هر ڪنهن شيءِ جي غذا اُن جي طبيعت موافق هوندي آهي، ۽ اها اُن جي خاصيت آهي. انسان جي خاصيت جو ذڪر اڳ ٿي چڪو آهي، باقي دل جي بربادي‌ءَ جو سبب هي آهي ته الله تعالىٰ کان سواءِ ٻين شين جي محبت ۾ غرق ٿي وڃي، - بدن جي سنڀال به دل جي خاطر ڪرڻ گهرجي: ڇاڪاڻ ته بدن فاني آهي ۽ دل باقي: دل جي لاءِ بدن ائين آهي جيئن حاجيءَ جي لاءِ حج جي راهه ۾ اُٺ. حاجي اٺ جي لاءِ نه هوندو آهي، پر اٺ حاجيءَ لاءِ هوندو آهي. لهٰذا حاجيءَ کي جڳائي ته جيستائين ڪعبي ۾ نه پهچي وڃي، تيستائين ضرورت آهر اُٺ کي گاهه پنو چاريندو رهي. پر جيڪڏهن سارو وقت اُٺ جي چارڻ، سينگارڻ ۽ ٿهل ٽڪور ۾ گذاريندو ته قافلي کان پٺتي رهجي ناس ٿيندو. اهڙيءَ طرح سان جيڪڏهن آدمي سارو وقت بدن جي سنڀال ۾ خرچ ڪندو ته پوءِ پنهنجي سعادت کان محروم رهندو.

بدن جون حاجتون به ٽن ڪان وڌيڪ نه آهن: کائڻ لاءِ کاڌو، پهرڻ لاءِ لباس ۽ رهڻ لاءِ جاءِ جي ضرورت آهي، ته جيئن گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ تباهيءَ کان سلامت رهي. بس هن دنيا ۾ آدميءَ کي پنهنجي جسم جي لاءِ هن کان وڌيڪ بي ضرورت ڪانهي، بلڪ هيءُ ته ساري دنيا جو اصول آهي. دل جي غذا خدا جي معرفت آهي، جا جيتريقدر گهڻي هوندي تيتريقدر بهتر. بدن جي غذا آهي طعام جو جيڪڏهن اندازي کان زياده هوندو ته هلاڪت جو باعث بڻبو. الله تعالیٰ خواهش کي انسان تي هن لاءِ مقرر ڪيو آهي ته هن کان کاڌي، پوشاڪ ۽ جڳهه جو گهر ڪري، تان ته سندس بدن، جو سندس سواري آهي، هلاڪت کان محفوظ رهي. خواهش جي ته فطرت ئي اهڙي آهي، جو هڪ حد تي اُن کي قرار نه آهي ۽ هميشه زيادتيءَ جي طلب ۾ رهي ٿي. تنهنڪري الله تعالیٰ عقل کي خلقيو آهي ته ان کي پنهنجي حد اندر رکي، ۽ شريعت کي پيغمبرن جي واتان هن لاءِ موڪيو آهي ته خواهش جون حدون مقرر ڪيون وڃن. بالبڻي ۾ پهريائين خواهش کي ئي پيدا ڪيو ويو آهي، ڇا لاءِ جو ان جي ضرورت هئي، ۽ عقل کي پوءِ پيدا ڪيو ويو آهي. تنهنڪري خواهش جنهن پهريائين جڳهه ورتي آهي، سا سدائين سرڪشي ڪندي رهي ٿي، ۽ غالب پئجي وئي آهي. عقل ۽ شريعت بعد ۾ آيا آهن، انهيءَ لاءِ ته خواهش انسان کي هم تن کاڌي ڪپڙي ۽ جڳهه جي طلب ۾ مشغول نه ڪري، جنهن سبب هو پاڻ کي وساري ڇڏي، پر هو چڱي پر ڄاڻي ته هي کاڌو ۽ ڪپڙو ڇا لاءِ آهن، ۽ خود هو پاڻ جهان ۾ ڇا جي لاءِ آهي؟ ۽ پڻ دل جي غذا کي وساري نه ويهي، جا

آخرت جو توشو آهي. هاڻي، جڏهن تون دنيا جي ساري حقيقت، ان جي آفت ۽ غرض کان واقف ٿئين، ته مناسب آهي ته ان جي شاخن ۽ پاڙن کي به معلوم ڪرين.

## فصل ٽيون

# ٽي شيون دنيا جون اصل آهن: کاڌو، ڪپڙو ۽ گهر

جيڪڏهن تون دنيا جي تفصيل تي غور ڪندين، ته توکي معلوم ٿيندو ته دنيا مان مراد ٽي شيون آهن: نباتات معدنيات ۽ حيوانات. زمين في الاصل رهائش ۽ زراعت جي فائدي لاءِ آهي، معدنيات جهڙوڪ ٽامو، لوهه ۽ پتل اوزارن ٺاهڻ لاءِ آهن؛ ۽ حيوان (حيوانات) سواريءَ ۽ خوراڪ لاءِ آهن: انسان ته پنهنجي دل ۽ بدن کي انهن ۾ ئي ڪٽي لڳايو آهي.

دل کي انهن شين ۾ لڳائڻ سان ان ۾ ڪيترين اهڙين صفتون پيدا ٿين ٿيون، جي ان جي تباهيءَ جو باعث آهن، جيئن ته، حرص، بخل، حسد ۽ عداوت وغيره؛ ۽ بدن کي انهن شين ۾ رُنبائڻ سان دل پڻ انهن ۾ ڦاسي پنهنجو پاڻ کي وساري ويهي ٿي، ۽ پنهنجي ساري همّت کي دنيا جي ڪاروبار ۾ صرف ڪري ٿي.

جيئن ته دنيا جون اصل ٽي شيون آهن: کاڌو، ڪپڙو ۽ گهر، تيئن انسان جي ضرورت لاءِ اصل صفاعتون يا هنر به ٽي آهن: هاريو، ڪورڪو ۽ رازڪو. ليڪن انهن مان هر هڪ جون مختلف شاخون آهن، جن مان ڪي انهن جو ساز ٺاهين ٿا، جيئن پچارو ۽ سٽ ڪتيندڙ، جي ڪوريءَ جو اسباب بنائين ٿا؛ ۽ ڪي انهن جي ڪم کي پورت وٺائين ٿا، جيئن درزي، جو ڪوريءَ جي ڪم کي مڪمل ڪري ٿو. انهن سڀني کي ڪاٺ، لوهه ۽ چمڙي وغيره جي اوزارن جي ضرورت پوي ٿي، تنهنڪري لوهار، واڍو ۽ سوچي پيدا ٿيا. جڏهن

اهي سڀ پيدا ٿيا تڏهن انهن سڀني کي هڪ ٻئي جي مدد جي گهرج پيئي، ڇا لاءِ جو هر هڪ پنهنجي سر پنهنجو ڪم مڪمل طور پورو ڪري نٿو سگهي، انهيءَ ڪري هو سڀ پاڻ ۾ ملي پيا ته جيئن درزي، ڪوريءَ ۽ لوهار کي مدد ڏئي، ۽ لوهار وري انهن ٻنهي جو ڪم ڪري: ان سبب انهن سڀني جي وچ ۾ وهنوار پيدا ٿيو، جنهن مان وري دشمنيون پيدا ٿيون: ڇا لاءِ جو هر هڪ پنهنجي حق تي راضي نه رهيو ۽ ٻئي جي نقصان پويان پيو. ان ڪري وري ٽن قسمن جي هنرن جي ضرورت پئي: سياست ۽ سلطنت جو فن، قضا ۽ حڪومت جو فن، ۽ ٽيون فقه جو علم، جنهن جي وسيلي خلق جي وچ ۾ نبيري نچيڙي جا قانون سمجهيا وڃن. انهن مان هر هڪ پيشو يا ڌنڌو آهي، اگرچه انهن جو ٻين ڌنڌي ڪندڙن وانگر هٿ سان واسطو ڪونهي.

هن سبب ڪري دنيا جا شغل (ڌنڌا) گهڻو وڌي ويا ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍجي پيا. ماڻهن پاڻ کي انهن ۾ گم ڪري ڇڏيو ۽ هن ڳالهه کي وساري ويٺا ته انهن سڀني ڳالهين جو اصل ٽن شين کان وڌيڪ نه آهي: کاڌو، ڪپڙو ۽ گهر. دنيا جا هي مڙيئي ڌنڌا انهن ٽن شين لاءِ آهن، ۽ هي ٽي شيون بدن جي لاءِ آهن، ۽ بدن دل واسطي آهي ته جيئن ان جي لاءِ سواري ٿي رهي، ۽ دل الله تعالیٰ جي لاءِ آهي. پر ماڻهو پاڻ کي ۽ خدا تعالیٰ کي انهيءَ حاجيءَ وانگر وساري ويٺا آهن جنهن ڪعبي جي سفر کي وساري سارو وقت اٺ جي خدمت چاڪريءَ ۾ صرف ڪيو.

هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص هن دنيا ۾ پنهنجو ڪم پورو ڪري، ڪوچ ڪرڻ لاءِ آماده ئي نه رهندو ۽ آخرت جو خيال ئي نه ڪندو، ۽ دنيا جي ڌنڌن ۾ ضرورت کان وڌيڪ مشغول رهندو، ته ڄڻ ته گويا انهيءَ دنيا کي نه سڃاتو. انهيءَ جهالت کي خيال ۾ رکي، رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته ”دنيا هاروت ۽ ماروت کان به وڌيڪ جادوگر آهي، ان کان حذر ڪيو.“ جڏهن دنيا اهڙي جادوگر آهي، ته پوءِ ان جي مڪر ۽ فريب کي سمجهڻ ضروري آهي، ۽ هاڻي وقت آيو آهي ته ماڻهن کي ان جي ڪمن جو مثال ڏيئي واقف ڪريون.

## فصل چوٿون

# دنيا جي جادوءَ جا مثال ۽ دنيا وارن جي غفلت

پهريون مثال: دنيا جو پهريون جادو هي آهي ته هوءَ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي اڳيان اهڙيءَ طرح ظاهر ڪري ٿي، جو تون سمجهين ته توسان دل لڳي ويئي اٿس، حالانڪ ائين ڪين آهي. هوءَ هميشه توکان ڀڄندي رهي ٿي، مگر درجي بدرجي ۽ جيئن توکي خبر نه پوي. اُن جو مثال پاڇي وانگر آهي جو ڏسڻ ۾ بيٺل نظر اچي ٿو، پر هميشه ڊگهو ٿي رهي ٿو. ڇا توکي معلوم نه آهي ته تنهنجي عمر به اُن وانگر آهستي آهستي گذرندي وڃي ٿي ۽ هر لحظي گهٽجي ٿي! اها دنيا آهي جا توکان ڀڄندي موڪلائي رهي آهي، پر تون اُن کان بيخبر آهين.

ٻيون مثال: اُن جو ٻيو جادو هي آهي ته هوءَ پاڻ کي تنهنجو دوست ڄاڻائي ٿي، ته جيئن توکي پنهنجو عاشق بڻائي، ۽ تنهنجي اڳيان هي ظاهر ڪري ٿي ته هوءَ توسان سدائين سازگار رهندي ۽ ڪنهن ٻئي جي طرف ڪانه ويندي. ليڪن اوچتو ئي اوچتو، هوءَ توکي ڇڏي تنهنجي دشمن وٽ هلي وڃي ٿي. اُن جو مثال انهيءَ ڪميڻيءَ ۽ شرير عورت وانگر آهي، جا ماڻهن کي نڳي پاڻ تي موهت ڪري ٿي ۽ پوءِ ڪين پنهنجي گهر وٺي ماريو ڇڏي.

حضرت عيسى عليه السلام مڪاشفي ۾ دنيا کي هڪ ٻڍيءَ عورت جي شڪل ۾ ڏٺو، کانئس پڇيائين ته ”تو ڪيترا مڙس ڪيا آهن؟“ جواب ڏنائين ته ”اڻترا ڳڻڻ جو ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن.“ پڇيائينس ته ”مري ويا يا انهن توکي طلاق ڏني؟“ دنيا چيو ته ”نه، بلڪ مون سڀني کي ماري ختم ڪري ڇڏيو.“ تنهن تي حضرت

عيسى عليه السلامِ فرمايو ته ”مون کي انهن بيوقوفن تي عجب ٿو لڳي، جي ڏسن به ٿا ته تو پين سان ڪهڙو برتاءُ ڪيو آهي، ۽ پوءِ به تو ڏانهن رغبت رکن ٿا، ۽ سبق نٿا پرائين.“

ٽيون مثال: دنيا جو ٽيون جادو هيءُ آهي ته هوءَ پنهنجي ظاهر کي سينگاري رکي ٿي، ۽ منجهس جيڪي مصيبتون ۽ محنتون آهن تن کي لڪايو ڇڏي ٿي، ته جيئن جاهل ان جي ٻاهرئين زيب ۽ زينت تي ٺڳجي. ان جو مثال ان بدشڪل زال جيان آهي، جا پنهنجي منهن کي ڍڪي ۽ پَٽ جا وڳا ۽ گهڻا زيور پهري پاڻ کي خوب سينگاري؛ پري کان جو به کيس ڏسي، مٿس عاشق ٿيو پوي، ۽ جڏهن سندس منهن تان گهونگهٽ هٽائي ته ان جون بڇڙايون ڏسي پشيمان ٿئي. حديث شريف ۾ آيو آهي ته ”قيامت جي ڏينهن دنيا کي بدشڪل پوڙهي زال جي صورت ۾ حاضر ڪندا - سندس اکيون ساوا ۽ ڏند ٻاهر نڪتل هوندا. جڏهن ماڻهو ان کي ڏسندا ته الله تعالى کان پناهه گهرندا ۽ پڇندا ته ’هيءَ خوار ۽ بڇڙي عورت ڪير آهي؟‘ کين ٻڌايو ويندو ته هيءَ اُها دنيا آهي جنهن تي اوهين مغرور ٿي هڪٻئي سان حسد ۽ دشمني رکندا هئا. هڪٻئي جو خون وهائيندا هئا ۽ مٿيءَ مائٽي جا ناتا ٽوڙيندا هئا. پوءِ ان (دنيا) کي دوزخ ۾ وڌو ويندو ۽ هوءَ پڪاريندي ته ”اي منهنجا مالڪ، ڪٿي آهن منهنجا دوست؟“ الله تعالى پوءِ حڪم ڪندو ته ”انهن کي به ان سان گڏ دوزخ ۾ وڌو وڃي.“

چوٿون مثال: جيڪڏهن ڪو حساب لڳائي ته ازل کي ڪيترو زمانو گذريو آهي جڏهن دنيا هئي ڪانه ۽ هاڻي اَبد تائين ڪيترو زمانو بچيو آهي

جڏهن دنيا ڪانه هوندي، تہ ڏسندؤ تہ باقي ڪي چند ڏينهن ازل ۽ اَبد جي درميان وچي رهيا آهن. لھٰذا سمجهڻ گهرجي تہ دنيا جو مثال مسافر جي رستي مثل آهي جنهن جي ابتدا پينگهو آهي ۽ انتها قبر، ۽ وچ ۾ ڪجهہ ٿورڙيون منزلون آهن - هر سال جڻڪ هڪ منزل آهي، هر مهينو هڪ فرسنگ، هر ڏينهن هڪ ميل، ۽ هر پساهہ هڪ وِک آهي، جو هميشه جاري آهي. ڪنهن جي لاءِ هڪ فرسنگ جو رستو آهي، ۽ ڪنهن جي لاءِ ان کان گهٽ يا وڌ. ليڪن مسافر اهڙيءَ طرح مان ڪيو ويٺو آهي، جو جڻڪ هميشه هتي ئي رهندو ۽ پنهنجي ڪاروبار جو اهريءَ طرح انتظام ڪري ٿو، جو ڇڻ ڏهن سالن لاءِ ڪيس انهن ڪمن جي وري ضرورت نہ پوي؛ حالانڪ ڏهن ڏينهن اندر هو زمين داخل ٿي وڃي ٿو.

پنجون مثال: دنيا جو هي هڪ پيو فريب آهي. دنيا جي مزن ماڻڻ ۽ انهيءَ جي رنج ۽ رسوائيءَ جي حالت جا دنيا وارن کي قيامت ڏينهن نصيب ٿيندي، تنهن جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪو شخص سٺو ۽ لذيذ کاڌو کائي، جنهن کان هن جو معدو خراب ٿي پوي ۽ هو قيءِ ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجي معدي، نفس ۽ قضائي حاجت جي خواريءَ کي ڏسي شرمسار ۽ پشيمان ٿئي تہ 'لذت تہ ويئي، پر ذلت باقي رهي.' جيئن کاڌو وڌيڪ لذيذ، تيئن ان جي ڪرپٽي بہ زياده خراب ۽ گندي هوندي. اهڙيءَ طرح سان دنيا جي لذت بہ جيترقدر زياده هوندي، تيترقدر ان جي عاقبت زياده خوار خراب ٿيندي. هي سڀ ڪجهہ موت جي وقت معلوم ٿي وڃي ٿو. جنهن شخص جون دنيوي نعمتون (باغ، باغيون، غلام ۽ سون چاندي،

وغيره) جهجهيون هونديون، تنهن کي ساهه ڏيڻ وقت انهن شين جي جدائيءَ جو رنج به زياده ٿئي ٿو بنسبت انهيءَ شخص جي، جنهن وٽ ٿورو مال آهي. ۽ اهو رنج ۽ عذاب موت ڪري زائل نٿو ٿئي، پر اٿلندو وڌي وڃي ٿو، ڇا لاءِ جو انهن شين جي دوستي دل جي صفت آهي، ۽ دل پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي ٿي، ۽ مري نه ٿي. دنيا جو هي به هڪ جادو آهي جنهن جو گهڻا ماڻهو شڪار ٿين ٿا.

ستون مثال: دنيا جا ڌنڌا ڏاڍي جڏهن پيش ايندا آهن، تڏهن ظاهر اُنچ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، ۽ ماڻهو پائيندا آهن ته انهن کي جهٽ ٿا پورو ڪري وٺون: پر ممڪن آهي ته انهن سؤ ڪمن مان هڪ اهڙو نڪري پوي، جو ساري ڄمار ان ۾ ئي ختم ٿي وڃي. حضرت عيسى عليه السلام فرمايو آهي ته ”دنيا جي سيڪڙوءَ جو مثال انهيءَ شخص وانگر آهي جو درياهه جو پاڻي پيئي: جيئن وڌيڪ پيئي، تيئن وڌيڪ اڃائجي - پاڻي پيئندو رهي، تان جو پيٽ ڦاٽي پويس، پر اُڃ هرگز نه لهيس.“ ۽ اسان جي پياري رسول ﷺ فرمايو آهي ته ”جيئن ممڪن ناهي جو ڪو ماڻهو پاڻيءَ ۾ گهڙي ۽ آلو نه ٿئي، تيئن ممڪن ناهي جو ڪو شخص دنيا ۾ ڪاهي پوي ۽ پليد نه ٿئي.“

اٺون مثال: دنيا ۾ جو شخص اچي ٿو ان جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪنهن ميزبان جي گهر ڪو اچي مهمان ٿئي، ۽ ان ميزبان جي عادت هجيءَ هجي ته هميشه مهمانن خاطر پنهنجي گهر کي سينگاريل رکي: هڪڙو ٽولو ڪائي وڃي ته ٻئي ٽولي کي گهرائي، ۽ انهن جي اڳيان سون جا طبق رکي، جن تي تازا ۽ سڪا ميوا ۽ چانديءَ جا واسوڙا واس ڌوپ لاءِ ڌريل هجن، ته پل خوشبوءِ حاصل

ڪري ۽ ميوا کائي، انهن کي ڇڏي وڃن ته بيا اچي انهن جي جاءِ وٺن. هاڻي، جو شخص عقلمند آهي ۽ ان ميزبان جي عادت کان واقف آهي، اهو واس ڏوپ جلائي ان مان خوشبوءِ جو مزو وٺي، طبقن ۽ واسوڙن کي خوشيءَ سان پنهنجي جاءِ تي ڇڏي، ۽ شڪريو ادا ڪري روانو ٿئي ٿو: باقي جيڪو بيوقوف هوندو، سو سمجهڻ لڳندو ته اهي سڀ شيون مان کي ڏنيون ويون آهن ته پاڻ سان کڻي وڃان، پوءِ رخصت جي وقت جڏهن اهي شيون کانئس کسيون وڃن ٿيون ته روئڻ لڳي ٿو، ۽ غم ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح، دنيا به مسافرن لاءِ هڪ وقف ٿيل مهمانسراءِ آهي جتان واٽهڙو پنهنجو توشو پل کڻي وٺن، ۽ جو ڪجهه سراءِ ۾ آهي تنهن جي طمع نه ڪن.

نائون مثال: انهن دنيا وارن جو مثال، دنيا جي ڪاروبار ۾ مشغول ٿي آخرت کي وساري ويهن ٿا. انهيءَ قوم جي مثال وانگر آهي، جي ٻيڙيءَ ۾ ويٺا هجن ۽ اچي هڪ ٻيٽ تي منزل ڪن، ۽ پوءِ قضا حاجت ۽ طهارت خاطر ٻيڙيءَ کان نڪري اچن: اتي ٻيڙيءَ وارو اعلان ڪري ٿو ته ”خبردار! ڪو به شخص زياده وقت خرچ نه ڪري ۽ ضروري ڪمن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن ڪم ۾ لڳي نه وڃي، ڇا لاءِ جو ٻيڙي جلدي رواني ٿيڻ واري آهي.“ - پوءِ، هو ان (ٻيٽ) ۾ ٽڙي پکڙي وڃن ٿا - انهن مان جيڪي وڌيڪ سياڻا سمجهدار هئا، سي ته جلد ئي ڪم لاهي واپس اچن ٿا ۽ ٻيڙي خالي ڏسي، سٺي جڳهه وٺي ويهن ٿا، بيا وري ان ٻيٽ جا عجائب ڏسي، حيرت ۾ پون ٿا، ۽ ان جي خوشنما گلن ۽ مٺي آواز سان ڳائيندڙ پکين ۽ رنگارنگي پٿرن جي نظاري ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا، ۽

جڏهن موتي اچن ٿا ته ڪشادي جڳهه نه ڏسي، سوڙهي ۽ اونداهي جڳهه تي ويهي تڪليفون سهن ٿا. انهن مان ڪن وري انهن عجيب شين جي فقط ڏسڻ تي اڪتفا نه ڪئي، پر اتان عمدا عمدا پٿر ڪٺي اچي ٻيڙيءَ ۾ نهايت ئي تنگ جڳهه ۾ ويهن ٿا، مگر پٿرن رکڻ جي جاءِ نه ڏسي، انهن کي پنهنجي گردن تي رکن ٿا. ٻن ڏينهن گذرڻ بعد، انهن پٿرن جو منو رنگ بدلجي ڪارو ٿي پوي ٿو، ۽ انهن مان بدبوءِ اچڻ لڳي ٿي - اڇلڻ جي جاءِ نه ڏسي، هو گهڻو پشيمان ٿين ٿا ۽ لاچار اهو بوجو ڪلهن تي کڻڻو ٿو پوين. انهن ڪي اهڙا به آهن جي ٻيٽ جي خوبصورت شين کي ڏسي ايترو ته محو ٿي وڃن ٿا، جو ٻيڙيءَ واري جو منادي نٿا ٻڌن، ۽ ٻيڙي رواني ٿي وڃي ٿي. پوءِ ان جزيري ۾ رلندي پنندي، ڪي بک جي وڳهي مري وڃن ٿا، ۽ ڪن کي مرون ڪايو ڪپايو ڇڏين. انهن ۾ پهرئين گروه جو مثال مؤمنن ۽ پرهيزگارن جو آهي ۽ پوئين جو مثال ڪافرن جو آهي جن پاڻ سان گڏ خدا ۽ آخرت کي به وساري ڇڏيو آهي ۽ سڄا ئي دنيا جا ٿي پيا آهن: وچ وارا به ٽولا گنهگارن جي طرح آهن، جن اصل ايمان جي حفاظت ته ڪئي، ليڪن دنيا کي هٿان نه ڇڏيائون. هڪ ٽولي درويشيءَ هوندي به موج ورتي، ۽ ٻئي ٽولي نعمتن جو مزو ماڻيندي گهڻو مال گڏ ڪيو، جو سندن لاءِ وڏو بوجو بڻجي پيو.

## فصل پنجون

# سيڪا دنيا جي شيءِ مذموم ناهي

دنيا جي جا هيءَ مذمت ڪئي وئي آهي، ان مان اهو خيال نہ ڪجانءِ تہ جو ڪجهہ دنيا ۾ آهي، سو سڀ مذموم آهي؛ بلڪ دنيا ۾ اهڙيون شيون بہ آهن، جي دنيا مان نہ آهن. مثلاً: علم ۽ عمل دنيا ۾ آهن ليڪن دنيا مان نہ آهن؛ ڇا لاءِ جو اهي آخرت ۾ بہ انسان سان گڏ هلندا. علم تہ جيئن آهي تيئن آدميءَ سان گڏ رهندو، باقي عمل جيتوڻيڪ هوبهو نہ رهندو مگر ان جو اثر ضرور رهندو. هي اثر ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو، دل جي جوهر جي پاڪائي ۽ صفائي آهي، جا گناهن کي ترڪ ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي، ۽ ٻيو الله تعالیٰ جي ذڪر سان اُنس آهي، جو عبادت کي جاري رکڻ سان ئي حاصل ٿئي ٿو.

اهي ئي باقيات صالحات ۾ داخل آهن. علم ۽ مناجات جي لذت ۽ الله تعالیٰ جي ذڪر سان اُنس، ٻين سڀني لذتن کان وڌيڪ آهن. هي سڀ دنيا ۾ آهن پر دنيا مان نہ آهن. تنهنڪري سڀ لذتون مذموم نہ آهن، بلڪ اهي مڙيئي لذتون بہ بُريون نہ آهن جي گذري ۽ فنا ٿي وڃن ٿيون، انهن جا بہ ٻہ قسم آهن: هڪڙيون اهي، جي جيتوڻيڪ دنيا مان آهن ۽ مرڻ کان پوءِ بہ نہ رهنديون، ليڪن آخرت جي ڪمن، علم ۽ عمل جون مددگار آهن ۽ مؤمنن جي گهٽائيءَ لاءِ تلاهي جيئن نڪاح، خوراڪ، لباس ۽ رهائش بشرطيڪ ضرورت جي مطابق هجن. آخرت جي راهہ لاءِ هي شرط آهي تہ ڪوبہ آدمي دنيا ۾ ايتري ئي قناعت

ڪري، جنهن مان فقط دين جي ڪمن لاءِ فراغت حاصل ڪرڻ مقصود هجي، نه اهو دنيا وارن مان نه آهي.

لهٰذا دنيا جون مذموم شيون اُهي آهن، جن مان دين جو ڪم مقصود نه هجي، بلڪ غفلت، فراموشي ۽ هن دنيا سان نينهن لڳائڻ جو ڪارڻ بڻجن، ۽ هُن جهان (آخرت) ڏانهن نفرت جو باعث ٿين. انهيءَ ڪري ئي رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته ”دنيا ۽ جيڪي ان ۾ آهي سو ملعون آهي، مگر الله جو ذڪر ۽ اهي شيون جي ان ۾ مدد ڪن، سي نه.“

# عنوان چوٿون

# آخرت کي سڃاڻ

## فصل پھريون

## جسماني ۽ روحاني بھشت ۽ دوزخ

آخرت جي حقيقت کي ايستائين ڪوبہ شخص سمجهي نٿو سگهي، جيستائين پھريائين موت جي حقيقت کي نہ سمجهي، ۽ موت جي حقيقت سمجهي نہ سگهندو، جيستائين زندگيءَ جي حقيقت نہ ماڻيندو، ۽ زندگي جي حقيقت نہ ڄاڻي سگهندو، جيستائين روح جي حقيقت نہ ڄاڻندو، ۽ روح جي حقيقت وري پنھنجي نفس کي ڄاڻڻ تي منحصر آهي، جنھن جو ڪجھ بيان ڪيو ويو آهي.

هن کان اڳ بيان ڪيو ويو آهي تہ آدمي ٻن شين جو ٺهيل آهي - هڪڙو روح ۽ ٻيو جسم: روح سوار وانگي آهي ۽ جسم سواريءَ وانگي. آخرت ۾ بدن سان واسطي جي ڪري روح جي لاءِ هڪ حالت هوندي جنھن ۾ اُن لاءِ بھشت ۽ دوزخ هوندو: ۽ پڻ روح کي خود پنھنجي ذات جي سبب هڪ حالت جدا هوندي، جنھن ۾ جسم کي اُن سان ڪا شراڪت ڪانھي، ۽ ان لاءِ جسم کان سواءِ بہ دوزخ ۽ بھشت آهي، شقاوت ۽ سعادت آهي. ۽ نعمت، جا دل کي بدن جي واسطي کان سواءِ حاصل ٿئي ٿي، تنھن جو نالو روحاني بھشت آهي؛ ۽ اهو رنج، اَلم ۽ شقاوت، جا روح کي بدن کان سواءِ حاصل ٿئي ٿي ان جو نالو ”روحاني آتش“ (دوزخ جي باھ) آهي.

اهو دوزخ ۽ بهشت جنهن ۾ بدن جو تعلق آهي خود ظاهر آهي، ۽ انهيءَ بهشت جو نتيجو آهن باغ، نهرون، حورون، محلات ۽ ڪائڻ پيئڻ وغيره. ۽ دوزخ جو نتيجو آهن باهه، نانگ، وڇون ۽ زقوم وغيره، جن جو بيان قرآن شريف ۽ حديث ۾ آيو آهي. هي جو حديث ۾ آيو آهي ته ”مون پنهنجي صالح ٻانهن لاءِ اهو پيدا ڪيو آهي، جو نه اک ڏٺو آهي ۽ نه ڪن ٻڌو آهي، ۽ نه ڪي ڪي انسان جي دل تي ان جو پرتوو پيو آهي،“ سو ’روحاني بهشت‘ جي باري ۾ آهي. دل جي اندران، جا دري عالم ملڪوت ڏي کليل آهي، انهيءَ مان اهي معنائون آشڪار ٿينديون. جنهن به شخص جي دل جي دري کليل آهي، تنهن کي ان جي سچائيءَ ۾ (ته روحاني بهشت به آهي) ڪو به شڪ نه رهندو، ۽ ان کي آخرت جي سعادت ۽ شقاوت تي پورو پورو وساهه ٿيندو، نه تقليد ۽ سماع (ٻڌڻ) جي رستي، بلڪ بصيرت ۽ مشاهدي سان، - جهڙيءَ طرح طبيب ڄاڻندو آهي ته هن جهان ۾ بدن لاءِ سعادت ۽ شقاوت آهي، جنهن کي صحت ۽ مرض چوندا آهن، ۽ جهڙيءَ طرح صحت جو علاج آهي دوا ۽ پرهيز، ۽ مرض جو سبب آهي گهڻو کائڻ ۽ بدپرهيزي، تهڙيءَ طرح مشاهدي سان معلوم ٿيندو ته دل يا روح کي به سعادت ۽ شقاوت آهي. عبادت ۽ معرفت روح جي سعادت جو دارون آهن، ۽ جهل ۽ گناهه ان لاءِ زهر قاتل ۽ رنج جو باعث آهن. هيءُ علم نهايت عزيز ۽ بلند درجي جو آهي، ليڪن گهڻا ماڻهو جن کي علماء ڪري سڏجي ٿو سي ان کان بيخبر آهن، بلڪ ڪي ته ان جو انڪار ڪن ٿا، ۽ جسماني بهشت ۽ دوزخ کان سواءِ ٻيو رستو نٿا لهن، ۽ آخرت جي معرفت کي تقليد ۽ ٻڌل ڳالهين کان سواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان نٿا

چاڻن. هت جو ڪجھ مختصر بيان ڪيو ويو آهي، اهو هڪ هوشيار، پاڪ دل ۽ غير متعصب آدميءَ جي سمجھڻ لاءِ ڪافي آهي، چا لاءِ جو آخرت جو متعلق گھڻن ماڻهن جو ايمان ضعيف ۽ لچڪندڙ آهي.

## فصل پيون

# موت جي حقيقت

تون جيڪڏهن موت جي حقيقت ڄاڻڻ گهرين ٿو، ته پوءِ توکي معلوم هئڻ گهرجي ته آدميءَ کي ٻه روح آهن: هڪڙو حيوانات جي جنس مان آهي جنهن کي اسين ”حيواني روح“ چئون ٿا، ۽ ٻيو ملائڪن جي جنس مان آهي، جنهن کي اسين ”انساني روح“ ڪوٺيون ٿا. هن حيواني روح جو سرچشمو دل آهي جا سيني جي کاٻي پاسي هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي: هي حيواني روح، حيوان جي باطني خلطن جو هڪ لطيف ۽ مزاج ۾ معتدل ٻخار آهي، جو دل کان نبضن جي وسيلي دماغ ۽ سيني عضون ۾ پهچي ٿو، ۽ هيءُ ئي روح انسان جي حس ۽ حرڪت جو حامل آهي. جڏهن دماغ ۾ پهچي ٿو، تڏهن ان جي گرمي (حرارت) گهٽجي وڃي ٿي ۽ هو معتدل ٿي پوي ٿو. اکين کي ڏسڻ جي قوّت ۽ ڪنن کي ٻڌڻ جي طاقت انهيءَ کان ئي پڙپي ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا حواس به ان کان ئي سگهه حاصل ڪن ٿا. ان جو مثال ڏيئي وانگر آهي، جنهن کي هڪ گول گهر ۾ رکيو ويو آهي، ۽ جتي به رکجيس ته ان جي ڪري گهر جون سڀ ديوارون روشن ٿي وڃن ٿيون. هاڻي جهڙيءَ طرح ڏيئي جي روشنائي ديوارين تي ظاهر ٿئي ٿي، تهڙيءَ طرح الله تعالى جي قدرت سان ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ٻين سيني حواسن جون قوّتون انهيءَ روح کان ئي عضون ۾ پيدا ٿين ٿيون. جيڪڏهن ڪنهن رڳ ۾ ڪا روڪ يا رنڊڪ اچي ٿي وڃي، ته اهو عضوو، جو ان رنڊڪ کان پوءِ اچي ٿو، سو بيڪار ۽

مفلوج ٿيو پوي ۽ منجهس ڪابہ حس يا حرڪت نٿي رهي ۽ طبيب ڪوشش ڪري اها بندش لاهيندو آهي.

ان روح جو مثال ڏيئي جي باهہ وانگر آهي، دل مثال وَٽ جي طرح آهي ۽ غذا جو مثال تيل جهڙو آهي. هاڻي جهڙيءَ طرح تيل ڪڍي وجهڻ سان ڏيئو وسامي ويندو آهي، تهڙيءَ طرح جيڪڏهن غذا نہ هوندي تہ ان حيواني روح جو معتدل مزاج بگڙي پوندو ۽ حيوان مري ويندو. ۽ جهڙي طرح تيل هوندي وَٽ گهڻو تيل چوسيندي تہ بہ ڏيئو خراب ٿي پوندو ۽ تيل نہ وٺندو، تهڙي طرح سان دل بہ گهڻي زماني گذرڻ سبب ائين ٿيو پوي (خراب ٿيو وڃي)، ۽ غذا قبول نٿي ڪري. ۽ جهڙي طرح ڪنهن شيءِ کي ڏيئي تي هڻڻ سان ڏيئو وسامي وڃي ٿو، جيتوڻيڪ ڪٽي ان ۾ تيل ۽ وَٽ بہ موجود هجي، اهڙيءَ طرح حيوان بہ اوچتو سخت زخم پهچڻ سان مري وڃي ٿو.

جيستائين هن حيواني روح جو مزاج معتدل آهي، جيئن هئڻ گهرجي، تيستائين هي روح الله تعالیٰ جي حڪم سان آسماني فرشتن جو نُورن مان حسّ ۽ حرڪت جهڙيون لطيف معنائون (باريڪ حقيقتون) قبول ڪري وٺي ٿو. پر جڏهن گرميءَ يا سرديءَ جي غلبي سبب يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري روح جي هيءَ معتدل مزاجي باقي نٿي رهي، تڏهن روح بہ انهن لطيف اثرن کي قبول ڪرڻ جي لائق نٿو رهي، جيستائين آئيني جو مٿاچرو صاف ۽ درست آهي، تيستائين منجهس هر قسم جون صورتون نظر ايندين پر جڏهن ان کي ڪٽ وغيره لڳي وڃي ٿي، تڏهن هو ڪابہ صورت قبول نٿو ڪري. اهو انهيءَ ڪري نہ آهي تہ

ڪو صورتون برباد يا گم ٿيو وڃن ٿيون، بلڪ خود آئيني ۾ صورتن جي قبول ڪرڻ جي صلاحيت نہ رهي آهي. اهڙيءَ طرح سان انهيءَ لطيف معتدل ٻخار يعني ’حيواني روح‘ جي قابليت بہ معتدل مزاجيءَ تي منحصر آهي. جڏهن هيءَ معتدل مزاجي قائم نٿي رهي، تڏهن حيواني روح بہ حسّ ۽ حرڪت جي قوّت کي قبول نٿو ڪري، ۽ ائين ڪرڻ سان عضوا سندس نُور جي فيض کان محروم رهجيو وڃن ۽ بي حسّ ۽ بي حرڪت ٿيو پون: ۽ پوءِ ماڻهو چون تہ هو مري ويو.

هيءَ آهي حيواني روح جي موت جو مطلب، ليڪن انسان جو موت ٻيءَ طرح جو آهي: ڇا لاءِ جو ان کي حيواني روح کان سواءِ ٻيو بہ هڪ روح آهي، جنهن کي ’انساني روح‘ يا ’دل‘ ڪري سڏيو اٿئون، جنهن جو هن کان اڳ بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. هي روح حيواني روح جي قسم مان نہ آهي جو صاف هوا يا ٻخار وانگر هڪ لطيف جسم (ٻخار) آهي - هي انساني روح جسم نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کي جزن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. الله تعالى جي معرفت ان ۾ پيدا ٿئي ٿي، ۽ هاڻي جيئن حق تعالى پاڻ هڪ آهي ۽ ڀاڱن ۾ ورهائي نٿو سگهجي، تيئن معرفت بہ هڪ آهي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي نٿي سگهي: انهيءَ ڪري ئي اها هڪ تقسيم قبوليندڙ جسم ۾ سمائجي نٿي سگهي. اها ان شيءِ ۾ سمائجي سگهي ٿي، جا نِري ۽ ناتقسيم پذير هوندي.

هاڻي، فرض ڪري ونو تہ وَٽِ، ڏيئي جي ٻاهہ ۽ روشني تي شيون آهن - وٽ کي دل جو سانچو ڪري سمجهيو، ۽ ڏيئي جي ٻاهہ کي حيواني روح، ۽ روشنيءَ کي انساني روح ڪٿي ونو. هاڻي، جهڙيءَ طرح ڏيئي جي روشني ڏيئي کان زياده

لطيف آهي، ۽ گويا ان جي طرف اشارو ڪري نٿو سگهجي، تهڙيءَ طرح انساني روح به حيواني روح کان گهڻو لطيف آهي ۽ ان ڏي به اشارو ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن لطافت جي نظر کان ڏسبو ته هي مثال درست آهي، ليڪن ٻئي خيال کان درست نه آهي: ڇا لاءِ جو ڏيئي جي روشني ڏيئي جي تابع ۽ ان جي فروع آهي ۽ جڏهن ڏيئو وسامي وڃي ٿو تڏهن ان جي روشني به ختم ٿي وڃي ٿي: پر انساني روح، حيواني روح جي تابع نه آهي، بلڪ سندس اصل آهي ۽ حيواني روح جي فنا ٿيڻ سان فنا نٿو ٿئي. جيڪڏهن ان جو مثال چاهيو ٿا، ته فرض ڪيو ته هڪ اهڙو نُور (روشني) آهي، جو ڏيئي کان زياده لطيف آهي، ۽ ڏيئي جو مدار به ان تي آهي، نه ان جو مدار ڏيئي تي، ته پوءِ مثون مثال ٺيڪ ٿيندو.

هڪ نگاهه کان، حيواني روح، انساني روح جي لاءِ سواري آهي، ته ٻئي لحاظ کان هٿيار آهي. جڏهن هن حيواني روح جو مزاج باطل ٿئي ٿو ۽ جسم مري وڃي ٿو، تڏهن به انساني روح بدستور قائم رهي ٿو، پر سواري ۽ هٿيار ڪونه اٿس. وهٽ جي مرڻ ۽ هٿيار جي تباهيءَ ڪري، ڪو سوار ضايع نٿو ٿئي، البت هٿيار سو ضايع ٿي پوي ٿو.

انساني روح کي جو هي هٿيار ڏنو ويو آهي، سو هن لاءِ ته ان ذريعي الله تعالى جي معرفت ۽ محبت کي شڪار ڪري (حاصل ڪري). جيڪڏهن شڪار ڪري ورتائين ته پوءِ ان هٿيار جو ناس ٿيڻ سندس لاءِ چڱائي آهي، جو ان جي کڻڻ جي بار کان ڇٽي پوندو. پر جي خدانخواسته شڪار حاصل ڪرڻ

ڪان اڳ ۾ ئي سندس هشيار ضايع ٿي وڃي ٿو، ته پوءِ ان جي حسرت ۽ مصيبت جي ته ڪا حد ئي ڪانه رهندي. هي درد ۽ حسرت قبر جي عذاب جي شروعات آهي.

## فصل ٽيون

# تنهنجي ”تُوئِي“ (حقيقت يا ماهيت) هن جسم تي منحصر نہ آهي

توڻ هاڻي سمجهي چڏ تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص جا هٿ ۽ پير شل ٿي پون، تہ بہ اهو شخص خود سلامت آهي، ڇا لاءِ جو ”هو خود“ نہ تہ هٿ آهي نہ پير - هي تہ ان جا هٿيار آهن جن کي هو ڪم ۾ آڻي ٿو. جهڙيءَ طرح تنهنجا هٿ ۽ پير، تنهنجي ”تُوئِي“ (حقيقت) نہ آهن. اهڙيءَ طرح تنهنجي پٺ ۽ پيٽ، مٿو ۽ بدن بہ تنهنجي ’اصليت‘ هرگز نہ آهن. جيڪڏهن هي سڀيئي بيڪار ٿي پون تہ بہ توڻ برجاءِ هوندين. موت جي معنى بہ اهائي آهي تہ سارو جسم مفلوج (ڪيرو، بيڪار) ٿي وڃي. هٿ جي بيڪار ٿي وڃڻ جي بہ هيءَ معنى آهي تہ تنهنجو چيو نہ ڪن. هٿ جو هيءُ چيو هڪ صفت سبب آهي، جنهن کي ”قدرت“ (طاقت) چون ٿا. اها صفت هڪ نُور آهي، جو حيواني روح جي چراغ کان هٿ کي پهچي ٿو. جڏهن رڳن ۾، جي حيواني روح جا رستا يا لنگهہ آهن، ڪا رڪاوٽ اچي ٿي وڃي، تڏهن انهن مان ”قدرت“ نڪريو وڃي ۽ سندن مچتا ناممڪن ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح سان، سارو جسم جو تنهنجي مچتا ڪري ٿو، سو محض حيواني روح جي ڪري، ڪري ٿو. جڏهن حيواني روح جو مزاج تباهہ ٿئي ٿو تڏهن بدن بہ اطاعت کان جواب ڏيو وڃي - ان کي چوندا آهن ”موت“، حالانڪ توڻ پنهنجي جاءِ تي برقرار آهين. اگرچہ چيو مڃيندڙ گم آهي.

تنهنڪري هي بدن تنهنجي ”توئي“ يا حقيقت ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن تون غور ۽ فڪر ڪندين ته فورًا سمجهي ويندين ته تنهنجا هي اجزاء (بدن جا پاڳا، عضوا) اهي اجزاء نه آهن، جي ننڍپڻ ۾ هئا، ڇا لاءِ جو اهي سڀ ياق ٿي، وڃان نڪري ويا آهن، ۽ غذا سبب ٻين اچي سندن جڳهه ورتي آهي. لھٰذا، تنهنجو بدن اهو بدن نه آهي، پر تون اهو ئي آهين جهڙو اڳ هئين. تنهنڪري تنهنجي ”توئي“ (حقيقت) هن جسم ڪان نه آهي. بدن جيڪڏهن تباه ٿي وڃي ٿو، ته پوءِ به تون بذات خود سدائين جيئرو آهين.

ليڪن تنهنجون صفتون ٻن قسمن جون آهن: هڪڙين ۾ جسم شريڪ آهي، جيئن بک، اُڃ ۽ ننڊ: ڇاڪاڻ جو اهي معدي ۽ جسم ڪان سواءِ ظاهر نٿيون ٿين. ٻيون اهي آهن، جن ۾ جسم کي شراڪت ڪانهي، مثلاً الله تعالیٰ جي معرفت، ان جي حضور جو جمال ۽ ان جي ديدار جي خوشي. هي صفت تنهنجي ”ذات“ آهي، جا توسان گڏ رهندي. ڪڏهن معرفت جي بجاءِ جهالت هوندي، نه اها به تنهنجي ذات هي هڪ صفت آهي، جا پڻ توسان گڏ رهندي. اها جهالت تنهنجي روح کي انڌو ڪندي، ۽ تنهنجي بدبختيءَ جو ٻج بڻبي.

### فصل چوٿون

## انساني روح جو اعتدال ڪيئن رکجي

حيواني روح هن سفلي عالم (زمين) مان آهي، ۽ خلطن مان نڪرندڙ ٻخارن جي لطافت جو مجموعو آهي. خلط چار آهن: خون، بلغم، سودا ۽ صفرا. انهن چئن جا اصل بہ چار آهن، جهڙوڪ پاڻي، باهہ، مٽي ۽ هوا؛ ۽ انهن جي مزاج جي اختلاف ۽ اعتدال جو دارومدار وري گرمي، سردي، تري ۽ خشڪيءَ (جي ڪمي و بيشي) تي آهي. طب جي علم جو مقصد صرف هي آهي تہ روح اندر انهن چئن طبيعتن جي اعتدال جي حفاظت ڪري، تہ جيئن هي حيواني روح، انساني روح جي سواري ۽ هٿيار بڻجڻ جي قابل ٿي پوي. اهو انساني روح هن جهان مان نہ، بلڪ مٿئين جهان مان آهي ۽ فرشتن جي جوهر مان آهي. ان جو هن جهان ۾ اچڻ محض مسافر وانگر آهي ۽ پنهنجي ذاتي خواهش موجب هتي آيل نہ آهي. ان جو هي سفر فقط هن لاءِ آهي تہ هو خدائي هدايت مان پنهنجي راهہ جو توشو حاصل ڪري.

هاڻي، جهڙيءَ طرح انهي حيواني ۽ سفلي روح لاءِ اعتدال آهي، ۽ طبيب ان جي اعتدال جي اسبابن کان چڱيءَ پر واقف آهي، تہ جيئن بيماريءَ کي ان کان هٽائي ۽ هلاڪت کان ڪيس بچائي، تهڙيءَ طرح انساني علوي روح، جو دل جي حقيقت آهي تنهن کي بہ اعتدال آهي. علم اخلاق ۽ رياضت، جن جي شناس شريعت مان پوي ٿي، سي ان کي اعتدال جي حالت ۾ رکن ٿا. اهو اعتدال ئي سندس صحت جو باعث آهي.

هن مان معلوم ٿيو ته جيستائين آدميءَ جي روح جي حقيقت کي نه ڄاڻبو، تيسين آخرت کي به پوريءَ طرح سڃاڻي نه سگهبو. جهڙيءَ طرح پنهنجي پڇاڻ کان سواءِ حق جي پڇاڻ حاصل ڪرڻ به ناممڪن آهي تنهنڪري پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ الله تعالى جي معرفت جي ڪنجي آهي. ۽ دين جو اصل آهي ”الله ۽ آخري ڏينهن ۾ ايمان آڻڻ.“ انهيءَ ڪري ئي اسان ان معرفت کي سڀ کان اڳ ۾ جاءِ ڏني آهي.

باقي ان انساني روح جي وصفن مان هڪڙو راز رهجي ويو آهي، جنهن جي افشاء ڪرڻ جي اجازت ناهي؛ ڇاڪاڻ ته عام ماڻهن جا فهم اهو سهي نه سگهندا. حق تعالى جي ڪلي معرفت انهيءَ راز تي منحصر آهي، ڪوشش ڪر ته پاڻيهي مجاهدي ۽ طلب جي طريقي سان انهيءَ کان واقف ٿين.

## فصل پنجون

# حشر، نشر، بعث ۽ اعاده جي معنيٰ

هنن سڀني ڳالهين مان تو هي معلوم ڪري ورتو ته آدميءَ جي جان جي حقيقت بذات خود ۽ بدن بغير قائم آهي، هو پنهنجي خاص صفتن ۽ ذات جي قوام ۾ پنهنجي بدن کان بي نياز آهي. موت جي معنيٰ اها نه آهي ته آدمي نيست ۽ نابود ٿي وڃي ٿو، بلڪ ان جي معنيٰ هيءَ آهي ته جسم کان سندس تصرّف ٽٽي وڃي ٿو: حشر، نشر، بعث ۽ اعاده جي به اها معنيٰ نه آهي ته ڪيس فنا ٿي وڃڻ بعد، وري وجود ۾ آندو ويندو، بلڪ ان جو مطلب هي آهي ته ڪيس هڪ قالب (جسم يا سانچو) ڏنو ويندو، جو پيهر ان جي تصرّف کي قبول ڪري.

آدميءَ کي ٻيو دفعو زنده ڪرڻ جو هي مقصد هرگز نه آهي ته ان کي اصلوڪو جسم ٻيو دفعو ڏنو وڃي، ڇا لاءِ جو جسم ته هڪ سواري آهي. جيڪڏهن گهوڙو تبديل ڪيو ويو ته ڪو حرج نه آهي، سوار ته ساڳيو ئي آهي. ننڍپڻ کان وٺي پيريءَ تائين آدميءَ جا اجزا غذا جي سبب ڦرندا گهرندا رهن ٿا، ليڪن هو پاڻ ته ساڳيو ئي آهي (جو پهريائين هو).

### فصل ڇهون

## هن دنيا ۾ بهشت ۽ دوزخ جو مشاهدو

لهٰذا، يقين رک ته مرڻ (موت) سان تنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ ڪائي ڦير گهير ڪانه ٿي اچي، البت تنهنجا حواس، چرڦر ۽ خيال ختم ٿي وڃن ٿا، ۽ تون اتي اڪيلو ۽ مجرد رهجيو وڃين ٿو.

اهي ماڻهو، جي پاڻ کان ۽ پنهنجي محسوسات کان غائب ٿين ٿا ۽ پنهنجو پاڻ ۾ سمائجي وڃن ٿا، ۽ الله تعالیٰ جي ياد ۾ مستغرق ٿين ٿا، انهن کي آخرت جون حالتون مشاهدي ۾ اچن ٿيون: جيتوڻيڪ انهن جو حيواني روح مزاج جي اعتدال کان ڦري نٿو وڃي. اهو ايتريقدر ڪيرو ٿي وڃي ٿو، ۽ ايتريقدر الله تعالیٰ جو خوف مٿس طاري ٿو ٿئي، جو هو پنهنجو پاڻ کي وساري ويهن ٿا، سندن حالت ذري گهٽ مئن جهڙي ٿي پوي ٿي. تنهنڪري جيڪي ڪي ٻين کي مرڻ کان پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو هنن اڳيان انهيءَ حالت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ۽ جڏهن وري هو پنهنجو پاڻ سنڀالين ٿا، ۽ هن محسوساتي جهان ۾ اچن ٿا، تڏهن انهن کان گهڻو ڪجهه وسريو وڃي پر تنهن هوندي به ڪي قدري اثر وٽن باقي رهي ٿو. جيڪڏهن ان کي بهشت جي حقيقت ڏيکاري وئي هوندي، ته سندس چهري تي خوشي، آرام ۽ راحت جا آثار ڏسڻ ۾ ايندا، ۽ جيڪڏهن هن جي اڳيان دوزخ آندو ويو هوندو، ته ٿڪل ٽٽل ڏسڻ ۾ ايندو. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ مشاهدي مان ڪا شيءِ سندس حافظي ۾ رهيل هوندي، ته ان جي خبر ڏيندو - هوبهو، يا تمثيل طور. مثلاً: هڪ دفعي رسول الله ﷺ نماز پڑهندي ٻانهن مٿي ڪئي، ۽ فرمايائون ته ”هڪ

انگور جو ڇڳو بهشت مان مون کي ڏيکاريائون دل گهريو ته هن دنيا ۾ کڻي اچان.“ اهو گمان نه ڪجانءِ ته جنهن حقيقت جو اهو ڇڳو مثال هو، سا دنيا ۾ آڻي سگهبي. بلڪ هي خود محال آهي، ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي ها ته ضرور آڻين ها. پر، کين مشاهدي رستي ڪشف ٿيو هو.

مطلب ته ائين نه سمجهجانءِ ته ڪو رسول الله ﷺ اها بهشت جي خبر تقليد طور، يا جبرائيل کان ٻڌي، پوءِ ڏني. پر رسول الله ﷺ تحقيق بهشت کي ڏٺو. سچ ته بهشت کي هن دنيا ۾ ڏسي نٿو سگهجي، بلڪ رسول الله ﷺ ٻئي جهان ۾ ويو، ۽ هن جهان کان غائب ٿيو. هيءَ به هڪ قسم جو معراج هو.

پر غائب ٿيڻ ٻن نمونن جو آهي: هڪ روحاني روح جي مرڻ سان، ۽ ٻيو حيواني روح جي ڪيري ٿيڻ سان. پر هن جهان ۾ بهشت کي ڏسي نٿو سگهجي. جيئن ست آسمان ۽ ست زمينون هڪ پستي جي کل ۾ ماپي کين سگهنديون، تيئن بهشت جو هڪ ذرو به هن جهان ۾ ماپي نه سگهندو. هُن جهان جي مشاهدي لاءِ حواس ئي نرالا آهن، تنهنڪري هِن جهان جا حواس بهشت جي لذتن جو احساس ئي نه ڪري سگهندا.

### فصل ستون

## قبر جي عذاب جي معنىٰ

هينئر وقت آيو آهي، جو قبر جي عذاب جي معنى سمجهون. هيءُ ٻه ٻن قسمن جو آهي: روحاني ۽ جسماني. جسمانيءَ کي ته هر هڪ سمجهي ڄاڻي ٿو، جنهن ٻاڻ کي سڃاتو آهي ۽ پنهنجي روح جي حقيقت جي خبر اٿس ته اهو ٻذاب خود قائم آهي، ۽ بدن کان بي نياز آهي، ۽ موت کان پوءِ ٻه ٻاقي آهي.

پر، جڏهن موت اچي ٿو تڏهن آل اولاد، مال متاع، دوست رشتيدار، بلڪ جيڪي ڪي زمين ۽ آسمان ۾ حواسن جي رستي دريافت ٿي سگهي ٿو، سو سڀ انسان کان کسيو وڃي ٿو. پوءِ جيڪڏهن سندس دل انهن شين سان لڳل هئي ۽ سچو ئي مٿن فدا هو، ته انهن جي جدائي جي عذاب ۾ رهندو، پر جيڪڏهن انهن سڀني شين کان سندس دل ڪنيل هئي ۽ ساڻن ڪو عشق نه هوس، بلڪ ٻاڻ موت جو خواهشمند هو، ته پوءِ راحت ۽ آرام ۾ هوندو. ۽ جيڪڏهن هن الله تعاليٰ جي دوستي حاصل ڪئي هوندي، ۽ ان جي ذڪر مان اُنس پرايو هوندائين ۽ ٻاڻ کي ساروئي ان جي حوالي ڪري ڇڏيو هوندائين، ۽ دنيا جي اسباب کان بيزار ٿيل هوندو، ته پوءِ مرڻ بعد بنا روڪ ٽوڪ جي پنهنجي معشوق وٽ پهچي ويندو ۽ وڃي پنهنجي سعادت کي رسندو.

ٿورو خيال ڪري ڏس، ته جنهن ماڻهوءَ پنهنجو ٻاڻ سڃاڻي ورتو ته هو مرڻ بعد ٻه زنده رهندو، ۽ سندس پياريون شيون ڀنيان دنيا ۾ رهجي وينديون، ته ان کي يقين ڪرڻو پوندو ته جڏهن هو هن دنيا کان موڪلائيندو، تڏهن انهن دل وٽندڙ

شين جي جدائيءَ سبب ڪيس رنج ۽ عذاب پهچندو. پر جڏهن ڪو آدمي هي سمجهي وٺي ته الله تعالیٰ ئي سندس محبوب آهي ۽ دنيا ۾ ان مقدار کان سواءِ، جو هن جو توشو آهي، ٻيون شيون سندس دشمن آهن، ته ڪيس ڪ ٿي ويندي ته جڏهن هو دنيا کان رخصت ياب ٿيندو، تڏهن رنج ۽ غم کان ڇوٽڪارو پائيندو، ۽ آرام ۽ خوشي حاصل ٿيندي.

لهٰذا جنهن به هيءُ ڳالهه پروڙي ورتي، تنهن کي قبر جي عذاب ۾ ذرو به شڪ نه رهندو. مگر هي عذاب پرهيزگارن لاءِ نه، بلڪ دنيا دارن لاءِ آهي، جن پاڻ کي مطلقاً دنيا جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

## فصل اٺون

# قبر جي عذاب جي حقيقت ۽ ان جا درجا

جڏهن تو قبر جي عذاب جو اصل معلوم ڪري ورتو، ته اهو دنيا جي دوستيءَ سبب آهي، ته هاڻي تون هن ڳالھ کي بہ سمجھي ڇڏ ته ان عذاب جا بہ درجا آهن: ڪن کي عذاب ٿورو ته ڪن کي گهڻو ٿئي ٿو، ۽ ان جو سارو دارومدار دنيا سان گهٽ وڌ پيار تي آهي. تنهنڪري ان شخص جو عذاب، جو دنيا ۾ فقط هڪ شيءِ سان صحبت رکي ٿو، اهڙو نہ هوندو جهڙو انهيءَ شخص جو، جنهن کي دنيا جو مال ۽ جاه، جاگيرون ۽ اسباب، ٻانها ٻيلي ۽ سڀ نعمتون موجود هجن، ۽ سڀني سان لنؤن لايو ويٺو هجي. مطلب ته هر ڪنهن جو عذاب ۽ راحت هُن جي دنيا سان الفت ۽ نفرت جي قدر آهر هوندا. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته ”ڪافر کي قبر ۾ نوانوي نانگ پچيندا، جن مان هر هڪ نانگ کي نوَ مٿا هوندا ۽ اهي کيس ڏنگيندا ۽ چوسيندا رهندا، جيستائين قيامت ڏينهن هو اُٿي.“ جيڪي بصيرت جا صاحب آهن، تن انهن نانگن کي پنهنجي اندر جي اکين سان ڏٺو آهي. بي بصيرت بيوقوف چوندا آهن ته ”اسان کي ته قبر ۾ ڪي نانگ نظر نٿا اچن، جيڪڏهن سچ پچ هجن ها ته اسان جون اکيون، جي بلڪل سلامت آهن، سي انهن کي ضرور ڏسن ها.“ انهن بيوقوفن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته هي نانگ مردي جي روح جي ذات اندر آهن، ان جي جسم جي ٻاهران نہ آهن، جو ٻين کي نظر اچن. بلڪ هي نانگ ته ان جي مرڻ کان اڳ بہ ان جي اندر ۾ موجود هئا، اگرچہ اُن کي خبر ڪانہ هئي. هي نانگ ان ڪافر جي صفتن مان ٺي

جڙيل آهن، ۽ انهن جا مٿا سندس مذموم اخلاقن جي تعداد برابر آهن، - جهڙوڪ ڪينو، حسد، هٺ، طمع، مڪر، ڊوهه، دشمني، جاه ۽ حشمت جي دوستي وغيره. انهن نانگن جي اصل سرشت دنيا جي دوستي آهي، جنهن مان اُهي برا اخلاق ڦُٽي نڪرن ٿا، انهن نانگن جي اصليت، ۽ انهن جي مٿن جي گهٽائي يا ٿورائي، بصيرت جي نُور سان سڃاڻي سگهجي ٿي، ۽ انهن جي تعداد جي حقيقت نبوت جي نور سان پرکي سگهجي ٿي. جيڪڏهن اهي نانگ ان ڪافر جي جند کان ٻاهر هجن ها، جيئن جو عام ماڻهن ڀانيو آهي، ته ان ۾ پاڻ انهي ڪافر کي آرام هجي ها، ڇا لاءِ جو آخر ته اهي نانگ گهڙي ساعت ان کي ڏنگڻ کان باز رهن ها. پر ڇاڪاڻ ته هو سندس جان جي اندر ديرو دمايو ويٺا آهن، ۽ اهي خود ان جون عين صفتون آهن، تنهنڪري انهن کان ڀڄي نٿو سگهجي.

جهڙيءَ طرح ڪو شخص ٻانهي وڪرو ڪري ۽ پوءِ ان تي عاشق ٿي پوي، ته اهو نانگ جو ڪيس اندر ئي اندر ڏنگيندو رهي ٿو، سو انهيءَ ٻانهيءَ جو عشق آهي، جو ان دل ۾ لڪل هو - جنهن جي ڪيس انهيءَ وڪري جي واقعي کان اڳ خبر ڪانه هئي، تهڙيءَ طرح اهي نوانوي نانگ به مرڻ کان اڳ، ان جي اندر ۾ هئا، پر تيستائين ان کي خبر نه هئي، جيستائين انهن جي ڏنگ جو اثر ظاهر نه ٿيو. ۽ جهڙيءَ طرح عشق خود انهيءَ وقت تائين سندس راحت جو سبب هو، جنهن وقت تائين هو پنهنجي معشوق سان همڪنار هو، تهڙيءَ طرح، اهو ساڳيو عشق فراق ۾ ان جي تڪليف جو باعث بڻيو. جيڪڏهن عشق نه هجي ها ته

هو ڪڏهن بہ فراق جي رنج ۽ غم ۾ نہ ڦاسي ها. اهڙيءَ طرح سان دنيا جي دوستي ۽ عشق، جي زندگيءَ ۾ راحت جو سبب هئا، سي موت کان پوءِ تڪليف جو ڪارڻ بڻيا. جاه ۽ جلال جو عشق، دل کي ازدها وانگر ڏنگي ٿو، مال جو عشق نانگ مثل، ۽ گهربار جو عشق وڇونءَ وانگر، وعلىٰ هٰذالقياس.

جهڙيءَ طرح انهيءَ ٻانهيءَ جو عاشق گهري ٿو تہ فراق ۾ هو جيڪر پاڻ کي درياهہ ۾ اڇلائي ڇڏي، يا باهہ ۾ ساڙي ڇڏي، يا هو گهري ٿو تہ ڪوئي وڇون کيس ڏنگي تہ فراق جي درد کان ڇوٽڪارو حاصل ٿئيس: تهڙيءَ طرح سان جنهن کي قبر جو عذاب ٿئي ٿو، تہ هو چاهي ٿو تہ انهيءَ رنج ۽ غم جي بدران ظاهري نانگ ۽ وڇون هجن تہ چڱو: ڇاڪاڻ تہ اهي رڳو جسم تي ٻاهران زخم هڻن ٿا، مگر هي قبر جا نانگ ۽ وڇون تہ اندران ئي اندر جان کي ڏنگ هڻن ٿا، جن کي ظاهر اک ڏسي نٿي سگهي.

تنهنڪري حقيقت ۾ هر آدمي پنهنجي عذاب جو سامان هتان ئي پاڻ سان کڻي هلي ٿو، ۽ سيڪجهہ سندس اندر ۾ پوشيده آهي. انهيءَ ڪري ئي حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ ”اهي توهان جا ئي عمل آهن، جي وري اوهان ڏي موٽايا ويندا.“ ۽ انهيءَ ڪري ئي الله تعالىٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي تہ ”تحقيق دوزخ ڪافرن کي گهيرو ڪيو بيٺو آهي.“ ۽ ائين نہ فرمايو اٿن تہ ”گهيرو ڪندو.“

## فصل نائون

# قبر جي نانگن کي ظاهر اکين سان ڏسي نٿو سگهجي

شايد تون هيءَ سوال ڪرين، ته ظاهر شرع کان معلوم ٿئي ٿو ته اهي نانگ ظاهري اکين سان ڏسي سگهبا. اُهي نانگ جي جان جي اندر ٿين ٿا. سي ڏسي ڪين سگهبا. ان جو جواب هي آهي ته اهي نانگ به نظر اچي سگهن ٿا. ليڪن مئل شخص ئي انهن کي ڏسي سگهي ٿو. هن جهان ۾ رهڻ وارا انهن کي ڏسي نٿا سگهن، ڇاڪاڻ ته هُن جهان جون شيون هِن جهان جي اکين سان نٿيون ڏسي سگهجن. اهي نانگ انهيءَ شخص (مردي) کي اهڙيءَ طرح نظر اچن ٿا. جهڙيءَ طرح هو انهن کي هِن دنيا ۾ ڏسندو هو، ليڪن تون انهن کي نه ڏسي سگهندين، - جيئن ڪو شخص ننڊ ۾ ڪهڙو ڪري ڏسندو آهي ته ڪيس نانگ ڏنگي رهيو آهي، پر اهو ماڻهو جو سندس پر ۾ ويٺو آهي، سو ڏسي نٿو سگهي، حالانڪ ننڊ واري جي لاءِ نانگ موجود هوندو آهي، ۽ هو ان ايذاءُ پيو سهندو آهي، اگرچه سجاڳ لاءِ نانگ آهي ئي ڪونه. سجاڳ آدمي انهيءَ نانگ کي نٿو ڏسي، تنهنڪري ائين نه چئبو ته ڪو ننڊ واري کي گهٽ درد آهي. مثلاً: هڪ ماڻهو خواب ۾ ڏسي ٿو ته ڪيس نانگ ڏنگي رهيو آهي. حقيقت ۾ اهو ڪنهن دشمن جو ڏک آهي، جو مثش سوپ پائڻ وارو آهي، ۽ اهو روحاني درد آهي جو دل کي رسي ٿو. پر جيڪڏهن ان جو مثال هن دنيا مان ونبو ته اهو نانگ جو مثال

آهي. ممڪن آهي ته جڏهن اهو دشمن خواب واري تي فتح پائيندو آهي، تڏهن خواب وارو چوندو آهي ته ”مون پنهنجي خواب جو تعبير ڏٺو“ ۽ هيئن چوندو آهي ته ”شل مون کي نانگ ڏنگي ها! ۽ هي دشمن مون مان مراد نه پائي ها.“ چاڪاڻ ته هي دل جو عذاب ظاهري نانگ جي ڏنگ کان وڌو آهي. پر جيڪڏهن تون چوين ته هي نانگ معدوم آهي، اصل ۾ آهي ئي ڪونه، ۽ جو ڪجهه ننڊ واري کي ڏنگي رهيو آهي، سو محض هڪ خيال آهي، ته پوءِ اهڙو خيال ڪرڻ وڏي غلطي آهي، بلڪ اهو نانگ واقعي موجود آهي.

موجود جي معنى آهي ”لذل“ ۽ معدوم جي معنى آهي ”اڻ لذل“. جو ڪجهه تون خواب ۾ ڏسين ٿو اهو تنهنجي حق ۾ موجود آهي، پوءِ ڪٽي ٻيا ماڻهو ان کي نه ڏسي سگهن. ۽ جو ڪجهه تون نٿو ڏسين، اگرچه ٻيا سڀ ماڻهو ڪٽي ڏسن، سو گويا تو لاءِ معدوم آهي. جنهن صورت ۾ عذاب ۽ ان جو سبب ٻيئي مئل يا ستل لاءِ موجود آهن، تنهن صورت ۾ جيڪڏهن ٻيا ڏسي نه سگهن ته ڪهڙو حرج. فرق صرف ايترو آهي، جو ستل جلدي جاڳي پوي ٿو ۽ عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو، جنهنڪري ماڻهو ان کي خيالي چون ٿا، پر مئل انهيءَ حالت ۾ مبتلا رهي ٿو، ڇا لاءِ جو موت جي ڪا ڇاڙي ئي ڪانهي. انهيءَ ڪري اهو رنج ۽ عذاب ان سان گڏ دائمي رهي ٿو. ازروي ثبات يا ناپائيداري جي هن دنيا جي محسوسات جو به ساڳيو حال آهي.

قرآن توڙي شريعت ۾ ائين ڪٿي ڪونه آيو آهي ته اهي نانگ ۽ وڇون، جي قبر ۾ ٿين ٿا، تن کي عام ماڻهو هن ظاهري اکين سان ڏسي سگهندا. ها!

جيڪڏهن ڪو شخص ننڊ ۾ هن دنيا کان بي حواس ٿي پري نڪري وڃي، ۽ ان تي ان مردي جو حال ڪشف ڪيو وڃي، ته پوءِ انهيءَ مردي کي نانگن ۽ وڇن جي وچ ۾ ڏسي سگهندو. ليڪن نبي سڳورا ۽ اولياءَالله انهن (نانگن ۽ وڇن) کي جاڳندي به ڏسي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه ٻيا ماڻهو خواب ۾ ڏسن ٿا، اهو سڀ هنن کي بيداريءَ ۾ نظر اچي ٿو، ۽ هي محسوساتي جهان سندس واسطي هُن جهان جي شين ڏسڻ کان حجاب (پردو، رنڊڪ) نه آهي.

### فصل ڏهون

## قبر جو عذاب سيني لاءِ ناهي

تون شايد چوين ته جيڪڏهن قبر جو عذاب هن دنيا سان دل جي لڳاءُ ڪري آهي، ته پوءِ اهڙو ماڻهو ڪونه لڀندو جو زال، اولاد، مال ۽ مرتبي جي محبت کان خالي هجي. ان ڪري هر شخص کي قبر جو عذاب ٿيندو، ۽ ڪوبه اُن کان ڇٽي نه سگهندو. ان جو جواب هي آهي ته اِهو ائين نه آهي، ڇا لاءِ جو دنيا ۾ ڪيترا اهڙا شخص به آهن، جي دنيا کان سير ٿي چڪا آهن، ۽ انهن لاءِ دنيا ۾ ڪابه آرام ۽ آسائش جي جاءِ نه رهي آهي، ۽ هميشه موت جي آرزو رکن ٿا. مسلمانن ۾ ڪيترائي درويش هن قسم جا آهن. مالدار لوڪ به ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا اهڙا آهن، جي دنيا جي مال اسباب سان پيار رکن ٿا، پر هو الله تعالیٰ کي دنيوي مال ۽ دولت کان زياده پيارو سمجهن ٿا، ته پوءِ انهن لاءِ قبر جو عذاب نه هوندو. انهن جو مثال ان شخص وانگر آهي، جنهن کي ڪنهن شهر ۾ هڪ جاءِ آهي جنهن سان هن کي محبت هجي، پر رياست ۽ سلطنت، محلات ۽ باغ کي ان کان زياده پيارو سمجهندو هجي، ۽ جڏهن ڪيس بادشاهي حڪم ملي ته هو ٻئي شهر ۾ هليو وڃي ته ان کي پنهنجي وطن کان جدا ٿيڻ تي ڪو رنج نه ٿيندو، ڇا لاءِ جو گهربار ۽ شهر جي دوستيءَ تي سلطنت جي محبت زياده غالب اٿس. اهڙيءَ طرح سان نيڪ پرهيزگار مسلمانن کي جيتوڻيڪ زال، اولاد، شهر ۽ وطن سان دلي لاڙو هوندو آهي، ته به جڏهن الله تعالیٰ جي دوستي ۽ محبت منجهن پيدا ٿيندي آهي ۽ الاهي اُنس جو مزو ايندو اٿن، تڏهن هي سڀ شيون

انهن جي نظر ۾ تڇ ٿيو پون. هي مزو موت سان پيدا ٿيندو آهي، جنهنڪري اهڙا ماڻهو قبر جي عذاب کان محفوظ رهندا آهن. ٻئي قسم جا ماڻهو وري اُهي آهن، جي دنياوي خواهشن کي زياده چاهين ٿا. اهي ان عذاب کان بچي نہ سگهندا. ۽ اهي آهن بہ گهڻا. هي ماڻهو ڪنهن مدت تائين عذاب سهندا رهندا ۽ جڏهن انهن کي دنيا ڏني گهڻو عرصو گذري ويندو، الله تعالى جي دوستي، جا سندن دلين ۾ لڪل هئي، سا وري ظاهر ٿيندي، جنهنڪري هو ڇوٽڪاري جا مستحق ٿيندا. انهن جو مثال ان شخص جيان آهي جو هڪ گهر کي ٻئي گهر کان زياده پسند ڪري ٿو، يا هڪ عورت کي ٻيءَ عورت کان وڌيڪ پيار ڪري ٿو، ۽ پوءِ ان کي سندس زياده پيار واري شيءِ کان جدا ڪيو وڃي ۽ ڪيس ٻيءَ وٽ وڃڻو پوي، جنهن کي گهٽ گهري ٿو، تہ ڪنهن زماني تائين هو وڌيڪ پياري شيءِ جي وڇوڙي جي غم ۽ ڏک ۾ رهندو، پر پوءِ اُن کي وساري ويهندو ۽ ٻيءَ سان هِري ويندو، ۽ اصل دوستي، جا هن جي دل ۾ پهرئين محبوب لاءِ هئي، سا گهڻي عرصي گذرڻ بعد، وري ٻئي محبوب لاءِ ظاهر ٿيندي.

ليڪن اهو آدمي جو خدا تعالى کي اصلاً دوست نٿو رکي، سو هميشه عذاب ۾ رهندو، ڇا لاءِ جو ان جي دوستي فقط انهيءَ شيءِ لاءِ هئي جا ڪانئس کسي ويئي (يعني دنيا لاءِ). اهڙو آدمي ڀلا ڪيئن ڇوٽڪارو لهندو؟ ڪافر کي جو هميشه لاءِ عذاب رهندو، ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي. جيڪڏهن ڪو شخص دعوى ڪري تہ مان خدا تعالى کي دوست رکان ٿو، يا ان کي دنيا کان گهڻو گهران ٿو، تہ اهو نہ ساري جهان جو زباني مذهب آهي. اهڙي دعوى پرکڻ

لاءِ هڪ ترازو ۽ ڪسوٽي آهي. اهو هيئن آهي ته: جڏهن به نفس ۾ خواهش ان ڪي ڪنهن شيءِ جو حڪم ڏين ۽ الله تعالى جي شريعت ان جي خلاف هجي، ته ان وقت جيڪڏهن هو پنهنجي دل ڪي الله تعالى جي حڪم جي طرف مائل ڏسي، ته پوءِ چئبو ته هو الله تعالى ڪي زياده پيارو ٿو. ٻيءِ حالت ۾ سندس دعوى ڪوڙي آهي.

بهرحال، هن بيان مان تو سمجهيو ته اهل حسرت پنهنجي باطن سان ڏسي سگهن ٿا ته ڪير قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو، ۽ هو خوب ڄاڻن ٿا ته گهڻا ماڻهو ڇٽي نه سگهندا، پر عذاب جي عرصي ۽ سختيءَ ۾ گهڻو فرق هوندو، جيئن دنيا سان لڳ لاڳاپن ۾ به گهڻو فرق آهي.

### فصل يارهون

## قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جي وات

شايد ڪي احمق ۽ مت موڙهيل هيءَ دعوىٰ ڪن ته جيڪڏهن قبر جو عذاب هيءَ آهي، ته پوءِ اسين سلامت آهيون، ڇا لاءِ جو اسان جو هن دنيا سان ڪو تعلق ڪونهي، ۽ دنيا جو هجڻ نه هجڻ اسان لاءِ برابر آهي. پر جيستائين هو پاڻ کي نه آزمائين، ايستائين انهن جي هيءَ دعوىٰ اجائي آهي. جيڪڏهن واقعي اهڙو شخص آهي جنهن جو سڀ مال چوري ٿي وڃي ۽ جا مقبوليت ۽ شهرت حاصل اٿس، سا ڪنهن ٻئي جي نصيب ۾ هلي وڃي، ۽ ان جي مڙئي پوئلڳ کانئس منهن ڦيري وڃن ۽ سندس گلا ڪن، ۽ باوجود انهن سڀني ڳالهين جي سندس دل ۾ ڪجهه به رنج ۽ غم جو اثر نه ٿئي، ۽ هن جي لاءِ هي واقعو اهڙو هجي، جيئن ڪنهن ٻئي جو مال چوري ٿي ويو آهي ۽ ڪنهن ٻئي جي عزت لٽجي وئي آهي، ته پوءِ هو پنهنجي دعوىٰ ۾ سچو آهي، پر جيستائين سندس مال چوري نه ٿيو آهي، ۽ سندس مريد کانئس بگڙي نه ويا آهن، تيستائين ته هو رولي ۾ آهي. لهٰذا آدميءَ کي جڳائي ته مال کي پاڻ کان جدا ڪري، ناموس کان پري ڀڄي ۽ پاڻ کي آزمائي، ۽ پوءِ اهڙو ڀروسو رکي. گهڻا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو سمجهندا آهن ته انهن کي زال يا ٻانهي سان ڪو واسطو ئي ڪونهي، پر جڏهن زال کي طلاق ڏيندا آهن يا ٻانهيءَ کي وڪڻندا آهن، تڏهن اها عشق جي باهه سندين دلين ۾ لڪل هوندي آهي، سا پڙڪو کائي ٻاهر نڪرندي آهي، ۽ هو چريا ٿي ان ۾ جلندا آهن.

تنهنڪري جيڪو چاهي ته قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو پائي، ته ان لاءِ ضروري آهي ته هو دنيا جي ڪنهن به شيءِ سان ضرورت کان وڌيڪ ناتو نه رکي. پر جيڪڏهن دل کي انهن لاڳاپن کان خالي ڪري نٿو سگهي، ته ڪيس جڳائي ته دائمي خدا جي بندگيءَ ۾ ذڪر ۾ مشغول رهي ۽ ذڪر جي اُنس کي پنهنجي دل تي غالب ڪري، تان جو الله تعالى جي دوستي دنيا جي دوستي تي غالب پئجي وڃي. شريعت جي پوري تابعداري ڪري ۽ الله تعالى جي حڪم کي مقدم رکي. جيڪڏهن نفس سندس اطاعت مڃي، ته پوءِ پلي پروسو ڪري، ته ڪيس قبر جي عذاب کان نجات ملندي. پر جيڪڏهن ائين نه ٿيو ۽ نفس سرڪش رهيو، ته پوءِ قبر جي عذاب لاءِ تيار رهي، اِلَّا مَاشَاءَالله.

## فصل ٻارهون

# روحاني دوزخ ۾ ٽن قسمن جي باهه

هاڻ وقت آيو آهي ته اسين ’روحاني دوزخ‘ جي حقيقت کي سمجهايون. ”روحاني“ مان مراد هي آهي ته اهو جنهن جو تعلق خاص روح سان هجي، ۽ نه جسم سان. نارالله الموقدة التي تطلع علي الافئدة ”الله تعالیٰ جي ڀڙڪايل باهه، جا دلين تي ظاهر ٿيندي“ تنهن مان مراد اهو روحاني دوزخ آهي، جنهن جي باهه جو غلبو دل تي هوندو. اُها باهه جا بدن کي چهٽي پوي ٿي، تنهن کي ”جسماني دوزخ“ چوندا آهن.

جاڻڻ گهرجي ته ’روحاني دوزخ‘ ۾ به ٽن قسمن جي باهه ٿيندي: هڪڙي دنيوي خواهشات کان وڇوڙي جي باهه، ٻي رسوائين ۽ شرمندگين جي باهه، ۽ ٽين حضرت اِلاهيءَ جي جمال کان محرومي ۽ نااُميديءَ جا باهه. انهن ٽنهي باهن جو تعلق دل ۽ جان سان آهي ۽ نه جسم ساڻ. انهن باهين جي سمجهاڻي ڏيڻ ضروري آهي ته هو انهن باهين مان ڪهڙي کي هتان (هن دنيا مان) پاڻ سان کڻي هلن ٿا. هر هڪ جي معنى هڪ دنيوي مثال جي ذريعي پيش ڪنداسين، ته جيئن حقيقت تان پردو کڄي وڃي.

پهرينءَ باهه جي صفت جا دنيا جي خواهشن کان جدائيءَ جي باهه آهي، ان جو سبب قبر جي عذاب واري باب ۾ بيان ڪيو ويو. آدمي تيستائين پنهنجي معشوق سان گڏ آهي تيستائين جڻڪ بهشت ۾ آهي، ۽ جڏهن ان (معشوق) کان جدا ٿئي ٿو ته گويا دوزخ ۾ آهي، ۽ جڏهن ان (معشوق) معشوق کان جدا ٿئي ٿو ته

گويا دوزخ ۾ آهي، تنهنڪري دنيا جو عاشق دنيا سان گڏ بهشت ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا ڪافر جي لاءِ بهشت آهي (الدنيا دوزخ الڪافر)، ۽ آخرت ۾ هو دوزخ ۾ آهي، ڇا لاءِ جو ان جو معشوق (يعني دنيا) کانئس کسيو وڃي ٿو. هاڻي هڪڙي ئي شيءِ لذت جو سبب به آهي ته وري رنج جو باعث به، ليڪن ان جون به مختلف حالتون آهن:

دنيا ۾ ان باهه جو مثال هن طرح کڻي سمجهو ته هڪڙو بادشاهه روءِ زمين جو مالڪ آهي ۽ سندس ماتحت خوبصورت زالون، ٻانهيون، باغ، محلات، مطلب ته هر شيءِ آهي. اوچتو هڪ غنيم اچي کيس قيد ڪري پنهنجو غلام بنائي ٿو ۽ سندس رعيت جي اکين آڏو کيس ڪنن جي سنڀال سپرد ڪري ٿو. هاڻي تون خيال ڪري ڏس ته انهيءَ بادشاهه کي ان ڪري ڪيترو نه رنج هوندو، ۽ پنهنجي هر قسم جي نعمتن جي باهه کيس ڪيتريقدر نه جلائيندي هوندي! هو ضرور چاهيندو ته کيس هڪدم ختم ڪيو وڃي يا سندس جسم تي ايتريقدر عذاب سٽيو وڃي جو انهيءَ رنج کان ڇٽي پوي. جيتري نعمت وڌيڪ هونديس، ۽ ولايت وڌيڪ صاف ۽ دلپذير، اوتري هيءَ باهه هن لاءِ زياده تيز هوندي. پوءِ جيتريقدر ڪنهن جي مزن جي حد دنيا ۾ ڪشادي هوندي، ۽ جيتريقدر دنيا اُن سان وڌيڪ نباهيو هوندو، اوتريقدر ان جو عشق ڏاڍو هوندو، ۽ اوتريقدر فراق جي باهه ان جي دل اندر وڌيڪ ساڙيندي هوندي.

هيءُ مثال آهي هڪ باهه جو. ممڪن ناهي جو ان باهه جو مثال هن جهان ۾ ملي سگهي، ڇا لاءِ ته هن جهان ۾ جيڪو رنج دل کي رسي ٿو، سو جلد ئي

زائل ٿي وڃي ٿو. چاڪاڻ جو حواس ۽ هن جهان جا ڌنڌا، جي دل لاءِ هڪ حجاب آهن، ڪيس مشغول رکن ٿا ۽ انهيءَ ڪري هي عذاب منجهس متمڪّن نٿو ٿئي. انهيءَ سبب ڪري جڏهن ڪو مصيبت زده ننڊ ڪري اٿندو آهي، ۽ سندس طبيعت صاف هوندي آهي، تڏهن مصيبت جو زخم دل کي وڌيڪ ڏکوئيندو اٿس، ۽ محسوسات ڏي موٽڻ کان اڳ مٿس زياده اثر ڪندو آهي. مثلاً ننڊ مان اُٿڻ وقت جيڪڏهن ڪو منو آواز ٻڌندو، ته وڌيڪ متاثر ٿيندو. ان جو سبب دل جي محسوسات کان صفائي آهي، جا هن جهان ۾ پوريءَ طور حاصل نه ٿيندي آهي. مگر آدمي جڏهن مري ٿو، تڏهن محسوسات جي اثر کان صاف ۽ مجرد ٿيو پوي ٿو، ۽ رنج ۽ راحت سندس دل تي وڏو اثر پيدا ڪن ٿا. مٿان ائين سمجهين ته اها باهه هن دنيا جي باهه وانگر هوندي آهي، بلڪ ان باهه ستر دفعا پاڻيءَ سان ڌوئي پوءِ هن جهان ڏانهن موڪليو ويو آهي.

ٻيءَ باهه جي صفت: اها ٻچڙاين سبب شرم ۽ پڇتاءُ جي باهه آهي، ان جو مثال ائين آهي ته جيئن ڪو بادشاهه ڪنهن حقير ۽ خسيس شخص کي عزت ڏئي، ۽ پنهنجي ملڪ جي نائبي ان جي حوالي ڪري ٿو، ۽ پڻ پنهنجي حرمسراءِ سان واقفي ڪرائي ٿو، جيئن ڪوبه، کانئس پردو نه ڪري، ۽ پنهنجا مال خزانا ان جي حوالي ڪري، اُن تي سيني ڪمن ۾ پروسو رکي ٿو. اهو ڪميڻو جڏهن انهن نعمتن کي حاصل ڪري وٺي ٿو، تڏهن پنهنجي اندر ۾ بادشاهه کان باغي ۽ سرڪش ٿي پوي ٿو - خزاني ۾ بيجا تصرف ڪري ٿو ۽ سندس حرمسراءِ ۾ خيانت ۽ بدمعاشي ڪري ٿو: مگر ظاهري طرح پاڻ کي بادشاهه جو

امانتدار ثابت ڪري ٿو. هڪڙي ڏينهن خيانت ۽ بدمعاشي ڪندي ڏسي ٿو ته بادشاهه بينو درٻيءَ کان ڌانهس نهاري، ۽ هي به سمجهي وجي ٿو ته شايد بادشاهه هر روز ڪيس اهڙيءَ طرح تاڙي رهيو آهي: ۽ دير انهيءَ لاءِ ڪئي اٿس ته پلي سندس خيانت اچا به وڌي ته ڪيس عبرت جهڙي سزا ڏيئي ماري برباد ڪري. هاڻي، تون قياس ڪر ته ان حالت ۾ رسوائيءَ کان جا شرم جي باهه ان جي دل ۽ جان ۾ پڙڪندي سا ڪهڙي هوندي! چا هوهيءَ نه چاهيندو ته جيئري ئي زمين ڪيس جاءِ ڏئي، ته ان ۾ پيهي وڃي، ته جيئن هن لڄ ۽ خواريءَ جي باهه چوٽڪارو حاصل ڪري؟

اهڙيءَ طرح، تون جو به ڪم هن جهان ۾ پنهنجي عادت کان ڪرين ٿو، جو ظاهريءَ طور تي توکي چڱو نظر اچي ٿو، پر ان جي حقيقت ۽ اصليت بُري ۽ رسوا ڪندڙ آهي، قيامت ڏينهن جڏهن ان جي حقيقت تنهنجي اڳيان کلندي، تڏهن تنهنجي رسوائي پڌري ٿيندي ۽ تون ندامت جي باهه ۾ جلي مرندين.

ٽينءَ باهه جي صفت: اها حضرت الاهيءَ جي ديدار کان محروم رهڻ ۽ سعادت حاصل ڪرڻ کان نااُميديءَ جي باهه آهي. ان جو ڪارڻ نابينائيءَ ۽ جهالت آهي جنهن کي آدمي پاڻ سان هن جهان مان کنيو ٿو هلي، چا لاءِ جو هن الله تعالیٰ جي معرفت حاصل نه ڪئي هئي، ۽ مجاهدي سان پنهنجي دل کي صاف نه ڪيو هو ته جيئن مرڻ بعد حضرت الاهيءَ جو جمال ان ۾ ڏسي، جيئن صاف آئيني ۾ ڏسندو آهي - بلڪ پنهنجي دل جي آئيني کي گناهن ۽ دنياوي خواهشن جي

ڪٺ سان ڪارو ڪري ڇڏيو هئائين. جنهنڪري سندس دل انڌائيءَ ۾ رهجي ويئي.

ان باهه جو مثال ائين آهي، جيئن تون ڪجهه ماڻهن سان انڌيري رات ۾ هڪ جبل تي پهچين، جتي اڪيچار پٿر هجن، جن جو رنگ تون ڏسي نه سگهين: تنهنجا ساٿي توکي چون ته 'جيترا ٿي سگهن اوترا پٿر کڻي هل، ڇو جو اسان ٻڌو آهي ته هي نهايت قيمتي آهن، ۽ انهن ۾ گهڻو فائدو آهي.' پوءِ انهن مان هر هڪ جيترا کڻي سگهي ٿو اوترا کڻي ٿو، ۽ تون انهن مان هڪ به نٿو کڻين ۽ چوين ٿو ته 'هيءَ وڏي بيوقوفي آهي جو ايتري مصيبت برداشت ڪريان ۽ هيترو سارو ڳرو بار پاڻ تي کڻي هلان، ۽ خود اها خبر نه آهي ته سچاٽي هي ڪم ايندا يا نه.' تنهنجا ساٿي ته پوءِ بار کڻي روانا ٿين ٿا ۽ تون انهن سان گڏ خالي هٿين موٽين ٿو، ۽ مٿن کل ۽ ٺٺولي ڪندو ٿو اچين، ۽ چوين ٿو ته 'افسوس، جنهن کي عقل ۽ سمجهه آهي اهو مون وانگر آرام سان سولو هلي ٿو، ۽ جو نادان آهي، سو پاڻ کي اجائي طمع ۾ گڏهه ڪري بوجو کڻي ٿو. جڏهن روشنيءَ ۾ پهچن ٿا تڏهن کين معلوم ٿئي ٿو ته اِهي پٿر جواهر ۽ ڳاڙها ياقوت آهن، جن مان هر هڪ جي قيمت هڪ لک دينار آهي. اتي اهي ماڻهو حسرت ڪائين ٿا ته اجا ڇو نه پاڻ سان زياده پٿر کڻي آياسون، ۽ پوءِ تون پنهنجي غفلت ڪان ته 'ڇو نه کنيم' ارمان ڪندين، ۽ حسرت جي باهه تنهنجي جان ۾ پڙڪندي. تنهنجا ساٿي اهي هيرا لعل وڪڻي روءِ زمين جي بادشاهي ماڻين، ۽ جيڪي نعمتون چاهين حاصل ڪن. ۽ جتي چاهين اتي رهن ۽ توکي غلام بنائي بکيو، اجيو ۽ اگهاڙو رکن، ۽ تون انهن کي ڪيتري به منٿ

ڪرين ته انهيءَ نعمت مان مون کي ڪو ذرو ڏيو، ته هو چون ته ”ڪالهه تون اسان تي ٺٺ ڪلئين، اڄ اسين توتي ٺٺ ڪلون.“

هي آهي مثال بهشت جي نعمت ۽ حق تعالیٰ جي ديدار کان محروم رهڻ جي حسرت جو، هيءُ هيرا ۽ لعل مثال آهن عبادتن جو، ۽ اونداهي مثال آهي دنيا جو. پوءِ جن به عبادت جا هيرا ۽ لعل دنيا مان پاڻ سان نه کنيا ۽ چيائون ته اُڌاري نعمت جي آسري تي روڪڙو ڪشادو ڇو ڪيون، اهي سيان، قيامت ڏينهن دانهن ڪندا ۽ پڪاريندا ته ”اسان جي مٿان به ڪجهه پاڻي وهايو (پنهنجن نعمتن مان ڪجهه ڏيو).“ ۽ چو ته حسرت ڪائين، جو سياڻي اهل طاعت ۽ اهل عبادت تي ايترين سعادتن ۽ الاهي نعمتن جي باراني ٿيندي، جو انهنجي اڳيان هن دنيا جون سڀئي راحتون هڪ ساعت جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه هونديون، بلڪ اهو شخص جنهن کي دوزخ مان سيني کان پچاڙيءَ ۾ ڪڍندا تنهن کي به ايتريون ته نعمتون ڏنيون وينديون، جو دنيا جي نعمتن کان ڏهوڻيون هونديون.

### فصل تيرهون

# روحاني باه جسماني باه کان وڌيڪ دردناڪ آهي

تو انهن ٽنهي قسمن جي روحاني باهين کي سمجهي ورتو، هاڻ هيءُ به سمجهي ڇڏ ته هيءَ باهه جسماني باهه کان گهڻو تيز آهي، ڇا لاءِ جو جسم کي تڪليف جو احساس ان وقت تائين نٿو ٿئي، جيستائين ان جو اثر جان تائين نه پهچي. تنهنڪري جسم جي تڪليف به جان (روح) ۾ پهچي وڃڻ سان وڌي وڃي ٿي. پوءِ اها باهه ۽ اهو درد، جو جان (دل، روح) جي وچان ڀاهر اچي ٿو، سو لازماً گهڻو زياده آهي. هيءَ باهه جان جي اندران ئي لڳي ٿي، ٻاهران ڪانه ٿي اچي.

انهن سڀني ڏکن سورن جو سبب هي آهي ته اها شيءِ جا دل جي طبع جي خلاف آهي، سا دل تي غلبو ڪري ٿي، مثلاً: بدن جي طبيعت جي تقاضا هيءَ آهي ته ان جي هيءَ ترڪيب (جوڙجڪ) ساڻس گڏ سلامت رهي، ۽ ان جا سمورا عضوا هڪٻئي سان بدستون ڳنڍيل رهن. جڏهن جراحت (ودڻ) جي ڪري هڪ عضوو ٻئي کان علحدو ٿي وڃي ٿو، جا ڳالهه ان جي طبيعت جي مخالف آهي، تڏهن بدن کي تڪليف پهچي ٿي. اهڙي طرح سان جنهن شيءِ جي دل تقاضا ڪري ٿي، ان جي بجاءِ جيڪڏهن ڪا ٻي مخالف شيءِ اچي جڳهه والاري ته ان ڪري دل کي تمام گهڻي تڪليف ٿئي ٿي.

هاڻ دل جي تقاضا آهي الله تعالى جي معرفت ماڻڻ ۽ سندس ديدار پسڻ. جيڪڏهن معرفت ۽ بينائيءَ جي بجاءِ ان جو ضدّ يعني نابينائي اچي ان جي جڳهه تي قبضو ڪري، ته پوءِ دل جي درد جي ڪا حد ئي ڪانه رهندي. جيڪڏهن ماڻهن جون دليون هن دنيا ۾ بيمار نه هجن ها، ته موت کان اڳ ۾ ئي نابينائيءَ جي درد جي خبر پئجي وڃين ها. جهڙيءَ طرح، هٿ پير ڪيرا ٿي ويندا آهن ۽ انهن ۾ سُومت پيدا ٿيندي آهي، ته ڏنپ جي درد جو به احساس نه ٿيندو اٿن، پر جڏهن انهن مان ساٽائي نڪري ويندي آهي، تڏهن سخت سور ٿيندو اٿن. تهڙيءَ طرح آدمين جون دليون به هن جهان ۾ ڪيريون ۽ بيحس ٿي وڃن ٿيون. اها ڪيرائي ۽ بي حسي موت وقت هلي وڃي ۽ يڪلخت هيءَ باهه اندر مان پڙڪو کائي ٿي نڪري. اها باهه ڪنهن ٻئي طرف کان نٿي اچي، بلڪ اها دل ۾ آهي، جا آدمي پاڻ سان همراهه ڪنيو وتي؛ پر جيئن ته ڪيس علم اليقين نه هوء، تنهنڪري ان کي ڏسي نه سگهيو، ۽ هاڻي جڏهين ڪيس عين اليقين حاصل ٿيو، تڏهن ان کي خوب سمجهيائين.

شريعت، جو جسماني دوزخ ۽ بهشت جي شرح ۽ صفت زياده بيان ڪئي آهي، سو هن ڪري جو سيڪوئي ان کي ڄاڻي سڃاڻي ٿو؛ پر جيڪڏهن روحاني دوزخ ۽ بهشت بابت ڪنهن جي اڳيان ڳالهه ڪبي، ته هو ان کي هڪ معمولي ڳالهه ڪري سمجهندو، ۽ ان جي سختيءَ ۽ عظمت جي پرواهه نه پونديس. مثلاً: جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي چيو وڃي ته 'تون ڪجهه سک، نه تو تنهنجي پيءَ جي رياست ۽ ولايت توکي نه ملندي ۽ تون انهيءَ سعادت کان محروم رهجي

ويندين، ته هو اها ڳالهه سمجهي نه سگهندو، ۽ سندس دل تي ڪوبه اثر نه پوندو؛ پر جيڪڏهن ڪير چيو وڃي ته ’جيڪڏهن تون نه پڙهندين ته استاد تنهنجو ڪن مهٽيندو‘ ته هو ان کان ڊڄي ويندو، ڇاڪاڻ ته ڪيس انهيءَ ڳالهه جو پورو احساس آهي، هاڻي جهڙيءَ طرح استاد جي گوشمالي حق آهي، ۽ بي ادب ٻار جو پنهنجي پيءُ جي رياست کان محروم رهڻ حق آهي، تهڙيءَ طرح جسماني دوزخ حق آهي، ۽ الله تعالیٰ جي جمال جي ديدار کان محروم رهڻ جي باهه حق آهي، ۽ جهڙيءَ طرح گوشمالي، رياست ۽ ولايت کان محروم رهڻ جي ڀيٽ ۾ ڪجهه سزا نه آهي، تهڙيءَ طرح جسماني دوزخ به روحاني دوزخ اڳيان هڪ معمولي شيءِ آهي.

## فصل چوڏهون

# ٿوري گمان تي آخرت جو انڪار ڪرڻ روا ناهي

گهڻا نادان جن کي نه هيءَ طاقت آهي ته پنهنجي بصيرت سان ڪمن کي سمجهن ۽ نه وري اها توفيق اٿن جو شريعت کي قبول ڪن، سي آخرت جي ڪمن ۾ حيران رهن ٿا ۽ شڪ هيٺ آهن. ليڪن، ڳالهه دراصل هيءَ آهي ته جڏهن خواهش انهن تي غلبو ڪري ٿي، تڏهن پنهنجي طبع جي تقاضا موجب آخرت جو انڪار ڪري ٿا ڇڏين، پوءِ سندن اهو انڪار، انهن جي اندر ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ شيطان هر وقت ان جي پرورش ڪندو رهي ٿو. هو هيءُ پائيندا آهن ته جو ڪجهه دوزخ جي متعلق آيو آهي، سو محض ڊيڄارڻ واسطي آهي، ۽ جو ڪجهه بهشت بابت آيل آهي، سو رڳو دوکو آهي. انهيءَ سبب ڪري هو پنهنجي خواهش جا پيرو بڻجي، شريعت کان منهن موڙين ٿا. نه بقط ايترو، پر اهي، جي شريعت جي پيروي ڪن ٿا، تن کي به حقارت جي نظر سان ڏسن ٿا ۽ چون ٿا ۽ اهي دوکي ۾ آهن. اهڙن احمقن کي اها قوّت ڪٿي آهي، جو اهڙن رازن کي دليلن سان سمجهي سگهن. اهڙن ماڻهن مان ڪنهن هڪ کي دعوت ڏجي ته اچي ڪنهن هڪ ظاهر ڳالهه تي غور ڪري، ۽ ڪيس چيو وڃي ته ’جيڪڏهن تنهنجو گمان غالب هيءُ آهي ته هڪ لک ۽ چوويهه هزار پيغمبر، مڙيئي عالم، حڪيم ۽ ولي غلطيءَ ۽ دوکي هيٺ آيل هئا، نه چاءِ تو باوجود هيترئيءَ ساري بيوقوفيءَ ۽ غرور هوندي به انهيءَ حال کي سمجهيو آهي! ممڪن آهي ته هيءَ غلطي ۽ دوکو توکان ئي هجي، جو آخرت جي حقيقت کي سمجهي نه

سگهيو آهين. ۽ نه وري روحاني عذاب کان ئي واقف ٿي سگهيو آهين، ۽ هن محسوسات جي جهان ۾ روحانيات جي مثال کي فهم ۾ آڻڻ کان عاجز ٿي پيو آهين.“
هاڻ جيڪڏهن ڪو اهڙو بيوقوف آهي جو ڪنهن به طرح پنهنجي غلطيءَ کي نٿو مڃي، ۽ چوي ٿو ته ”جهڙيءَ طرح به هڪ کان وڌيڪ آهن، تهڙيءَ طرح آئون يقيناً سمجهان ٿو ته روح جي ڪا حقيقت ڪانهي ۽ نه وري ان کي ڪو بقا آهي، ۽ مرڻ کان پوءِ روحاني ۽ جسماني عذاب ۽ راحت آهي ئي ڪانه“، ته پوءِ اهڙي آدميءَ جو مزاج بگڙيل چڪو آهي، ۽ انهيءَ کان نااُميد ٿيڻ گهرجي: ڇا لاءِ جو هو انهيءَ ٽولي مان آهي، جنهن بابت الله تعالى فرمايو آهي ته ”جيڪڏهن تون (اي محبوب) انهن کي هدايت جي طرف سڏيندين ته هو هرگز رستو نه پائيندا .
جيڪڏهن هو چوي ته ”انهن ڳالهين جي محال هجڻ جي مون کي ڪا پڪ ڪانهي: پوءِ ڪٿي اُهي ممڪن به هجن، پر سمجھ کان گهڻو پري آهن: ۽ جيئن ته هن حال جي حقيقت (اصليت) مون کي معلوم نه آهي، ۽ نه وري ڪو غالب گمان سان ئي معلوم اٿم، ته پوءِ ڇو هڪ ڪمزور گمان تي لڳي پنهنجي سڄي عمر پرهيزگاريءَ جي دامن ۾ گذاريان ۽ دنيا جي لذتن کان باز رهان؟“ اسين کيس چونداسون ته ”جڏهن تو هن قدر جو اقرار ڪيو آهي ته هاڻي عقل جي لحاظ کان توتي واجب ٿي ويو آهي ته تون هن شريعت جي رستي کي اختيار ڪرين: ڇا لاءِ، جو جڏهن خطرو وڏو هوندو آهي، تڏهن محض ضعيف گمان تي ئي ماڻهو ان کان پرهيزگاري ڪندا آهن: مثلاً، جڏهين تون کاڌي کائڻ جو خيال ڪرين ۽ ان وقت ڪو توکي هيئن ٻڌائي ته نانگ انهيءَ ۾ منهن وڌو آهي، تڏهين تون فوراً پنهنجو هٿ ان

(ڪاڍي) ڪان هٽائيندين، جيتوڻيڪ گمان هيءُ هجي ته هو ڪوڙ ٿو ڳالهائي، ۽ هو اهو ڪوڙ انهيءَ لاءِ ٿو ڳالهائي ته جيئن هو اهو ڪاڍو خود ڪائي. هي به ممڪن آهي ته هو سچ چوندو هجي، 7 ان حالت ۾ تون دل ۾ خيال ڪندو هوندين ته جيڪڏهن ڪاڍو ڪٽي نه ڪائيندس ته بڪ جي تڪليف سهڻ آسان آهي، پر جي ڪائيندس ته بڪ جي تڪليف سهڻ آسان آهي، پر جي ڪائيندس ته بڪ جي تڪليف سهڻ آسان آهي، پر جي ڪائيندس ته ٿي سگهي ٿو ته هن سچ چيو هجي، ۽ مان مري وڃان. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن تون بيمار ٿي پوين ۽ مرڻ جو خطرو اچي ورايئي، ۽ ان وقت ڪو تعويذ نويس توکي هيئن چوي ته مون کي هڪ چانديءَ جو درم ڏي ته توکي اهڙو تعويذ لکي ڏيان، جو تون تندرست ٿي اُٿين، ته ان وقت اگرچه تنهنجو غالب گمان ته هي هوندو ته نقش، تندرستي سان ڪائي نسبت نٿو رکي، مگر وري به خيال ڪندين ته ٿي سگهي ٿو، ته هو سچ چوندو هجي ۽ چانديءَ جو هڪ درم ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن توکي هڪ نجومي هيئن چوي ته جڏهن چنڊ فلاڻي هنڌ تي پهچي، تڏهين تون فلاڻي ڪڙي دوا ڪائي ڇڏج، ته تون نوبنو ٿي پوندين، ته نجوميءَ جي چوڻ تي تون ڪڙي دوا ڪائڻ جي تڪليف برداشت ڪندين ۽ چوندين ته شايد سچ چوندو هجي، ۽ جي ڪوڙ ٿو ڳالهائي، ته دل ۾ چوندين ته هيءَ معمولي ڳالهه آهي.

هاٿي، هڪ عقلمند جي نزديڪ هڪ لک چوويهه هزار نبين، سڀني حڪيمن، عالمن ۽ ولين جو قول ڪنهن نجوميءَ، تعويذ نويس ۽ نصراني طبيب جي قول کان گهٽ هرگز نه هوندو.

جيڪڏهن ڪو حساب ڪري ته دنيا جي عمر ڪيتري آهي، ۽ ابد، جنهن جي انتها ئي ڪانهي، ڪيترو آهي، ته سمجهي ويندو ته شريعت جي پيروي ڪرڻ ۾ جا تڪليف برداشت ڪرڻي پوي ٿي، سا ان وڏي خطري جي ڀيٽ ۾ بلڪل گهٽ آهي. خودبخود چوندو ته جيڪڏهن نبين سڳورن سچ چيو آهي ته مان انهيءَ عذاب ۾ هميشه (ابد تائين) رهندس، ته پوءِ ڪاڏي ويندس ۽ هيءَ دنيا جي چند ڏينهن واري راحت مون کي ڪهڙو فائدو ڏيندي. ۽ ممڪن آهي ته اهي (نبي سڳورا) سچ چوندا هجن!

ابد جي معنى ته هيءَ آهي ته جيڪڏهن ساريءَ دنيا کي ڪٽي ٻاجهريءَ جي داڻن سان ڀرجي، ۽ ڪنهن پکيءَ کي چيو وڃي ته هزارين سالن بعد هڪڙو داڻو چُڳي، جيئن اهي داڻا به سڀ ختم ٿي وڃن ته به ابد مان ڪجهه به گهٽ نه ٿيندو (۽ اهو جيئن جو آهي تيئن رهندو). ايترو سارو عرصو عذاب ۾ گذارڻ، پوءِ اهو عذاب خواهه روحاني هجي خواهه جسماني يا خيالي، ڪيئن برداشت ڪري سگهبو، ۽ دنيا جي زندگي ان جي مقابلي ۾ ڪيتريقدر هوندي؟ ڪوبه سمجهدار اهڙو نه هوندو وڏي خطري کان احتياط ڪرڻ ۽ بچڻ واجب آهي، پوءِ ڪٽي ڪيترو به ڪشالو ڪڍڻو پوي. ماڻهو واپار جي خاطر سمنڊ جي مسافري ڪن ٿا، جو سردست سندن سڀ گمان آهي.

جيڪڏهن ماڻهوءَ کي آخرت جو يقين نه آهي، ته گهٽ ۾ گهٽ ڪمزور گمان ته آهي. تنهنڪري جيڪڏهن هن کي پنهنجي حال تي رحم آهي، ته انهيءَ گمان کان ئي شريعت جي تابعداري ڪرڻ گهرجيس.

هڪ ڏينهن علي ڪرم الله وجه ڪنهن ڪافر يعني خدا جي منڪر سان مناظرو پئي ڪيو. چيائين ته جيڪڏهن ائين ڪٿي هجي جيئن تون ٿو چوين (يعني خدا ڪوبہ آهي)، تو پوءِ مان بہ بچي ويس ۽ تون بہ بچي وئين، پر جيڪڏهن ائين آهي جيئن مان چوان ٿو (يعني ته خدا آهي)، ته پوءِ مان بچي ويس ۽ تون ڦاسي وئين ۽ هميشه عذاب ۾ رهندين.“ هاڻي هيءَ ڳالھ جا حضرت امير المؤمنين فرمائي، اها هن سبب ڪري نه هئي ته ڪو کين الله تعالى جي ذات ۾ شڪ هو: مگر اها گفتگو ان ملحد جي عقل جي مطابق هئي، ڇا لاءِ جو پاڻ سمجهيائون ٿي ته يقين جو رستو ان کي سمجھ ۾ نه اچي سگهندو.

تنهنڪري توکي ڄاڻڻ گهرجي ته اهو، جو دنيا ۾ آخرت جي توشي هٿ ڪرڻ کان سواءِ، ٻين شين ۾ مشغول آهي، سو وڏو بيوقوف آهي. ان جو سبب آهي غفلت ۽ ناعاقبت انديشي: ڇاڪاڻ ته دنيا جون خواهشون کيس انهيءَ ڳالھ بابت غور ڪرڻ جي مهلت ئي نٿيون ڏين. نہ ته اهو ماڻهو جو آخرت (جي عذاب تي يقين رکي ٿو، ۽ اهو جنهن جو گمان غالب آهي ۽ اهو جنهن جو گمان ضعيف آهي، عقل جي نگاھ کان انهن سڀني تي واجب آهي ته هن وڏي خطري کان حذر ڪن، ۽ احتياط ۽ امن وارو رستو اختيار ڪن، ته سلامتي پائيندا.